# ڀارتيہ سنوڌان

## باب - چوٿون الف

# بنيادي فرض

**قلم 51A**

**بُنيادي فرض : ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ جو فرض آهي تہ :**

(الف) هوُ ڀارت جي سنوڌان کي مڃيندو، اُن جي قومي جهنڊي، قومي تراني، آدرش ۽ سنستا جي عزت ڪندو.

(ب) آدرش ويچارن، جن آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ همٿايو ۽ اُتساهہ ڏنو، اُنهن جي سنڀال ۽ پوئواري ڪندو.

(ڀ) ڀارت جي ايڪتا، اکنڊتا ۽ سمپوريتا جي رکشا ڪندو.

(پ) ديش جي حفاظت ڪندو ۽ وقت پوڻ تي ديش سيوا ۾ ٽپي پوندو.

(ٻ) سيني ماڻهن ۾ هڪ ايڪتا جي ڀاونا پيدا ڪندو، جيڪا ڌرم، ڀاشا، ڪيترواد جي ڀيدڀاءُ کان پري هوندي. اَهڙيون رسمون جيڪي عورت ذات خلاف هونديون، اُنهن جو بهشڪار ڪندو.

(ت) ڀارت جي جامع سنسڪرتي ۽ شاندار ورثي جي حفاظت ڪندو ۽ مُلهہ سمجهندو.

(ٿ) قدرتي ماحول جهڙوڪ جهنگل، ڍنڍون، نديون، جهنگلي-زندگي اِنهن جو بچاءُ ڪندو ۽ سيني پراڻين لاءِ دردمندي رکندو.

(ٽ) وگيانڪ درشٽي، اِنساني مُلهہ، جاچ جوچ ۽ سڌاري جي ڀاونا کي اَهميت ڏيندو.

(ٺ) عام ملڪيت کي سلامت رکندو ۽ هنسا کان پري رهندو.

(ٽ) شخصي ۽ گڏيل مشغولين جي سيني کيترن ۾ اَڳتي وڌڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪندو جنهن ملڪ اَڳتي وڌندو رهي ۽ ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇُهي.

(ڪ) ماءُ يا پيءُ يا پالڪ آهي تہ اُهو ضرور ڏسي تہ پنهنجي ٻار کي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو. جنهن جي عمر ڇهن ۽ چوڏهن سالن وچ ۾ هجي.

سرڪاري فيصلو نمبر : اَيياس ٢١١٦ / (پر.ڪر ١٦/ ٤٣) ايس. ڊي ۴ تاريخ ٢٠١٦-۴-٢٥
موجب اسٽاپت ڪيل ڪو آرڊينيٽنگ ڪاميٽيءَ جي تاريخ ٢٩.١٢.١٧ جي ميٽنگ ۾ هن
درسي ڪتاب کي سنه ٢٠١٨-١٩ کان مختصر طور منظوري ڏني ويئي آهي.

# اِتهاس ۽ ناگرڪ شاستر

## درجو اٺون

مهاراشٽر راجيه پاٺيه پُستڪ نرمتي واڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي

پنهنجي سمارٽ فون ۾ DIKSHA APP ذريعي درسي ڪتاب جي پهرين صفحي واري Q.R. Code ذريعي Digital درسي ڪتاب ۽ هرهڪ سبق ۾ آيل Q.R. Code ذريعي ان سبق بابت پڙهڻ / پڙهائڻ لاءِ ڪارائتيون لنڪس ملنديون.

AYHQNH

چاپو پهريون : 2018 © مهاراشٽرراجيه پاٺيه پُستڪ نرمتي وَ اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي-۴۱۱۰۰۴.
سڌاريل ڇاپو : 2022
مهاراشٽر راجيه پاٺيه پُستڪ نرمتي وَ اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ ٿو رکي. منڊل جي ڊائريڪٽر جي لکيل اجازت کانسواءِ هن ڪتاب جو ڪوبه ٽڪر ڇپائي نٿو سگهجي.

**ليکڪ**

شري راهول پريوُ — پر.شواني لميي
شري پائو صاحب اُماٽي — شري سنڃيه وجريڪر
شري پرشانت سروُڊڪر — پر. ساڌنا ڪلڪرني

**ڪوَر پيج سڄاوٽ**

شري دليپ قدم

**ٽائيپ سيٽنگ**

شويا لعلچنداڻي

**نقاشاڪار**

شري رويڪرڻ جاڌو

ڪاغذ : ٧٠ جي.ايس.ايم ڪريم وو

ڇپائي :

ڇپائيندڙ :

**ترجمو ڪندڙ**

شري وڄيه منگلاڻي

**چڪاس ڪندڙ**

شري شيام رهندومل ٽلواڻي

**نرمتي**

شري سچيتانند آڦڙي، مکيه نرمتي آفيسر
شري پرياڪرپرب، نرمتي اَڌڪاري
شري ششانڪ ڪڻڪدڙي، نرمتي سهايڪ

**سنيوجڪ:**

شريمتي ڪيتڪي جاني
(انچارج آفيسر سنڌي)
شريمتي گيتا گڻيش ٺاڪر
(ڪاپي رائيٽر سنڌي)

**پرڪاشڪ**

شري وويڪ اُتم گوساوي، ڪنٽرولر،
پاٺيه پُستڪ نرمتي منڊل، پرڀاديوي، ممبئي -٢٥

**اتِهاس وشيه ڪاميٽي**

ڊاڪٽر سداننڊ موري، اڌيڪش
شري موهن شيٽي، ميمبر
شري پانڊورنگ بلڪوڙي، ميمبر
ڊاڪٽر شُينگا آتري، ميمبر
ڊاڪٽر سومناٿ ريڙي، ميمبر
شري باپو صاحب شندي، ميمبر
شري بالڪرشڻ چوپڙي، ميمبر
شري پرشانت سروُڊڪر، ميمبر
شري موگل جاڌوَ ميمبر - سيڪريٽري

**ناگرڪ شاستر وشيه سمتي**

ڊاڪٽر شريڪانت پرانجپي، اڌيڪش
پروفيسر ساڌنا ڪلڪرڻي، ميمبر
ڊاڪٽر پرڪاش پوار، ميمبر
پروفيسر اجنڪيه گائڪواڙ، ميمبر
پروفيسر سنگيتا آهڙ ميمبر
شري، ويجناٿ ڪاڙي، ميمبر
شري موگل جاڌو، ميمبر سيڪريٽري

**اتهاس ۽ ناگرڪ شاستر اڀياس گٽ**

شري راهول پريوُ — ڊاڪٽر راوصاحب شيرڪي
شري سنڃيه وجريڪر — ڊاڪٽر ستيش چاپلي
شري سياش رانوڙ — شري وشال ڪلڪرني
شريمتي سنيتا دڙوي — شري شيڪر پاٽل
پروفيسر شواني لميي — شري رامداس ٺاڪر
شري پائو صاحب اُماٽي — ڊاڪٽر اجيت آپٽي
ڊاڪٽر ناگناٿ ييولي — ڊاڪٽر موهن ڪڙسي
شري سداننڊ ڊونگري — سؤ. شوڪنيا ڪدريڪر
شري رويندر پاٽيل — شري گوُتم ڊانگي
شريمتي روپالي گرڪر — ڊا. وينڪٽيش ڪرات
شريمتي ميناڪشي اُپاڌيايه — شري روندرجندي
ڊاڪٽر منجڙي ڀاليراءِ — ڊا. پرياڪر لونڍي
پروفيسر ششي نگوجڪر

# ڀارت جو سنوڌان

## ديباچو

اسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪ مڪمل طور خود مُختيار سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سم- ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڻراجيه بڻائڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري اُنهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ؛ ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي، درجي ۽ موقعي جي سمانتا؛ خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽرجي ايڪتا توڙي اکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اڄ تاريخ چويهين نومبر، ۱۹۴۹ جي ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

## راشٽر گيت

جَنَ گَڻَ مَنَ اَڌينايڪ جَيَہ هي
ڀارت ڀاڳيہ وڌاتا
پَنجاب، سنڌ، گجرات، مراٺا،
دراوڙ اُتڪل، بنگ،
ونڌيَہ، هماچَل يمُنا، گنگا،
اُڇلِ جل ڌِ تَرنگَ،
تَوَ شُڀ نامي جاڳي
تَوَ شُڀ آشيس ماڳي
ڳاهي تَوَ جيہ - ڳاٿا،
جَنَ گَڻَ منگَلَ دايَڪَ جَيَہ هي
ڀارت ڀاڳيہ وڌاتا،
جَيہَ هي، جَيہَ هي، جَيہَ هي،
جَيہَ جَيہَ جَيہَ جَيہَ هي ....

## پرتگيا

’’ڀارت منهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائر۽ ڀينر آهن.

مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي ان جي شاندار۽ طرح طرح جي ورثي تي گؤرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.

مان پنهنجن مٽن مائٽن، اُستادن ۽ سڀني بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هر ڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس.

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ئي منهنجو سک سمايل آهي.‘

# پرستاونا

وديارٿي دوستو،

درجي ٽئين کان پنجين تائين اتهاس ۽ ناگرڪ شاستر وشيہ جو اڀياس توهان ’پسگردائي اڀياس‘ ۾ ڪيو آهي. درجي ڇهين کان اڀياسڪرم ۾ اتهاس ۽ ناگرڪ شاستر الڳ وشيہ آهن درجي ڇهين کان ٻئي وشيہ هڪ ئي ڪتاب ۾ شامل ڪيل آهن. درجي اٺين جو هي ڪتاب توهانکي ڏيندي اسانکي خوشي ٿي رهي آهي.

وشيہ صحيح نموني سمجهہ ۾ اچي، وندرائيندڙ لڳي ائين ڪتاب جي رچنا ڪيل آهي. اسان جي اڇا آهي تہ توهانکي هن ڪتاب مان گيان سان گڏ خوشي پڻ ملي ان لاءِ ڪتاب ۾ رنگين چتر ڏنل آهن درسي ڪتاب جو هرهڪ باب ڌيان سان پڙهو. سمجهہ ۾ نہ ايندڙ ڳالهہ ماسترن ۽ مائٽن جي مدد سان سمجهو. چوکنڊن ۾ ڏنل مواد توهان جو گيان وڌائيندو. وڌيڪ ڄاڻ لاءِ ائپ وسيلي ڪيو. آر. ڪوڊ ذريعي هرهڪ سبق لاءِ وڌيڪ ڄاڻ ڏنل آهي. اُها توهانکي اڀياس لاءِ اُپيوگي ٿيندي. اتهاس وشيہ وندرائيندڙ آهي ۽ اهو اسانجو دوست آهي ائين سمجهي ڪتاب پڙهندا تہ توهان کي ضرور مزو ايندو.

اتهاس ڀاڱي ۾ ”جديد ڀارت جو اتهاس“ ڏنل آهي. اتهاس ۾ نوان ويچار ۽ تعليم جا قومي نج تتو، تعليمي بيان جو ميلاپ ڪري هيءُ درسي ڪتاب لکيل آهي. جديد ڀارت جي اتهاس ۾ آزادي، برابري، ڀائيچارو ۽ نياءُ ملهن کي مهتا ڪيئن ملي اهو درسي ڪتاب جي اڀياس مان ظاهر ٿيندو. درسي ڪتاب ۾ جديد ڀارت جي اتهاس جي ساڌنن بابت ٻڌايل آهي. انگريزي حڪومت جو وستار ڪيئن ٿيو. انجو جائزو ورتل آهي. انگريزي حڪومت جي زنجيرن مان ڀارت کي آزاد ڪرائڻ لاءِ جنتا جي ڪيل يادگار جدوجهد، ڪيل ٻليدان جي ڄاڻ اتهاس ڀاڱي ۾ ڏنل آهي.

ناگرڪ شاستر ڀاڱي ۾ سنسد واري سرڪاري طريقي بابت ٻڌايل آهي، اسانجي ديش جو ڪاروبار جوڙجڪ، قاعدا ۽ نيمن موجب هلندو آهي. اهو ٻڌايل آهي. درسي ڪتاب ۾ ڀارت جي سنسد، مرڪزي ڪاروبار منڊل، ڀارتي عدالتي سرشتو، راجيہ سرڪار جو ڪاروبار نؤڪرشاهي بناوت ۽ انهن جو سماج کي لوڪشاهي بڻائڻ ۾ يوگدان ظاهر ڪيل آهي.

(ڊاڪٽر سُنيل مگر)

سنچالڪ

مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پُستڪ

نرمتي و اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي

پُڻي :

تاريخ : ١٨ اپريل، ٢٠١٨، اڪڻ ٽيج

ڀارتيہ سوريہ تاريخ : ٢٨ چيت ١٩٤٠

## ماسترن لاءِ

درجي ڇهين ۾ ستين جي اڀياسڪرم ۾ نمبروار آڳاٽي زماني ۾ وچولي زماني جو اِتهاس اسان پڙهيو. درجي اٺين جي اتهاس ۾ ڀارت ۾ ٻئنڪواد ۽ ٻئنڪواد موڪڻ جي ترتيب آزاديءَ ڪانپوءِ واري زماني جي ڳڏيل مهاراشٽر جو اتهاس شامل ڪيو ويو آهي. آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ اُتساهه، ڀارت ۾ راشٽرواد جو اُسرڻ ۾ واڌارو، آزاديءَ جي سئنڪن جي اڀياس سان شاگردن جو راشٽريه جوابداريءَ جو احساس ۽ راشٽر ايمان وڌندو.

اتهاس هڪ وگيانڪ وشيه آهي اِن ۾ اتهاسڪ ساڌنن جي خاص اهميت آهي زماني موجب اتهاسڪ ساڌنن جو بدلجندڙ روپ ڏسي ڀهرين باب ۾ اتهاسڪ ساڌن شامل ڪيا ويا آهن. يورپ ۾ جاڳرتا ۽ ڪرانتي يگه سبب سامراجيواد وڌڻ لڳو ۽ ايشيا، آفريڪا کنڊ ۾ ٻئنڪواد جي ڪريا وڌڻ لڳي. ڀارت به ان مغربي سامراجيواد جي وڌ خيالت ۾ ڪيئن ڦاٿو، برٽش حڪومت جا اثر، ايندڙ وقت ۾ ڀارتواسين جو ايمان جاڳرت ٿيو ۽ ان لاءِ ڪين اتساهه ڪيئن مليو ان بابت پڙهنداسين.

ڀارت جي آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ اڀياس ڪرڻ وقت ١٨٥٧ جي آراديءَ جي ويڙه، راشٽر ۾ سڀا جي استاپنا، گرم ۽ نرم ڌر عرصي ۾ راشٽريه سڀا جو ڪم گانڌي يگه، ستياگرهي آندولن، هٿيار بند ڪرانتيڪاري هلچل، آزاد هند سئنا جو سنگهرش، آزادي حاصل ٿيڻ، رياستن کي شامل ڪرڻ، فرينچ ۽ پورچوگيزن ٻئنڪن جي آزادي اِنهن گهٽنائن جي سموري ڄاڻ شاگردن کي علحدن ڏسڻ ٻڌڻ جي ساڌنن (فلمون، ڄاڻ واريون فلمون، رڪاردنگه) ڪيتر پيٽ، نمائن، سنچيڪا، اخبارون وغيره وسيلن ذريعي ڏيئي سگهجي ٿي.

سياسي گهٽنائن نسبت ڀارت جي سماجڪ ۾ مالي ڪيتر ۾ تبديليون ڪيئن ٿيون، سماجڪ ۽ سياسي برابري جو خيال ڀارتواسين ۾ ڪيئن پڪو ٿيو ان بابت شاگردن کي ٻڌائي سگهجي ٿو. ڀارتيه اتهاس جو پس منظر پڙهندي مهاراشٽر راجيه جو ٺهڻ ۽ ڳڏيل مهاراشٽر آندولن بابت به اسانکي خيال ۾ رکڻو آهي.

درجي ستين جي ناگرد شاستر ڀاڱي ۾ اسان جوڙجڪ ۾ ظاهر ٿيندڙ اصولن ۽ ملفن جو اڀياس ڪيو آهي درجي اٺين ۾ ناگرڪ شاستر ۾ جوڙجڪ جو ٺاهيل سرڪاري سرشتو، ڪاروباري سرشتو، عدالتي سرشتو جو ويچار ڪيل آهي. اهو مواد هم وقتي واقفن ذريعي سيکاريو انجو جوڙجڪ جي اصوُلن ۽ ظاهري ملهن ۽ آدرش سان لاڳاپو ڪيو.

جوڙجڪ هڪ موکي دستاويز آهي، ان ذريعي لوڪشاهي ۽ قاعدي جو راڄ عمل ۾ ايندو آهي اهو شاگردن کي سمجهائجي. ان سان شاگردن جو سماجڪ ۽ مالي سمجهه وڌيڪ پختي ٿيندي. لوڪشاهي سنسٿائون سياسي ترتيبيون ۾ لاڳاپو ڳولهڻ شاگردن لاءِ ممڪن ٿيندو. درسي ڪتاب ۾ ڏنل مواد جي آڌار تي ڳالهه ٻولهه، گروهه چرچا، عملي ڪم، پت شڪل وغيره وسيلي انيڪ سياسي ڀاسا سمجهي سگهجن اهڙيون مشغوليون شاگردن کان ڪرائجن.

درسي ڪتاب ٺاهڻ وقت گيان رچناوادي ۽ عملي تعليم تي زور ڏنو ويو آهي. شاگردن لاءِ مواد بابت وڌيڪ ۾ وندرائيندڙ ڄاڻ جون چوکٽ ڏنل آهن. ان سان گڏ اچو ته ڳالهه ٻولهه ڪريون، ڪري ڏسون وسيلي شاگردن کي چست بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. اڀياس ۽ مشغوليون اهڙيون آهن جنهن سان شاگردن جي عملي ڪم. ويچار شڪتيءَ ۽ خود اظهار کي موقعو ملي. مواد بابت پورڪ ڄاڻ ٿيڻ لاءِ ڪيوُ آر ڪوڊ درسي ڪتاب ۾ ڏنل آهن. ان وسيلي پڙهائڻ وڌيڪ اثردار بڻجندو.

# اتهاس
# (جديد ڀارت جو اتهاس)

## فهرست


| نمبر | باب جو نالو | صفحہ نمبر |
|---|---|---|
| ١. | اتهاس جا ساڌن | 1 |
| ٢. | يورپ ۽ ڀارت | 5 |
| ٣. | برٽش سلطنت جا اثر | 10 |
| ٤. | ١٨٥٧ وارو قومي بلوو | 15 |
| ٥. | سماجڪ ۽ ڌرمي جاڳرتا | 21 |
| ٦. | آزاديءَ جي هلچل جي يڳ جي شروعات | 25 |
| ٧. | اسهڪار هلچل | 31 |
| ٨. | نئڙت سان قاعدو ٽوڙڻ جي هلچل | 36 |
| ٩. | آزاديءَ جي لڙائيءَ جو آخري ڏاڪو | 40 |
| ١٠. | هٿيار بند انقلابي هلچل | 45 |
| ١١. | برابريءَ لاءِ سنگهرش | 50 |
| ١٢. | آزادي حاصل ٿي | 56 |
| ١٣. | آزاديءَ جي لڙائيءَ جي پورائي | 59 |
| ١٤. | مهاراشٽر راجيہ جو نهڻ | 62 |



**S.O.I. Note :** The following foot notes are applicable : (1) © Government of India, Copyright : 2018. (2) The responsibility for the correctness of internal details rests with the publisher. (3) The territorial waters of India extend into the sea to a distance of twelve nautical miles measured from the appropriate base line. (4) The administrative headquarters of Chandigarh, Haryana and Punjab are at Chandigarh. (5) The interstate boundaries amongst Arunachal Pradesh, Assam and Meghalaya shown on this map are as interpreted from the "North-Eastern Areas (Reorganisation) Act. 1971," but have yet to be verified. (6) The external boundaries and coastlines of India agree with the Record/Master Copy certified by Survey of India. (7) The state boundaries between Uttarakhand & Uttar Pradesh, Bihar & Jharkhand and Chattisgarh & Madhya Pradesh have not been verified by the Governments concerned. (8) The spellings of names in this map, have been taken from various sources.

# علمي حاصلات

## سکڻ سيکارڻ جي پرڪريا

سکندڙن کي ٻن يا گروپس / اَڪيلي ۾ وجهه ڏنا وڃن ۽ همٿايو ته ...

- اَلڳ اَلڳ واقعن جهڙوڪ انگريزن جي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ پاڻ کي پارٽي راڄائن جي جهيڙن ۾ ڇو دخل ڏني ان بابت سوال اُٿاري ٿو.
- الڳ الڳ وشين تي پروجيڪٽ ۽ مشغوليون ڪري ٿو
- گانڌيءَ جي اهنسا جي ويچارڌارا ۽ اُنجو قومي هلچل تي اثر وشيه تي مضمون لکڻ.
- پارٽي قومي هلچل جي مکيه واقعن جي وقتي ليڪ ٺاهڻ
- ڇوڙا ڇوڙي هلچل تي ناٽڪ پيش ڪرڻ
- ٻئنڪي راڄ ۾ واپاري فصلن جا اثر نقشي هيٺ ٻڌائڻ.
- جدا جدا تحرڪن جو اتهاس سمجهڻ ۽ وري رچنا ڪرڻ لاءِ مڪاني ۽ انگريزي ڄاڻ جي وسيلن جهڙوڪ آتم جيوني، جيوني، ناول چترَ، ليکَ، دستاويز ، فلمون ڏسي ٿو.
- خود ملهه ماپڻ لاءِ تعليمي سڌريل سوالن جهڙوڪ پلاسي جي لڙائيءَ جا سبب ڪهڙا هئا؟ وغيره بابت ويچار ڪري ٿو.
- ٻئنڪوادي ڪاروبار جا مرڪز ۽ آزاديءَ جي هلچل جا مکيه هنڌ، وغيره خاص اتهاسڪ هنڌن جو دؤرو ڪرڻ.

## علمي حاصلات

سکندڙ :

- ايسٽ انڊيا ڪمپني وڏي شڪتي ڪيئن ٿي اهو سمجهائي ٿو.
- ٻئنڪي راڄ ۾ کيتيءَ جي يوجنائن بابت ڄاڻ رکي ٿو.

مثال : ٻاڙي واري کيتي

- انگريزي حڪومت جي آديواسي طبقي نسبت يوجنائون ٻڌائي ٿو.
- ١٨٥٧ جي آزاديءَ جي لڙائيءَ جو اُسرڻ ۽ ڦهلاءُ ۽ انمان مليل سبق سمجهائي ٿو.
- ٻئنڪي راڄ ۾ اڳين شهري ايراضين ۽ اديوگن جي پنتي پوڻ ۽ نون شهرن جي اسرڻ جي ڇنڊڇاڻ ڪري ٿو.
- نئين تعليمي سرشتي جي سنستائن بابت ڄاڻ سمجهائي ٿو.
- جات، عؤرتن ۽ وڏوا وواه، ٻار وواه، سماجڪ سُڌارا وغيره مُدن جي ڄاڻ حاصل ڪري ٿو ۽ ٻئنڪي راڄ ۾ انگريزي حڪومتن جو انهن ڏانهن رخ سمجهي ٿو.
- ڪلا جڳت ۾ جديد واقعن بابت ٻڌائي ٿو.
- ١٨٧٠ کان پارت جي آزاديءَ تائين ڀارتي راشتريه هلچل جو خاڪو پيش ڪري ٿو.

- راشٽر نرماڻ جي ترتيب اَهميت وارن خاص بدلاوَن جي ڇنڊڇاڻ ڪري ٿو.

- اتهاس جا الڳ الڳ ساڌن سُڃاڻي ٿو ۽ ان وقت جو اتهاس وري لکڻ لاءِ ضرورت ٻڌائي ٿو.
- الڳ وسيلا، الڳ الڳ علائقن لاءِ نالي وارا نيم ان زماني جون اتهاسڪ گهٽنائون وسيلي جديد زمانو وچولو زمانو ۽ آڳاٽو زمانو ۾ فرق ٻڌائي ٿو.

- آديواسي سماج نسبت برٽش جون نيتيون ٻڌائي ٿو.

# ١. اتهاس جا ساڌن

آڳاٽي ۽ وچولي زماني واري ڀارت جي اتهاس جي ساڌنن جو اسان اڀياس ڪيو آهي. هن سال اسان جديد ڀارت جي اتهاس جي ساڌنن جو اڀياس ڪنداسين. اتهاس جي ساڌنن ۾ ڀوتڪ، لکيل ۽ زباني ساڌن شامل آهن. جديد تڪنيڪ تي آڌارت ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ ڏسڻ - ٻڌڻ جا ساڌن شامل آهن.

**ڀؤتڪ ساڌن :** اتهاس جي ڀوتڪ ساڌنن ۾ جدا جدا شيون، عمارتون، سڪا، پتلا ۽ ٻيا وغيرھ ساڌن شامل ڪري سگھجن ٿا.

**عمارتون :** جديد ڀارت جي اتهاس جو عرصو يورپي ۽ خاص ڪري برٽش حڪمرانن ۽ رياستن جي راڄ ڪاروبار جو مڇيو ويندو آهي. ان عرصي ۾ جدا جدا عمارتون، پلون، رستا، پاڻي انتظام، ڦوهارا وغيرھ اڏاوتون ٿيون. عمارتن ۾ ڪاروباري آفيسون، عملدارن، نيتائن ۽ ڪرانتيڪارين جا گھر، رياستن جا محل، قلعا، جيل وغيرھ شامل هيون. انهن مان ڇڱيون عمارتون اڄ بہ سُٺي حالت ۾ آهن. ڪن عمارتن کي قومي يادگار ظاهر ڪيو ويو آهي ۽ ڪن کي عجائب گھر ظاهر ڪيو ويو. مثال، اندمان جو سيليوڙر جيل.

انهن عمارتن جو دؤرو ڪرڻ سان اسانکي ان وقت جي اتهاس معماري، مالي حالت بابت ڄاڻ ملي ٿي. مثال اندمان جي سيليوڙر جيل جو دؤرو ڪرڻ سان آزادي وير ساورڪر جي ڪرانتيءَ جي ڪم بابت، ممبئيءَ جي مٽي ڀون يا ورڌا جي سيوا گرام آشرم وڃڻ سان گانڌي زماني جي اتهاس بابت ڄاڻ ملي ٿي.

**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

**عجائب گھر ۽ اتهاس :** اتهاس جي اڀياس لاءِ عجائب گھرن ذريعي جدا جدا شين، چترن، تصويرون جو جتن ڪيو ويندو آهي. پڻي جي آغاخان پئليس جي گانڌي يادگار عجائب گھر ۾ اسانکي گانڌيجيءَ جي استعمال واريون انيڪ شيون، ڪاغذپت ڏسڻ لاءِ ملندا.



آغاخان پئليس، پڻي.

**پُتلا ۽ يادگار :** آزاديءَ کان اڳ آزاديءَ ڪانپوءِ واري وقت ۾ انيڪ شخصن جا يادگار پتلن جي روُپ ۾ اڏيا ويا. اهي پتلا بہ جديد ڀارت جي اڀياس لاءِ اهم آهن. جدا جدا پتلن وسيلي اسانکي ان وقت جي حڪمرانن، سماج جي مانوارن شخصن جي ڄاڻ ملي ٿي. پتلن جي تختيءَ تي شخص جو پورو نالو، جنم - مؤت جي ڄاڻ، انجو ڪم، جيوني بابت ڄاڻ ملي ٿي. مهاتما جوتيراوَ ڦلي، لوڪمانيہ تلڪ، ڊا. بابا صاحب امبيڊڪر وغيرھ جي پتلن سان گڏ، جدا جدا واقعن سان جڙيل يادگار

ان واقعي جي وقت، واسطيدار ماڻهن جي ڄاڻ ڏين ٿا. مثال شهيدن جا يادگار



**ڪري ڏسو**

توهانجي پسگردائيءَ جي يادگارن ۾ پڙهن جي ڄاڻ حاصل ڪريو. انهن وسيلي توهانکي انهن واقعن يا شخص بابت ڪهڙي ڄاڻ ملي ٿي اها لکو.

**لکيل ساڌن :** جديد ڀارت جي اتهاس جي لکيل ساڌنن ۾ هيٺيون ڳالهيون شامل آهن.

لکيل ساڌن

- خط
- ويديشي ماڻهن جون داخلا
- اخبارون
- جِيونيون
- مخزن
- فئڪٽري رڪارڊ
- آتم جيوني
- ڪتاب

**اخبارون ۽ مخزنون :** اخبارن وسيلي اسانکي ان وقت جي واقعن جي ڄاڻ ملي ٿي. انهن ۾ واقعن جي چنڊڇاڻ، ودوانن جي ويچارن، سمپادڪيه ليکن جي ڄاڻ ملي ٿي. اخبارن وسيلي ان وقت جي سياسي سماجڪ، مالي، سيئنڪ ڳالهين جي ڄاڻ ملي ٿي. آزاديءَ کان اڳ واري وقت ۾ گيانوديه، گيان پرڪاش، ڪيسري، دين بنڌوُ، امرت بزار پترڪا وغيره اخبارون سُڄاڳيءَ جو اهم ساڌن هيون. انهن اخبارن مان اسان برٽش سرڪار جون ڀارت لاءِ نيتيون، انهن جا ڀارت تي اثر وغيره جو اڀياس ڪري سگهون ٿا. برٽش وقت ۾ اخبارون نه فقط سياسي پر سماجڪ سڄاڳيءَ جو ڪم به ڪنديون هيون. وشڻوُ شاستري چپلوڻڪر جي مضموُن مالها، مهني وار وسيلي لوڪ هت وادي عُرف گوپال هري ديشمڪ جي پرڀاڪر

هفتيوار اخبار ۾ لکيل سؤ خط ذريعي الڳ الڳ سماجڪ ۽ سيئنڪ وشين تي ٽيڪا ٽپڻي ڪئي.

**اچو ڄاڻي وٺون**

**ڊا. بابا صاحب امبيڊڪر ۽ اخبارون :**

ڊا. بابا صاحب امبيڊڪر ١٩٢٠ جي جنوري مهني ۾ ’موڪ نايڪ‘ به هفتا اخبار شروع ڪئي. پر ڪين وڌيڪ تعليم لاءِ انگلنڊ وڃڻو پيو تنهن ڪري هنن ان اخبار جو ڪم پنهنجي ساٿيءَ کي سؤنپيو. ڊا. بابا صاحب امبيڊڪر اپريل ١٩٢٧ ۾ ’بهشڪرت ڀارت‘ مخزن شروع ڪئي. هن ان اخبار وسيلي عام جنتا جي سُڄاڳيءَ ۽ سنگهٺن جي ڪوشش ڪئي. ان ڪانسواءِ ’جنتا‘ ۽ ’پربڌ ڀارت‘ اخبارون به شروع ڪيون.




**نقشا ۽ خاڪا:**

نقشا به اتهاس جا اهم ساڌن آهن. نقشي ذريعي اسانکي ڪنهن شهر يا هنڌ جو بدلجندڙ روپ سمجهه ۾ اچي ٿو. برٽش زماني ۾ برپا ٿيل سروي آف انڊيا آزاد وياڳ ڀارت جا، ڀارت جي پرانتن جا، شهرن جا وگيانڪ طريقي جاچ ڪري نقشا تيار ڪيا آهن. نقشن وانگر انجنيئرن دوران ٺاهيل خاڪا پڻ عمارت ۽ ڪنهن ڀاڱي جي وڪاس جا ڏاڪا اڀياس ڪرڻ لاءِ اهم هوندا آهن.

مثال ممبئي پورٽ ٽرسٽ وياڻ وٽ ممبئي بندر جو مول خاڪو آهي بندر جي وڪاس ۾ آرڪيلاجسٽ ۽ انجنيئرن دواران ناهيل خاڪن مان اسانکي ممبئيءَ جي شهري وڪاس جي ڄاڻ ملي سگهي ٿي.

**زباني ساڌن :** جديد ڀارت جي اتهاس جي زباني ساڌنن ۾ هيٺ ڏنل ساڌن شامل آهن.




**اُتساهه جا گيت :** آزاديءَ جي آندولن وقت انيڪ اُتساهه ڏيارينڌڙ گيت ٺهيا اُنهن مان ڪيترائي اڄ لکيل روُپ ۾ آهن. پر انيڪ شايع نه ٿيل اُتساهه ڏيارينڌڙ گيت آندولن ڪارين ڪي زباني ياد آهن. انهن گيتن ذريعي اسان کي آزاديءَ کان اڳ جون حالتون، آزاديءَ جي آندولن لاءِ اُتساهه ڏيارينڌڙ ڳالهين جي ڄاڻ ملي ٿي.

**پوواڙا :** پوواڙن مان اِتهاسڪ واقعي ۽ شخصن جي ڪم جي ڄاڻ ملي ٿي. ١٨٥٧ جي آزاديءَ جي لڙائي، ڪرانتيڪارين دواران ڏيکاريل بهادري وغيره تي پوواڙا ٺاهيا ويا. انهن پوواڙن وسِيلي ماڻهن ۾ جوش پئدا ڪيو ويندو هو. آزاديءَ جي لڙائيءَ وانگر ستيه شوڌڪ سماج پوواڙي ذريعي پيڙهيل سماج ۾ سُجاڳي ۽ ڳڌيل مهاراشٽر جي لڙائي وغيرهه بابت به پوواڙا ٺاهيا ويا.

**ٻڌڻ، ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ڏسڻ جا ساڌن :** جديد وقت ۾ تڪنيڪ واڌاري سبب فوٽو گرافي رڪارڊنگ، فلمون وغيرهه ڪلائن جو واڌارو ٿيو. ان مان ٺهيل فوٽو گراف، رڪارڊس، فلمون انهن جو استعمال اتهاسڪ ساڌنن جي روُپ ۾ ٿئي ٿو.

**فوٽو گراف :** فوٽو گرافس جديد ڀارت جي اتهاس جا ڏسڻ وارا ساڌن آهن. فوٽوگرافيءَ جي ڪلا جي ڪوجنا ٿيڻ کانپوءِ شخصن، واقعن ۽ شين، عمارتن جا فوٽو ڪڍيا وڃڻ لڳا. انهن فوٽن وسيلي اسانکي اهي شخص يا واقعا جيئن هئا يا ٿي گذريا ان جي نظري ڄاڻ ملي ٿي. وچولي زماني جا شخص ڪيئن ڏسبا هئا يا واقعا ڪيئن ٿي گذريا انهن جا چٽر موجود آهن پر انهن جي سچائيءَ بابت سوال اُٿندا آهن. انجي ڀيٽ ۾ فوٽو گرافس وڌيڪ وشواس جوڳا آهن. فوٽو وسيلي اهي شخص ڪيئن ڏسبا هئا ۽ سندن پهراوي بابت ڄاڻ ملي ٿي. واقعن جي فوٽن مان اهي واقعا نظر اڳيان اچي وڃن ٿا ۽ شين، عمارتن جو روُپ سمجهه ۾ اچي ٿو.

**رڪارڊس :** فوٽوگرافي ڪلا وانگر رڪارڊنگ تڪنيڪ جي ڪوجنا به اهم آهي. رڪارڊس اهي ٻڌڻ جا ساڌن آهن. جديد زماني ۾ نيتائن يا خاص شخصن جا ڀاشڻ، گيت رڪارڊس جي روُپ ۾ موجوُد آهن. انهن کي اتهاس جي ساڌنن جي روُپ ۾ واپرائي سگهجي ٿو. مثال، روينڊرناٿ ٺاڪور جو پاڻ ڳايل ’جن ڳڻ من‘ راشٽر گيت يا سڀاش چندر بوس جو ڀاشڻ انهن جو اپيوڳ جديد ڀارت جي اتهاس جي اڀياس ۾ ٻڌڻ جي ساڌنن موجب ڪري سگهجي ٿو.



**ڪري ڏسو**

ڀارتي آزاديءَ جي آندولن سان واسطيدار اُتساهه گيتن ۽ پوواڙن کي گڏ ڪريو ۽ اهي پيش ڪريو.

**فلم :** فلمون جديد تڪنيڪ جي هڪ الڳ ڪوجنا آهي. ويهين صديءَ ۾ فلمي تڪنيڪ ۾ گهڻي ترقي ٿي. دادا صاحب ڦالڪي سن ١٩١٣ ۾ ڀارتي فلمن جو پايو وڌو. ڀارتيه آزاديءَ جي آندولن جي دانڊي ياترا، لوڻ جو ستياگره، ڇڏي وڃو هلچل وغيره اِتهاسڪ واقعن جا ويڊيو موجود آهن. انهن ويڊيوس سبب اسان اهي واقعا جيئن جو تيئن ڏسي سگهون ٿا.

پراچين ۽ وچولي زماني جي ڀيٽ ۾ جديد ڀارت جي اتهاس جو اڀياس ڪرڻ لاءِ گهڻي انداز ۾ علحدن قسمن جا ساڌن موجود آهن. ان عرصي جا پوٿڪ ساڌن گهڻي قدر سُٺي حالت ۾ آهن. دستاويزي گهرن ۾ جتن ڪيل انيڪ لکيل ساڌن به موجود آهن پر لکيل ساڌنن جو اِستعمال ڪرڻ وقت اهي ويچار ڪهڙي سوچ سان لکيل آهن ۽ لکندڙ جو ڪنهن واقعي ڏانهن نظريو ڪهڙو آهي اهو جاچڻو پوي ٿو. انهن ساڌنن جو جتن ڪرڻ ضروري آهي. اتهاسڪ ساڌنن جو جتن ڪرڻ سان اتهاس جو پريو پاڳيو ورثو ايندڙ پيڙهين کي سؤنپي سگهجي ٿو.

## اڀياس

١. ڏنل جوابن مان مناسب جواب چونڊي بيان وري لکو -

(١) اتهاس جي ساڌنن مان ........................ ساڌن جديد تڪنيڪ تي آڌارت آهي.

(الف) لکيل (ب) زباني

(ب) پوتڪ -طبعي (پ) ڏسڻ - ٻڌڻ جا

(٢) پٽي جي ................ گانڌي سمارڪ يادگار عجائب گهر ۾ گانڌيجيءَ بابت ڄاڻ ملي ٿي.

(الف) آغاخان پئلس (ب) سابرمتي آشرم

(ب) سيليولر جيل (پ) لڪشمي ولاس پئليس

(٣) ويهين صديءَ جي جديد تڪنيڪ جي هڪ انوکي ايجاد ................ آهي.

(الف) پوواڙا (ب) فوٽو گراف

(ب) مُلاقات (پ) فلمون

٢. هيٺيان بيان سبب ڏيئي سمجهايو-

(١) برٽش وقت ۾ اخبارون سماجڪ سڄاڳيءَ جي وسيلي طور به ڪم ڪنديون هيون.

٢. ويڊيو فلم جديد ڀارت جي اتهاس اڀياس لاءِ بيحد وشواس جوڳو ساڌن مڃيون وينديون آهن.

٣. نوٽ لکو.

(١) فوٽو گراف (٢) عجائب گهر ۽ اتهاس

(٣) ٻڌڻ جا ساڌن

٤. خيالي چٽر پورو ڪريو-




**مشغولي**

(١) ڀارتي آزاديءَ جي لڙائيءَ جي الڳ الڳ واقعن جا فوٽو گراف انٽرنيٽ وسيلي گڏ ڪريو.

(٢) آزاديءَ جي لڙائيءَ جي وڏن اڳوانن ۽ سندن جيونين جو اڀياس ڪريو.

# ۲. يورپ ۽ پارت

هاڻوڪي وقت ۾ يورپ ۾ ٿيندڙ (گهٽجندڙ) الڳ - الڳ واقعن جو اَثر پارت ۾ ٿي رهيو هو. تنهنڪري هاڻوڪي پارت جي اتهاس جي وقت جو اڀياس ڪرڻ وقت اُن وقت جي يورپ ۾ ٿيندڙ اُٿل پٿل اَهم حصو آهي.

**جاڳرتا وارو زمانو :** يورپ ۾ وچولي زماني جي پڇاڙيءَ وارو دؤر عيسوي سنه ۱۳ صدي کان ۱۶ صدي جاڳرتا وارو زمانو ڪري سڏجي ٿو. اِن عرصي ۾ جاڳرتا، جاگرافيڪل کوج ۽ ڌارمڪ سڌاري جي هلچل وارين گهٽنائن سبب هاڻوڪي زماني جو بنياد پيو. تنهنڪري هن زماني کي جاڳرتا وارو زمانو سڏجي ٿو.

هن زماني ۾ ڪلا، اَڏاوت فيلسوفي وغيره ڪيترن ۾ پراچين گريڪ ۽ رومن جي ريتين رسمن کي پنر جيون مليو. جاڳرتا چؤمکي وڪاس کي هٿي ڏني. هڪ انسان جو ٻي انسان ڏانهن نهارڻ جو نظريو بدليو.ڌرم بدران انسان سيني ويچارن جو مرڪز بڻيو.

**ليوناردو - ڊي-ونسي :** هي جاڳرتا جي ڪلا جو سرمور ڪلاڪار ليکيو وڃي ٿو. هو ساهتيه ۽ ڪلائن ۾ پڙ هو. شلپ ڪلا، عمارت سازي حساب، اَنجنيري، سنگيت، آڪاش، وديا جهڙن ڌار - ڌار وشين تي سنڌس زبردست پڪڙ هئي پر هو چترڪار طور دنيا ۾ مشهور هو. هن جا اَمر شاهڪار چتر آهن ''مونا ليزا'' ۽ ''دي لاسٽ سپر''



جاڳرتا هلچل انساني جي سيني ڪيترن کي وشال ڪندڙ هڪ وڏي هلچل هئي وڳيان ۽ الڳ الڳ

ڪلا جي ڪيترن ۾ جاڳرتا هلچل نيون ڪلائون اُسريون. جاڳرتا واري عرصي جي ڪلا ۾ ساهتيه مان انساني جذبات، ڏک سک، آنند جو چتر نظر اَچڻ لڳو. ماڻهن کي جلد سمجهه ۾ اَچڻ لاءِ پرايشڪ بولين ۾ ساهتيه تيار ٿيڻ لڳو. عيسوي سنه ۱۴۵۰ ۾ جرمنيءَ جي جهونس گٽن برگ ڇپائيءَ جي مشين جي کوجنا ڪئي. ڇپائي مشين جي کوجنا ڪري نوان ويچار، نيون ڳالهيون، گيان سماج ۾ هرهنڌ پهچائڻ سولو ٿي پيو.

**ڌرمي سڌارن جي هلچل :** کليل دماغ سان ويچار ڪندڙ سڌارڪن رومن ڪئٿلڪ چرچ جي جهونن ڌرمي ويچارن جي خلاف آواز اُٿاريو. ماڻهن جي اڳيان جو اَجوڳ فائدو وٺي ڌرمي اڳوانن ڪرم ڪانڊ جو ڄار وڇايو هو. ڌرم جي نالي ماڻهن کي لٽيندا هئا، هن جي خلاف يورپ ۾ هلچل شروع ٿي، جنهن کي 'ڌرمي سُڌارن جي هلچل' ڪري چئجي ٿو. هن هلچل سبب ڌارمڪ ڪيترن جي ماڻهن ۾ آزاديءَ ذهني شڪتي جي متن کي اَهميت حاصل ٿي.

**جاگرافيڪل کوج :** عيسوي سنه ۱۴۵۳ ۾ آٿومن ترڪن بايجهنٽائن سلطنت جي راڄڌاني ڪانسٽنٽنوپل (استنبول) فتح ڪيو. ان شعر مان ايشيا ۽ يورپ ڏانهن ويندڙ خشڪي رستو هو. ترڪن اهو رستو بند (روڪڻ) ڪري يورپي ملڪن کي ايشيا ڏانهن ويندڙ رستو ڳولهڻ ضروري ٿي پيو. تنهنڪري جاگرافيڪل کوج جو نئون دؤر شروع ٿيو.

**سمجهي وٺو :**

**جاگرافيڪل کوج :** پندرهين صديءَ ۾ يورپي ساموندي خلاصي پارت ڏانهن ويندڙ ساموندي رستي جي ڳولها ڪرڻ لاءِ نڪتا.

- عيسوي سن ۱۴۸۷ ۾ پارت جي کوج ڪرڻ لاءِ بارٿولوميوڊايس نالي پورچوگيز خلاصي نڪتو. پر هو آفريڪا جي ڏاکڻي ڪنڊ يعني ’ڪيپ آف گوڊ هوپ‘ وٽ پهتو.
- عيسوي سن ۱۴۹۲ ۾ ڀارت جي اولهه پاسي وچي کوج ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڪرسٽوفر ڪولمبس آمريڪا کنڊ جي اوير ڪناري پهتو.
- عيسوي سهه ۱۴۹۸ ۾ پورچوگيز خلاصي واسڪو ڊيگاما آفريڪا جي ڏاکڻي ڪنڊ جو ڦيرو پائي پارت جي اولهه ڪناري تي ڪاليڪٽ بندر وٽ پهتو.



**ڌيان ڏيو :**

- دنيا جي نقشي ۾ ساموندي خلاصين جي کوج ڪيل نئين ساموندي رستي ۽ پرديشن کي ڏيکاريو.

**يورپ جي ويچارڪ ڪرانتي :** جاڳرتا واري عرصي ۾ ٿيل تبديلين ڪري يورپ جي وچولي زماني کان هاڻوڪي زماني ڏانهن شروعات ٿي. انهيءَ عرصي ۾ يورپ ۾ ويچارن جي ڪرانتي آئي. پهرين جي انڌ شرڌا ۽ انڌوشواس مان سماج ٻاهر نڪتو. پُرڻين ريتين رسمن ۽ گهٽنائن ڏانهن ڏسڻ جو نظريو بدليو. انهن سيني تبديلين کي ”ويچارڪ ڪرانتي“ سڏيو وڃي ٿو. ان ويچارڪ ڪرانتيءَ مان يورپ ۾ وگيانڪ کيتر ۾ کوج کي اهميت ملي.

**راڄنيتڪ کيتر ۾ انقلاب :** هاڻوڪي وقت جي شروعاتي ڏاکي ۾ يورپ ۾ انيڪ راڄنيتڪ تبديليون ٿيون. ۱۸ ۽ ۱۹ صديءَ ۾ ٿيل انيڪ ڪرانتيڪاري گهٽنائن ڪري اهو عرصو ”ڪرانتي يگ“ ڪري سڏيو وڃي ٿو. ان عرصي ۾ انگلينڊ ۾ سنسدي لوڪشاهيءَ جو وڪاس ٿيو. ڪئبينيٽ سرشتي جي روپ ۾ بدل ٿيو. عيسوي سن ۱٦۸۹ جي بل آف رائيٽس ڪري راڄا جي اَڌڪارن تي بندش وڌا ويا. پارليامينٽ جو اڌيڪار قائم ٿيو.

**آمريڪا جي آزاديءَ جي لڙائي :** يورپ ۾ ٿيندڙ ڪرانتيڪاري گهٽنائن جي پس منظر آمريڪا جي آزادي جي لڙائيءَ جو ويچار ڪرڻ اهميت وارو آهي. آمريڪا کنڊ جي کوج کان پوءِ يورپي ديشن پنهنجو ڌيان ان کنڊ ڏانهن ڪيو. سامراڄيوادي يورپي ديشن آمريڪا کنڊ جي جدا جدا پرديشن کي ضابطي هيٺ ڪري اُتي پنهنجون بئنڪون برپا ڪيون. آمريڪا جي اُتر اوير ڪناري تي انگلينڊ ۱۳ بئنڪون قائم ڪيون. شروعات ۾ انگلينڊ جو بئنڪن مٿان نالي ماتر اَڌر هو. پر اڳتي هلي انگلينڊ جي پارليامينٽ آمريڪا جي بئنڪن مٿان ڪڙا بندن وڌا ۽ ڍلون لڳائڻ جي شروعات ڪئي. آمريڪا جي آزادي چاهيندڙ جنتا ان جو ورود ڪيو. انگلينڊ بئنڪن کي دٻائڻ لاءِ يُڌ ڪئي. آمريڪي بئنڪن جارج واشنگٽن جي اڳواڻيءَ هيٺ سئنا گڏ ڪري لڙائي ڪئي. آخرڪار بئنڪن جي سئنا کي سوڀ حاصل ٿي. اها گهٽنا ”آمريڪا جي آزادي جي لڙائي“ ڪري سڏجي ٿي. اهڙي طرح بئنڪن کي گڏ ڪري آمريڪا سنگم راڄيه راڄ سرشتو لکيل جوڙجڪ وارو لوڪشاهي سرشتي وارو ديش وجود ۾ آيو.

**فرينچ راڄ خلاف انقلاب :** عيسوي سن ۱۷۸۹ ۾ فرانس جي رعيت بد انتظامي واري راڄائي حڪومت ۽ حڪم شاهيءَ خلاف هلچل هلائي ۽ پرجا جوراڄ قائم ڪيو. اها گهٽنا فرينچ انقلاب طور ڄاتي وڃي ٿي. فرينچ انقلاب سڄي دنيا کي آزادي، سمانتا ۽ ڀائپي جهڙن متن کي ڏنو.

دنيا جي اتهاس جي راڄنيتڪ هلچل ۾ آمريڪا جي آزاديءَ جي لڙائي ۽ فرينچ راڄ انقلاب جي وڏي اَهميت آهي.

**هنري انقلاب :** ارڙهين صديءَ جي پوئين اڌ کان وٺي يورپ جي هنري کيتر ۾ انقلابي ڦيرو اَچڻ شروع ٿيو ٻاف جي زور تي هلندڙ مشينن جي مدد سان مال تيار ٿيڻ لڳو. گهرو هنرن جي جڳهه ڪارخانن ورتي. هٿ جي آڏاڻن جي عيوض مشيني آڏاڻا شروع ٿيا. ريل گاڏي ۽ آگبوٽ جهڙا آمدرفت جا نوان وسيلا تيار ٿيا. مشيني يگ جي شروعات ٿي. اِن کي ئي هنري انقلاب چئجي ٿو.

اِنگلئنڊ ۾ هنري انقلاب شروع ٿيو. تنهن کان پوءِ ڏيري ڏيري اُلهندي دنيا ۾ ڦهلجي ويو. ان عرصي ۾ انگلئنڊ جي هنري انقلاب ايترو تہ واڌارو ڪيو جو انگلئنڊ جي ڳٽپ ’دنيا جو ڪارخانو‘ ڪري ليکجڻ ۾ آئي.

**پونجيواد جي شروعات :** نئين سامونڊي رستي جي کوج کان پوءِ يورپ ۽ ايشيائي ملڪن وچ ۾ واپار جي شروعات ٿي. سامونڊي رستي اوير وارن ملڪن سان واپار ڪرڻ لاءِ انيڪ واپاري اڳيان آيا. هڪ واپاري کي جهاز سان مال موڪلڻ ممڪن ڪونہ هو. تنهنڪري انيڪ واپاري گڏجي واپار ڪرڻ لڳا. ان سان ئي پاڻيواريءَ ۾ سيڙائڻ واريون انيڪ ڪمپنيون برپا ٿيون. اوير وارن ملڪن سان ٿيندڙ واپار فائدي وارو هو. ان واپار سان ملڪن جي آرٿڪ خوشحالي حاصل ٿي. تنهن ڪري يورپي حاڪمن واپاري ڪمپنين کي لشڪري بچاءُ ۽ واپاري سهوليتون ڏنيون. ان واپار سان يورپي ملڪن ۾ خزاني ۾ واڌارو ٿيڻ لڳو. ان پونجيءَ جو اُپيوگ واپار ۽ ڪارخانن ۾ ٿيڻ لڳو. ان سان يورپ جي ملڪن ۾ پونجيوادي آرٿڪ سرشتو شروع ٿيو.

**بڻنڪواد :** هڪ ملڪ جي ڪجهه ماڻهن جو ٻئي ملڪ جي ڪنهن ڀاڱي ۾ ڪوٺيون قائم ڪرڻ يعني بڻنڪون قائم ڪرڻ. آرٿڪ ۽ لشڪري طور شڪتي شالي ملڪن پنهنجي شڪتيءَ جي زور تي ڪنهن ڀاڱي ۾ وڃي اُتي پنهنجو راڄنيتڪ زور وڌائڻ معنيٰ بڻنڪواد. يورپين جي انهيءَ بڻنڪواد مان ئي سامراجيواد جي شروعات ٿي.

**سامراجيواد :** ترقي ڪيل ملڪن جو پٺتي پيل ملڪن مٿان دٻدٻو قائم ڪرڻ ۽ انيڪ نيون بڻنڪون قائم ڪرڻ معنيٰ ’سامراجيواد‘ آهي. ايشيا ۽ آفريڪا کنڊ جا انيڪ ملڪ يورپي ملڪن جي سامراجيواد جي اَثر هيٺ آيا.

**برٽش ايسٽ اِنڊيا ڪمپنيءَ جو ڀارت ۾ سامراجيواد :** ڀارت ۾ واپاري هڪ هٽي حاصل ڪرڻ لاءِ يورپي طاقتن ۾ چڙهت جي چٽاڀيٽي هئي. عيسوي سن ١٦٠٠ ۾ انگريزن ڀارت ۾ واپار ڪرڻ لاءِ برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپني برپا ڪئي. ان ڪمپنيءَ جهانگير بادشاهه کان اِجازت وٺي سورت ۾ ڪوٺيون قائم ڪيون. ان ڪمپني مارفت ڀارت جو انگلئنڊ سان واپار هلندو هو.

**انگريزن ۽ فرينچن جو ٽڪر :** ڀارت جي واپاري چٽاڀيٽيءَ ۾ انگريز ۽ فرينچن جي چٽاڀيٽي هئي. ان ڪري انگريزن ۽ فرينچن وچ ۾ ٽي لڙايون ٿيون. جيڪي ڪرناٽڪ جون لڙايون ڪري سڏجن ٿيون. ٽين لڙائيءَ ۾ انگريزن فرينچن کي هارايو جنهن ڪري برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي ڀارت ۾ ڪوبہ ٻلوان يورپي چٽاڀيٽي ڪندڙ نہ رهيو.

**بنگال ۾ برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي سٽا جو پايو :** بنگال ڀارت جو هڪ ڀريو ڀاڳيو پرانت هو. عيسوي سن ١٧٥٦ ۾ سراج اُددوله بنگال جو نواب بڻيو. ايسٽ اِنڊيا ڪمپنيءَ جا اڌڪاري مغل بادشاهه کان حاصل ٿيل سهوليتن جو اَجوڳ فائدو وٺڻ لڳا. انگريزن نواب جي اِجازت کانسواءِ ڪولڪاتا جي ڪوٺين (وکارن) جي چوڌاري گهيري (قلعي) بندي ڪئي. تنهن ڪري سراج اُددوله انگريزن سان چال ڪري ڪولڪاتا جي بينڪ (وکار) هٿ ڪئي.

ان گهٽنا کري انگريزن ۾ اَسنتوش نرماڻ ٿيو. رابرٽ ڪلائيو چالاڪيءَ سان نواب جي سردار ميرجعفر کي عهدي جي لالچ ڏيئي پنهنجي پاسي ڪيو. عيسوي سن ١٧٥٧ ۾ پلاسيءَ وٽ نواب سراج اُددولهه ۽ انگريزي لشڪر جي لڙائي ٿي. پر مير جعفر جي نظرداريءَ هيٺ نواب جو لشڪر لڙائي ۾ شامل نه ٿيڻ ڪري سراج اُددولهه کي شڪست کائڻي پيئي.

انگريزن جي پُٺڀرائي سان مير جعفر بنگال جو نواب بڻيو پر اڳتي هلي هن جي وروڌ ڪرڻ تي سندس ناٺي مير قاسم کي نواب مقرر ڪيو. انگريزن جي بي قاعدي واپار تي ضابطي رکڻ لاءِ مير قاسم ڪوشش ڪئي. تنهن ڪري انگريزن مير جعفر کي ٻيهر نواب مقرر ڪيو.

بنگال ۾ انگريزن جي ڪاروائين کي لغام ڏيڻ لاءِ اَيوڌيا جي نواب سجاع اُددولهه ۽ مغل بادشاهه شاهه عالم گڏجي تحرڪ هلايو. عيسوي سن ١٧٦٤ ۾ بهار ۾ بڪسار وٽ لڙائي لڳي. جنهن ۾ انگريزن سوڀ حاصل ڪئي. انهيءَ لڙائيءَ کان پوءِ الله آباد جو عهدنامو ٿيو. انهيءَ عهدنامي پٽاندڙ انگريزن کي بنگال جي صوبي مان محصول اُڳاڙڻ جو حق مليو. اهڙي طرح ڀارت ۾ انگريزي سلطنت جو پايو وڌو ويو.

**انگريز ۽ ميسور جو ٽڪر :** ميسور راڄ جي حيدرعليءَ آندولن ڪري ميسور راڄ ضابطي هيٺ آندو. حيدرعليءَ جي موت کان پوءِ سندس پٽ ٽيپو سلطان ميسور جو حاڪم بڻيو. هن انگريزن جي خلاف همت سان جنگ جاري رکي. آخر ١٧٩٩ع ۾ شري رنگپٽڻ جي لڙائيءَ ۾ ٽيپو سلطان مارجي ويو.



ٽيپو سلطان

اهڙي طرح ميسور جو علائقو انگريزن جي قبضي ۾ آيو.

**سنڌ جي مٿان انگريزن جو قبضو** ڀارت ۾ پنهنجي طاقت ڄمائڻ لاءِ انگريز اُتر اولهه واري سرحد ڏانهن مڙيا هنن کي ڊپ هو افغانستان مان ريشيا ڀارت تي حملو ڪندو. تنهن ڪري انگريزن افغانستان تي پنهنجو اثر ڄمائڻ جو ويچار ڪيو. افغانستان ڏانهن ويندڙ رستا سنڌ منجهان ويندا هئا. انڪري سنڌ جي ڀرڳٽي جي اهميت هئي. انگريزن کي ڄاڻ هئي. سن ١٨٤٣ع ۾ سنڌ ديش قبائي ويا.

**سکن جي طاقت کي شڪست :** اُڻويهين صديءَ جي شروعات ۾ پنجاب ۾ سک راڄيه جون واڳون رڻجيت سنگهه جي هٿن ۾ هيون. رڻجيتسنگهه جي ديهانت کان پوءِ پٽ دليپ سنگهه ننڍي عمر ۾ گاديءَ تي ويٺو. راڄ جو ڪاروبار اُنجي ماءُ راڻي جندن سنڀالڻ لڳي. سردارن مٿان سندس ضابطو نه رهيو. انهيءَ موقعي جو فائدو وٺي انگريزن ڪن سک سردارن



رڻجيتسنگهه

کي باغي بڻائي پاڻ ڏانهن ڇڪيو. سکن سمجهيو ته انگريز پنجاب تي حملو ڪندا. انهيءَ ڪري هنن انگريزن تي حملو ڪيو. هن سکن ۽ انگريزن جي پهرين لڙائيءَ ۾ سکن جي هار ٿي. دليپ سنگهه کي انگريزن قائم رکيو پنجاب تي انگريزن جو وڌندڙ زور کن آزاديءَ جي ڪوڏين سکن کي ڪٽڪڻ لڳو. ملتان جي حاڪم مولراج انگريزن جي خلاف بلوو ڪيو. هزارين سک سپاهي انگريزن جي خلاف جنگ ۾ ٽپي پيا. اِن ٻيءَ لڙائي ۾ پڻ سکن هار ڪاڌي. سن ١٨٤٩ع ۾ انگريزن پنجاب جو ڀرڳٽو پنهنجي راڄ سان ملائي ڇڏيو.

مرهٽن جي سنا ڀارت جي اَهميت واري ۽ شڪتيشالي سنا هئي. مرهٽن کي شڪست ڏيئي انگريزن ڀارت ۾ پنهنجي سنا جو پايو مضبوط ڪيئن ڪيو ان جو اڀياس اسان اڳين باب ۾ ڪنداسين.

## اڀياس

۱. ڏنل متبدلن مان صحيح متبدل چونڊي جملو وري لکو.

(۱) عيسوي سنه ۱۴۵۳ ۾ آتومن ترڪن ................ شهر فتح ڪيو.

(الف) وهنس (ب) ڪانسٽنٽنوپل

(ث) روم (۲) پئرس

(۲) هنري انقلاب جي شروعات ............ ۾ ٿي.

(الف) انگلئنڊ (ب) فرانس

(ث) اٽلي (۲) پورتگال

(۳) انگريزن جي بيقاعدي واپار تي ضابطو رکڻ جي ڪوشش .......... ڪئي.

(الف) سراج اُددولهه (ب) ميرقاسم

(ث) ميرجعفر (د) شاهه عالم

۲. هيٺيان عام ويچار سمجهايو.

(۱) بئنڪواد (۲) سامراجيواد

(۳) جاڳرتا وارو زمانو (۴) پونجيواد

۳. هيٺيان جملا سبب ڏيئي سمجهايو.

(۱) پلاسيءَ جي لڙائي ۾ سراج اددولهه کي شڪست ملي.

(۲) يورپي ملڪن کي ايشيا ڏانهن ويندڙ رستي جي کوج ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي.

(۳) يورپي حاڪم واپاري ڪمپنين کي لشڪري بچاءُ ۽ واپاري سهوليتون ڏيڻ شروع ڪيون.

۴. پاٺ جي آڌار تي هيٺيون خاڪو پورو ڪريو.

| ساموندي خلاصي | ڪم |
|---|---|
| .................. | آفريڪا جي ڏاکڻي نوڪ تائين پهتو |
| ڪرسٽو فر ڪولمبس | ....................<br>.................... |
| .................. | ڀارت جي اولهه ڪناري تي ڪاليڪٽ بندر تي پهتو. |

### عملي ڪم

جاڳرتا واري عرصي جا مشهور چترڪار، ساهتيڪار، وگيانڪن جي ڪمن بابت سندرڀ گرنٿ ساڳي طرح انٽرنيٽ جي مدد سان ڄاڻ ۽ چتر حاصل ڪري ڪلاس ۾ پرڪلپ پيش ڪيو.

AZ6HRX

# ٣. برٽش سلطنت جا اثر

هن پاٺ ۾ اسان انگريزي سنا جو ڀارت تي ٿيل اثر بابت ڄاڻ حاصل ڪنداسين.

**برٽش ايسٽ اِنڊيا ڪمپنيءَ جو برپا ٿيڻ :** جاگرافيڪل ڪوجنائن ڪري يورپي سٽائون ڀارت جي ڪناري تي ڪيئن اچي پهتيون اهو اسان ڏٺو آهي. پورچوگيز، ڊچ، فرينچ، برٽش اهي سڀ يورپي مُلڪ ڀارت جي مارڪيٽ کي هٿ ڪرڻ لاءِ چٽاڀيٽي ڪرڻ لڳا. انگريز ڀارت ۾ واپار ڪرڻ لاءِ آيا هئا ڀارت ۾ پهريائين آيل پورچوگيزن جو انگريزن سان ورود ٿيو. پوءِ واري وقت ۾ انگريزن ۽ پورچوگيزن جو دوستاڻو سنبنڌ ٿيو ۽ ورود گهٽيو، پر ڀارت ۾ دٻدٻو قائم ڪرڻ جي چٽاڀيٽيءَ ۾ انگريزن کي فرينچ، ڊچ ۽ مڪاني حاڪمن سان مقابلو ڪرڻو پيو.

**انگريز ۽ مراٺا :** اُلهندي ڀارت ۾ انگريزن جو مکيه مرڪز ممبئي هو. اُن جي آس پاس وارا پرڳڻا هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هئا پر اُنهن پرڳڻن تي مرهٽن جو پڪو قبضو هو. ماڌوراوَ پيشوا جي موت کان پوءِ اُن جي سوٽ رگهونات راو پيشوا پد حاصل ڪرڻ جي لالچ ۾ انگريزن کان مدد گُهري. جنهن ڪري مرهٽن جي راڄنيتيءَ ۾ انگريزن جي دستاندازي شروع ٿي.

سن ١٧٧٤ع ۾ ۽ سن ١٨١٨ع جي وچ ۾ مرهٽن ۽ انگريزن جي وچ ۾ ٽي لڙايون لڳيون. پهرين لڙائيءَ ۾ مرهٽا سردارن يڪمشت ٿي انگريزن کي مُنهن ڏنو جنهن ڪري مرهٽن جي سوڀ ٿي. سن ١٧٨٢ع ۾ سالبيءَ جو عهدنامي کان پوءِ انگريزن مرهٽن جي پهرين لڙائي ختم ٿي.

**انگريزي لشڪر رکڻ :** سن ١٧٩٨ع ۾ لارڊ ويلسلي گورنر جنرل بڻجي ڀارت ۾ آيو، اُن جي اها نيتي هئي ته سڄي ڀارت مٿان انگريزن جو دٻدٻو قائم ڪجي اِن لاءِ هن گهڻن ئي حاڪمن سان انگريزي لشڪر رکڻ جو ناهه ڪيو اِنهيءَ ناهه موجب ڀارتي حاڪمن کي انگريزي لشڪر جي مدد ڏيڻ جي خاطري ڏني ويئي، پرنلاءِ ڪجهه شرط رکيا ويا جنهن موجب ڀارتي حاڪمن کي پنهنجي راڄ اندر انگريزن جو لشڪر رکڻو هو. اُن لاءِ لشڪر جي خرچ جي لاءِ اُنهن کي روڪ رقم ڏيڻي پوندي يا اوتري رقم جي پيداش جيترو پرڳڻو ڪمپنيءَ کي ڏيڻو پوندو. اُنهن کي ٻين حاڪمن سان سنبنڌ رکڻ کان اڳ انگريزن سان صلاح ڪرڻي پوندي. پنهنجي دربار ۾ انگريزن جي عيوضيءَ ريزيڊنٽ رکڻو پوندو ڀارت جي ڪيترن حاڪمن اهي شرط قبول ڪيا ۽ پنهنجي آزادي وڃائي ويٺا.

سن ١٨٠٢ع ۾ پيشوا باجيراو ٻين انگريزن سان فوڄ رکڻ جو ناهه ڪيو اهو ناهه وسئيءَ جو اقرار نالي سان مشهور آهي هيءُ ناهه ڪن مرهٽا سردارن کي قبول نه هو جنهن ڪري مرهٽن ۽ انگريزن جي وچ ۾ ٻي لڙائي لڳي اُن ۾ جيت حاصل ڪرڻ کان پوءِ انگريزن جي مرهٽن جي راڄ ۾ دستاندازي وڌي ويئي باجيراو ٻين کان اهو سٺو نه ويو، هن انگريزن جي خلاف جنگ شروع ڪئي. انهيءَ لڙائيءَ ۾ هن شڪست کادي. سن ١٨١٨ع ۾ هن زيردستي قبول ڪئي.

**چترپتي پرتاب سنگهہ : پيشوائيءَ جي پڄاڻي**


چترپتي پرتاب سنگهہ

آئي ته ستارا جي چترپتي پرتاب سنگهہ گادي تي هو، انگريزن چترپتي پرتاب سنگهہ سان عُهدنامو ڪري گرئنڊ ڊف کي راڄ ڪاروبار ۾ مدد ڪرڻ جي لاءِ مقرر ڪيو. پر پوءِ هنن کي گاديءَ تان لاهي ڪاشيءَ ۾ رکيو ويو اُتي سندس ١٨٤٧ع ۾ موت ٿي.

چترپتي پرتاب سنگهہ جي ڪاروباري رنگو باپوجي گپتي انگلينڊ تائين وڃي هن انياءُ جي خلاف هن نياءُ جي گُهر ڪئي پر هن جي نياءُ ملڻ جي ڪوشش کي ڪاميابي نه ملي. اڳتي هلي لارڊ ڊلائوجي گود ورتل اؤلاد کي نامنظور ڪري ١٨٤٨ع ۾ ستارا جو راڄ ختم ڪيو.

## چا توهان کي ڄاڻ آهي؟

چترپتي پرتاب سنگهه ستارا شهر ۾ پوتشور مندر جي ٻئين پاسي ۾ مهادرا وٽ تلاءُ ٺهرائي اُن جو پاڻي شهر ۾ پهچايو. شهر ۾ رستا ٺهرايا. رستن جي ٻنهي پاسي وڻ لڳرايا. ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ سنسڪرت، مراٺي، انگريزي سکڻ لاءِ اسڪول ٺهرايا. اُتي ئي هڪ ڇاپخانو کڏيو ۽ انيڪ اُپيوگي گرنٿ ڇپائي ورتا. ١٨٢٧ع ۾ راجنيتي وشيه بابت هڪ گرنٿ سيا نيتي لکي ڇپايو. ان ستارا کان مهابليشور ويندي پرتاب ڳڙهه تائين رستا ٺهرايا. ساڳيو رستو مهاڊ تائين آندو ويو. چترپتي پرتاب سنگهه هرروز جو احوال (خرچ جمع) پاڻ لکندو هو.

## برٽش سلطنت جو ڀارت تي اثر :

**حڪومت جو ٻٽو سرشتو :** رابرٽ ڪلائيو سنه ١٧٦٥ع ۾ بنگال ۾ حڪومت جو ٻٽو سرشتو شروع ڪيو. ڍلون اُڳاڙڻ جو ڪم ڪمپنيءَ پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو ته امن امان رکڻ جو انتظام ڪرڻ جو ڪم بنگال جي نواب تي رکيو. هن کي حڪومت جو ٻٽو شرستو ڪري چئجي ٿو.

ٻٽي سرشتي جو خراب نتيجو جلد ئي ڏسڻ ۾ آيو. جنتا وٽان ڍلن وصول ڪيل رقم ڪمپنيءَ جا عملدار پنهنجي ڪيسي ۾ رکڻ لڳا. ڀارت ۾ ٿيندڙ واپار جو نفعو ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي ملڻ ڪري انگلنڊ جي انيڪ واپاري ڪمپنين ۾ ساڙ پيدا ٿيو انگلنڊ ۾ ڀارت اندر ڪمپني جي ڪاروبار تي ٽيڪا ٽپڻي ٿيڻ لڳي ان لاءِ ڪمپنيءَ ڪاروبار تي ضابطو رکڻ لاءِ انگلنڊ جي پارليامينٽ ڪجهه اهميت ڀريا قاعدا ٺاهيا.

**پارليامينٽ جا ڪيڏيل قاعدا :** سنه ١٧٧٣ع جي ”ريگيوليٽنگ ائڪٽ“ موجب بنگال جي گورنر کي گورنر جنرل جو عهدو ڏنو ويو. ان قاعدي انوسار لارڊ وارن هيسٽنگز گورنر جنرل بڻيو. ممبئي ۽ مدراس علائقن جي نيتيءَ تي ضابطو رکڻ جي اختياري هن کي ڏني ويئي. هن جي مدد لاءِ چئن ڄڻن جي هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي.

سنه ١٧٨٤ع ۾ پٽ جو ڀارت بابت قاعدو منظور ٿيو. ڀارت ۾ ڪمپنيءَ ڪاروبار تي پارليامينٽ جو ضابطو رکڻ لاءِ هڪ دائما طور منڊل ٺاهيو ويو. ڪمپني جي ڀارت اندر راڄ ڪاروبار بابت حڪم ڏيڻ جو اڌڪار انهيءَ منڊل کي ڏنو ويو. ١٨١٣ع، سنه ١٨٣٣ع، سنه ١٨٥٣ع ۾ ڪمپنيءَ جي ڪاروبار ۾ ڦيرقار ڪرڻ لاءِ پارليامينٽ لاءِ قاعدا ٺاهيا ويا. اهڙي طرح ڪمپنيءَ جي ڀارت ۾ راڄ ڪاروبار ۾ برٽش سرڪار جو اڌسڏو ضابطو وڌندو ويو.

انگريز سنا جي اچڻ کان پوءِ ڏيري ڏيري نئون انتظامي طريقو پڪو ٿيندو ويو. انگريزن جي حڪومت جا آڌار هئا، لشڪر، پوليس جو اٿالو ۽ عدالتي کاتو.

**ملڪي نوڪرشاهي :** ڀارت ۾ انگريزن جي حڪومت کي پختو ڪرڻ لاءِ نوڪرشاهيءَ جي ضرورت هئي. لارڊ ڪارنوالس اِها نوڪرشاهي ٺاهي. ملڪي نوڪرشاهي انگريزي حڪومت جو اهم جزو هو. هنن اهو قاعدو ٺاهيو ته عملدار خانگي واپار نٽا ڪري سگهن. انهيءَ لاءِ هنن عملدارن جون پگهارون وڌايون سولائيءَ سان حڪومت هلائڻ لاءِ انگريزن پنهنجي تابع ۾ آندل پرڳڻن کي ضلعن ۾ ورهايو. ضلعي جو مکيه عملدار ضلع، اڌڪاري هوندو هو. محصول اُڳاڙڻ، اِنصاف ڪرڻ، امن - امان رکڻ ۽ سنو بندوبست رکڻ هن جي جوابداري هوندي هئي عملدارن جي ڀرتي انڊين سول سروس (آءِ. سي. ايس) جي چٽاپيٽيءَ واري امتحان ذريعي ڪئي ويندي هئي.

**لشڪر ۽ پوليس اٿالو :** ڀارت ۾ انگريزن جي تابع وارن پرڳڻن جو بچاءُ ڪرڻ، نوان پرڳڻا قبضي ۾ ڪرڻ ۽ ڀارت ۾ انگريزن جي خلاف بلوي کي دٻائي ڇڏڻ، اهو ڪم لشڪر جو هو. ملڪ ۾ قانون ۽ امن - امان رکڻ پوليس اٿالي جو ڪم هو.

**عدالتي بندوبست :** انگريزن انگلئنڊ ۾ هلندڙ عدالتي بندوبست جي آڌار تي ڀارت ۾ نئون عدالتي سرشتو ٺاهيو. هرهڪ ضلعي اندر ملڪي مقدمن لاءِ ديواني ڪورٽون ۽ فوجداري مقدمن لاءِ فوجداري ڪورٽون برپا ڪيون. اُنهن جي فيصلن تي وري ويچار ڪرڻ لاءِ هاءِ ڪورٽون مقرر ڪيون.

**قاعدن ۾ سمانتا :** ڀارت ۾ ڦهريائين جڳهه - جڳهه تي عليحدا قاعدا هئا. جاتيءَ موجب ڀيدڀاوَ وارو انصاف ڪيو ويندو هو. لارڊ مئڪالي جي اڳوانيءَ ۾ برپا ٿيل قانون سمتيءَ قاعدن جو ڪتاب تيار ڪيو. سڄي ڀارت سان هڪجهڙو قانون لاڳو ڪيو ويو. انگريزن اهو سڏائنت ٺاهيو ته قانون جي اڳيان سڀ هڪجهڙا آهن.

هن طريقي ۾ به ڪي خاميون هيون. يورپي ماڻهن تي مقدما هلائڻ لاءِ الڳ عدالتون ۽ الڳ قاعدا ٺاهيا ويا هئا. نوان قاعدا عام ماڻهن کي سمجهه ۾ نٿي آيا. انصاف حاصل ڪرڻ عام ماڻهن کي سمجهه ۾ نٿي آيا. انصاف حاصل ڪرڻ عام ماڻهن لاءِ ڪافي مهانگو ٿي پيو. مقدما سالن جا سال هلندا هئا.

**انگريزن جي آرٿڪ نيتي :** پراچين وقت کان وٺي ڀارت تي حملا ٿيندا رهندا هئا. ڪيترا حملاور دائمي طور رهي پيا اُهي ڀارتي سنسڪرتيءَ سان ٺهڪي ويا. هنن جتي راڄ برپا ڪيو اُتي هنن آرٿڪ ڳالهين ۾ بنيادي تبديل نه ڪئي. پر انگريزن ائين نه ڪيو.

انگلئنڊ نئون اُسريل ملڪ هو . هنري انقلاب ڪري اُتي سيڙپ ڪرڻ ۽ مالي ترقي جا ويچار پختا ٿي ويا هئا. اُنهن ڳالهين کي وڌائيندڙ مالي بندوبست جو هنن ڀارت ۾ ٻج ڇٽيو. انهيءَ ڪري انگلئنڊ جو آرٿڪ لاڀ ٿيو. مگر ڀارتواسي مالي اِستٿيءَ ۾ پيڙجڻ لڳا.

**زمين جي محصول بابت نيتي :** انگريزن جي عمل ڪرڻ کان اڳ ۾ ڳوٺ جي آرٿڪ حالت خود پورتيءَ واري هئي ڪيتيءَ ۽ ٻين هنرن وسيلي ڳوٺن جون ضرورتون پوريون ٿينديون هيون. زمين جون محصول راڄيه جي ڪمائيءَ جو مکيه وسيلو هو. انگريزن کان اڳ واري وقت ۾ فصلن موجب ڍل مقرر ڪئي ويندي هئي. فصل سٺي نه ٿيڻ سان ڪسانن کي ڍل ۾ ڇوٽ ڏني ويندي هئي. محصول خاص ڪري اناج جي صورت ۾ ورتو ويندو هو. ڍل دير سان ڀرڻ جي حالت ۾ زمين ڪسان کان کسي نه ويندي هئي.

پيدائش وڌائڻ لاءِ انگريزن محصول جي طريقي ۾ اهميت ڀري ڦيرقار ڪئي. انگريزن زمين جي ماپ ڪرائي، زمين جي ايراضيءَ موجب محصول مقرر ڪيو ويو. محصول روڪ رقم ۾ پوري وقت تي ڀرڻ جي سختي ڪئي ويئي. اهڙو نيم ٺاهيو ويو ته وقت اندر محصول نه ڀرڻ جي حالت ۾ ڪسانن جي زمين ضبط ڪرڻ جو قدم کنيو ويندو. محصول اُڳاڙڻ لاءِ انگريزن جو طريقو الڳ - الڳ ڀاڱن ۾ الڳ -الڳ هو هرهنڌ ڪسانن کي ستايو پئي ويو.

**زميني محصول جي نئين نيتيءَ جو نتيجو :**
زميني محصول جي نئين نيتيءَ جو ڪسانن جي جيون تي خراب اثر پيو. ڍل روڪ پئسن ۾ ڀرڻي پوندي هئي اُنڪري هوُ پنهنجو اناج سستي اگهه ۾ وڪڻڻ لاءِ مجبور ٿيندا هئا. واپاري ۽ دلال واجبي اگهن کان گهٽ اگهن تي ڪسانن کان اناج خريد ڪندا هئا وقتي ڪسان ڍل ڀرڻ لاءِ وياج خورن وٽ زمين گروي رکي قرض کڻندا هئا. جنهن ڪري ڪسان قرضدار ٿي پيا قرض نه موٽائي سگهندا هئا ته اُنهن کي پنهنجي زمين وڪڻي پوندي هئي. سرڪار، زميندار، وياج خور ۽ واپاري ڪسانن کي ستائڻ لڳا.

**فصلن جو واپاريڪرڻ :** ڪسان اڳهين اناج جا فصل تيار ڪندا هئا. اِهو اناج سندن گهر ۾ اِستعمال ڪرڻ ۽ ڳوٺن جون گهرجون پوريون ڪرڻ ۾ ڪم ايندو هو. انگريز سرڪار ڪپهه، نيل، تماڪ، چانهه جي فصلن کي همٿائڻ لڳا اناج جي فصلن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ نفعو ڏيندڙ نقد فصلن تي جيڪو زور ڏنو ويو اُن کي ’ فصلن جو واپاريڪرڻ‘ ڪري چوندا هئا.

**ڏڪار :** سن ١٨٦٠ کان سن ١٩٠٠ع جي وقت ۾ ڀارت ۾ سخت ڏڪار پيو. مگر انگريزي حاڪمن ڏڪار کي منهن ڏيڻ لاءِ خاص ڪوشش نه ورتي. تنهن کان سواءِ پاڻي ميسر ڪرڻ جي يوجنائن تي گهٽو خرچ نه ڪيو.

### آمدرفت ۽ ٽپال سرشتي جي وسيلن ۾ سڌارو :

انگريزن واپار جي وڌائڻ ۽ حڪومت جي سهوليت لاءِ ڀارت ۾ آمدرفت ۽ مال ڍوئڻ جون سهوليتون برپا ڪيون. ڪولڪاتا دهلي ڳنڍڻ لاءِ خشڪي رستو جوڙايو. سن ١٨٥٣ع ۾ ممبئي ۽ ٺاڻي جي وچ ۾ ريل گاڏي هلڻ لڳي. انهي سال تند بنا تار جي نياپا موڪلڻ جو سرشتو انگريزن ڀارت ۾ شروع ڪيو. انهن ٽيڪنيڪ وسيلي ڀارت اندر مکيه شهرن ۽ لشڪر جي ڇانوڻين کي هڪ ٻئي سان ڳنڍيو ويو. اهڙي طرح انگريزن ٽپال جو سرشتو پڻ شروع ڪيو.

انهن سڀني سڌارن سبب ڀارت جي سماجڪ جيون تي دوررانديشيءَ پريو اثر ٿيو. ديش اندر الڳ - الڳ شهرن ۾ رهندڙ ماڻهن ۾ پاڻ ۾ واهپو وڌيو. اُنهن ۾ ايڪتا جي ڀاونا وڌڻ لڳي.



ممبئي - ٺاڻي ريلوي ١٨٥٣

### ڀارت ۾ پراڻن هنرن ۽ ڌنڌن کي ڌهرم رسڻ :

ڀارت مان انگلنڊ ۾ ويندڙ مال تي انگريز سرڪار وڌيون ڍلون مڙهيون هيون. اُن جي اُبتڙ انگلنڊ مان ڀارت ۾ ايندڙ مال تي گهٽ ڍل مقرر ڪئي ويئي. اُن کان سواءِ انگلنڊ مان ايندڙ مال مشينن تي تيار ٿيل هو. جنهن ڪري اُنجي پيدائش جهجهي انداز ۾ ۽ ٿوري خرچ ۾ ٿي رهي هئي. اهڙي سستي اگهه واري مال سان ٽڪر هڻڻ ڀارتي ڪاريگرن لاءِ ممڪن نه هو. نتيجو اهو نڪتو جو ڀارتي هنر ۽ ڌنڌا بند ٿي ويا ۽ ڪاريگر بيڪار ٿيا.

### ڀارت ۾ نون هنرن ۽ ڪارخانن جو اُسرڻ :

انگريز سرڪار جي اڪپوري ڀنيرائي، هنرن شروع ڪرڻ جي گهٽ آزمودي ۽ اڻ پوري لاڳت وغيره ڳالهين ڪري ڀارتي هنرمند وڏي پيماني تي اڳتي وڌي نه سگهيا. مگر اهڙين رنڊڪن هوندي به ڪن ڀارتي ماڻهن ڪارخانا شروع ڪيا.

سن ١٨٥٤ع ۾ ڪاوسجي نانابائي ڊاور ممبئيءَ ۾ پهريون ڪپڙي جو ڪارخانو وڌو. ١٨٥٥ع ۾ بنگال ۾ رشرا وٽ سيڻي ڌاڳي جو پهريون ڪارخانو وڌو. ١٩٠٧ع سال ۾ جمشيدپور ۾ ٽاٽا آئرن اينڊ اسٽيل ڪمپنيءَ جو رڪ جو ڪارخانو برپا ڪيو. ڀارت ۾ ڪوئلي، ڌاتو، ڪنڊ، سيمينٽ ۽ ڪيميائي شين جي ڪارخانن جي به شروعات ٿي.



جمشيدجي ٽاٽا

**سماجڪ ۽ سياسي اثر :** اُڻويهين صديءَ ۾ يورپ ۾ انسانيت ، گيان، لوڪشاهي، ديش پريم، فراخدليءَ جهڙن مول متن تي مدار رکندڙ يگ جي شروعات ٿي. پشچمي دنيا ۾ ٿيل هن بدلاءَ جو اثر ڀارت ۾ پهچڻ سڀاويڪ هو. انگريزن کي راڄ هلائڻ لاءِ ڀارت اندر سماج جي واقفيت حاصل ڪرڻي هئي. انهيءَ لاءِ هنن هتي جي ريتين رسمن اتهاس، ساهتيه، ڪلا سان گڏ هتي جي سنگيت، جيوجنتن جي اڀياس ڪرڻ جي شروعات ڪئي. سن ١٧٨٤ع سال ۾ وليم جونس نالي انگريزي اڌڪاري ايشيا ٽڪ سوسائٽي آف بنگال سنستا برپا ڪئي. مئڪسميولر نالي جرمن ودوان کي ڀارتي، ڌرم، ڀاشا، اتهاس جو گهڻو اڀياس هو.

هن جي آدرش پٽانڌڙ اسان کي بہ ڌرم، ڀاشا، اتهاس، ريتين رسمن جو اڀياس هئڻ کپي. اهڙي اِچانون پڙهيل ٻڙهيل ڀارتواسين ۾ ٿيڻ لڳي.

انگريزن ڀارت ۾ کيترائي قانون جوڙيا سنہ ١٨٢٩ع ۾ لارڊ بينٽڪ ستي ٿيڻ جي رسم تي بندش وڌي. سنہ ١٨٥٦ع ۾ لارڊ ڊلهائوسي وڌوا وواهہ کي جائز ٺهرائڻ جو قاعدو پاس ڪيو. هنن قاعدن سماجڪ سڌارن کي هٿي ڏني.

حڪومت هلائڻ لاءِ برٽش لوڪن کي انگريزي تعليم ورتل ڀارتواسين جي گهرج هئي. لارڊ مئڪالي جي سفارش سان ١٨٣٥ع ۾ ڀارت ۾ مغربي تعليم ڏيڻ جي شروعات ٿي. نئين تعليم سان مغربي ويچارن، جديد سڌارن، وگيان ۽ ٽڪنيڪي گيان جي ڄاڻ ڀارتواسين کي ڏني ويئي. ١٨٥٧ع ۾ ممبئي مدراس ۽ ڪولڪاتا ۾ وشوودياليہ برپا ڪيون ويون. مغربي تعليم ورتل وچولي طبقي جي ڀارتواسين سماجڪ سڌاڳيءَ جي هلچل جي اڳواڻي ڪئي.

## اڀياس

١. هيٺ ڏنل متبدلن مان صحيح متبدل چونڊي جملو پورو ڪريو.

(١) پورچوگيز ................، فرينچ برٽش ڀارت جي بازار هٿ ڪرڻ لاءِ چٽاڀيٽي ڪرڻ لڳا.

(الف) آسٽرين (ب) ڊچ

(ث) جرمن (د) سويڊش

(٢) ١٨٠٢ ۾ ............ پيشوا انگريزن سان فوج رکڻ جو ناهہ ڪيو.

(الف) وڏي باجيراءُ (ب) سوائي ماڌوراءُ

(ث) پيشوا نانا صاحب (د) باجيراوَ پيون

(٣) جمشيد جي ٽاٽا ۾ .................... ٽاٽا آئرن ائنڊ اسٽيل پولاد ٺاهڻ جو ڪارخانو برپا ڪيو.

(الف) ممبئي (ب) ڪولڪاتا

(ث) جمشيدپور (٢) دهلي

٢. هيٺيان عام ويچار سمجهايو

(١) ملڪي نوڪر شاهي

(٢) فصلن جو واپاريڪرڻ

(٣) انگريزن جي آرٿڪ نيتي.

٣. هيٺيان وڌوان ڪارڻ ڏيئي سمجهايو.

(١) ڀارت جا ڪسان قرضدار بڻيا

(٢) ڀارت جي پُراڻن اُديوڳ ڪارخانن کي نقصان پهتو.

٤. پاٺ جي آڌار تي هيٺيون تختو پورو ڪريو.

| ماڻهو | سڌار / ڪم |
|---|---|
| لارڊ ڪارلواس | ......................... |
| ......................... | ستي لڪڙي جو قاعدو ڪيو |
| لارڊ ڊلهائوسي | ......................... |
| ......................... | ايشيا ٽڪ سوسائٽي آف بنگال جي اسٿاپنا |

### عملي ڪم

برٽشن جي حڪومت، تعليم، آمدرفت وغيره ۾ سڌاري جي ڄاڻ تيار ڪريو.

AZFDTK

# ۴. ۱۸۵۷ع وارو قومي بلوو

سنہ ۱۸۵۷ع ۾ انگريز کي لوڏي ڇڏڻ لاءِ زبردست بلوو ڀارت ۾ ٿيو. اهو بلوو ڪو اوچتو ڪونہ ٿيو. هن کان اڳ ۾ بہ ڀارت ۾ انگريزن جي خلاف ڪيترائي بلووا ٿي چڪا هئا. ۱۸۵۷ جي بلووي جو روپ ۽ اُن جي پنيان مقصد ڏيان ۾ رکي سوتنترتا ويرساوڪر جنهن ڪتاب جي رچنا ڪئي. اُن ۱۸۵۷ع جي سوتنترتا ’سمر‘ ڪتاب اڳتي هلي انيڪ ڪرانتيڪارين کي برٽشن خلاف لڙڻ جي پريرڻا ڏني.

**۱۸۵۷ کان اڳہ وارو بلوا :** ڀارت ۾ جنهن جنهن هنڌ انگريزي حڪومت برپا ٿي. اُتي ماڻهن کي انگريزي حڪومت جا خراب نتيجا ڀوڳڻا پيا. ڪمپني سرڪار جي حڪومت ڪري سيني سطحن تي شوشڻ ٿي رهيو آهي اها ڄاڻ ڀارتواسين کي ٿي ۽ حڪومت خلاف اسنتوش وڌڻ لڳو.

### توهان کي ڄاڻ آهي ڇا؟

**پائڪن جو آندولن :** اوڙيسا ۾ وچولي زماني کان پائڪ سرشتو وجوُد ۾ هو. اُتي ڌار-ڌار آزاد راجائن جا سئنڪ هئا، جنهن کي ’پائڪ‘ چوندا هئا. راجائن هُنن کي فصل ڪرڻ لاءِ زمينون مفت ڏنيون هيون. اُهي محنت ڪري پنهنجو پاڻ پيٽ پاليندا هئا. هنن وچہ اها شرط هئي تہ لڙائيءَ جي وقت اُهي پنهنجي راجا طرفان لڙندا.

عيسوي سنہ ۱۸۰۳ ۾ انگريزن اوڙيسا تي سوڀ پاتي انگريزن پائڪن جي پرمپرا سان هلندڙ زمين ڪڍي ورتي. تنهنڪري پائڪ ناراض هئا. انگريزن پاران لڳايل ڍل سبب لوڻ جي قيمت وڌي ۽ عام ماڻهن جو جياپو ڏکيو ٿيو. اهو ئي ڪارڻ هو ۱۸۱۷ ۾ پائڪن هٿيارن سان بلوو ڪيو. اُن آندولن جي اڳواني بخشي جگن بندو وديا ساگر ڪئي.

ڪمپني سرڪار جي وقت ۾ عام جنتا ۽ ڪسانن کي پيڙيو ويو انهيءَ ۾ ۱۷۷۰ ۾ بنگال پرانت ۾ وڏي پئماني تي ڏُڪار آيو. انگريزي حاڪمن جو جنتا سان وهنوار اُداسين رهيو سنہ ۱۷٦۳ کان ۱۸۵۷ واري عرصي ۾ بنگال ۾ ڦهريون سنياسين ۽ اُن کان پوءِ ويراڳين جي اڳواني هيٺ ڪسانن بلوو ڪيو. اهڙا بلوا، گجرات، راجستان، مهاراشٽر ۽ ڏکڻ ڀارت ۾ ٿيا.

اُما جي نائڪ طرفان ڪيل بلوو بہ اهڙو ئي اُگرو هو. اُماجيءَ راموشين ۽ مڪاني نوجوانن کي گڏ ڪري انگريزن جي خلاف لڙائي ڪرڻ ۽ انگريزي حڪومت جي پاڙ پٽڻ جي پڙرائي ڪئي. پُٽي، ستارا، احمدنگر، شولاپور، ناسڪ، پور وغيره ڀاڱن ۾ هنن پنهنجو خوف پيدا ڪيو.



اُما جي نائڪ

عيسوي سنہ ۱۸۳۲ ۾ ڪمپني سرڪار اُماجي نائڪ کي پڪڙي ورتو. هن کي پٽي ۾ ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو.

ڀارت اندر آديواسي ۽ جهنگلي جماعتن انگريزي حڪومت کي للڪاريو. انهن جماعتن جو پيٽ گذران ٻيلائي ملڪيت تي هو. برٽش جي قاعدن اُنهن جي حقن تي روڪ لڳائي. نتيجي طور بهار، ڇوٽا ناگپور جي آس پاس ڪولام، اوڙيسا ۾ گونڊ بهار ۾ سنٿالين برٽش جي خلاف بلوو ڪيو. مهاراشٽر ۾ ڪولي، ڀيل، راموشي قومن انگريزن جي خلاف بلوو ڪيو. ڪولهاپور جي آس - پاس گڙڪرين ۽ ڪونڪن ۾ ڦونڊ ساونتن انگريزن جي خلاف بلوو ڪيو. سنہ ۱۸۵۷ع کان اڳہ ديش جي الڳہ - الڳہ حصن ۾ ڪيترن زميندارن راجائن ۽ سردارن بہ بلوو ڪيو.

ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي فوج ۾ انيڪ ڀارتيه سپاهي هئا. ڪمپنيءَ طرفان سپاهين کي گهٽ نظر سان ڏٺو ويندو هو. هنن جي پگهار ۽ ملندڙ ڀتو. گورن سپاهين جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽ هو. سنه ۱۸۰۶ع ۾ ويلور وٽ ۽ سنه ۱۸۲۴ع ۾ بئرڪپور وٽ ڪيل بلوا خاص اُگري روپ وارا هئا.

انگريزن خلاف ٿيل هي سڀ بلوا مڪاني ۽ الڳ الڳ هئڻ ڪري انگريزن اُنهن کي دٻائي ڇڏيو مگر ائين ڪرڻ سان ماڻهن ۾ اسنتوش جو دونهون دکندو رهيو. ماڻهن جي ڪيل ڪوشش ويرٿ نه ويئي. آخر ماڻهن جي اسنتوش جي آگ سنه ۱۸۵۷ع ۾ ڀڙڪو کائي بلوو جو روپ اختيار ڪيو. جيئن بارود جي گُدام کي چڻنگ لڳي ۽ وسڦوٽ ٿئي اهڙي حالت بڻي. ڀارت جي الڳ الڳ طبقن جي ماڻهن ۾ پيدا ٿيل ناراضپي سبب انگريزن جي خلاف اَسنتوش ڪري زبردست هٿيار بند بلوو ٿيو.

**سنه ۱۸۵۷ع جي بلوي جا سبب :** انگريزن کان اڳ واري ڀارت ۾ جيڪڏهن راجا بدلبو هو ته راڄ جو چرخو اڳي وانگر ئي هلندو هو. انگريزن موجوده حالتن کي بدلي نوان طريقا شروع ڪيا. جنهن ڪري ڀارتواسين جي من ۾ عارضپڻي ۽ بي سلامتيءَ جا ويچار پيدا ٿيا.

**مالي سبب :** انگريزن آرٿڪ پئداوار وڌائڻ لاءِ نئين ڀل سرشتي کي عمل ۾ آندو. ڪسانن کان زوري ڀل ورتي ويندي هئي. نتيجي طور ڪسانن جي حالت پوئتي پئجي ويئي. انگلئنڊ جو مال ڀارت ۾ وڪڻي آرٿڪ فائدو حاصل ڪرڻ برٽش جو مقصد هو. هنن ڀارتيه هنر - ڌنڌن تي ڀري ڀل لڳائي. ڀارت ۾ اُسريل هٿ ڪلا ڪپڙا اُديوگ کي ڌڪ لڳو. انيڪ ڀارتيه ڪاريگر بيڪار ٿيا. انهن سيني جي من ۾ انگريزن جي خلاف ورڌ جي ڀاونا پيدا ٿي.

**سماجڪ سبب :** ڀارتيه سماج اندر ڪيترين پُراڻين رسمن ۽ ريتين رواجن ۾ انگريزدست اندازي ڪري رهيا آهن ائين ڀارتين کي لڳڻ لڳو. ستي لڪڙي، وڌوا وواهه ڪرڻ جهڙا قاعدا سماجڪ نظريي سان سنا آهن تنهن هوندي به ماڻهن سمجهيو ته ڏاري سرڪار اسانجي جيون ۾ دخل اندازي ڪري رهي آهي. انهي ڪري هو ناراض ٿيا.

**راڄنيتي سبب :** ۱۸۵۷ع کان وٺي انگريزن ڪيترائي راڄ ضبط ڪيا. اڳتي هلي لارڊ ڊلهائوسيءَ انيڪ ڀارتيه راڄيه نابود ڪيا. بدانتظاميءَ جو بهانو ڏيئي، هن ايوڌيا جي نواب کي گاديءَ تان لاهي ڇڏيو. ته ستارا، جهانسي، ناگپور جي رياستن جي راجائن جي گود ورتل ٻارن کي وارث مڃڻ کان انڪار ڪيو. اُنهن جون رياستون پنهنجي هٿهيٺ آنديون. ڊلهائوسيءَ جي انهيءَ نيتي ڪري ڀارتواسين ۾ اَشواس جو واتاورڻ پيدا ٿيو.

**ڀارتيه سپاهين ۾ ناراضپو :** ڀارتيه سپاهين کي انگريز گهٽ نظر سان ڏسندا هئا. لشڪر ۾ اُنهن کي صوبيدار جي عهدي کان مٿي عهدو نه ڏنو ويندو هو. گورنر سپاهين جي ڀيٽ ۾ هنن جي پگهار گهٽ هئي، اُنهن جي پگهار گهٽ هئي اُنهن کي شروعات ۾ ملندڙ ڀتو پڻ انگريزن آهستي - آهستي گهٽائي ڇڏيو. اهڙن ڪيترن ئي سببن ڪري لشڪر ۾ ناراضگي وڌندي ويئي.

**تاولي وارا سبب :** انگريزن سنه ۱۸۵۶ع سال ۾ ڀارتيه سپاهين جي هٿن ۾ ڏکيون بندوقون ڏنيون. اُنهن اندر ڪتب آڻڻ لاءِ نوان ڪارتوس ڏنا. ڪارتوس جي مٿان وري ڊڪ کي ڏند سان ڇني لاهڻو پوندو هو. ڀارتي سئنڪن جڏهن اِهو ٻڌو ته ڪارتوسن جي مٿان لڳل ڊڪ تي ڳانءِ ۽ سوئر جي چربي لڳل آهي. تڏهن هندو ۽ مسلمانن جي ڌارمڪ ڀاوناڻن کي رنج پهتو ۽ سپاهين ۾ ناراضگي پيدا ٿي.

**باهه ڀڙڪي اُٿي :** چربي لڳل ڪارتوس واپرائڻ کان جن سئنڪن منع ڪئي اُنهن سئنڪن تي قاعدي جي ڀڃڪڙي ڪرڻ جي ڪاروائي ٿي. اُنهن کي سخت سزا ڏني ويئي. بئرڪپور جي ڇانوڻيءَ جي منگل پانڊي. سختي ڪندڙ انگريز عملدار مٿان گولي هلائي.


منگل پانڊي

منگل پانڊي کي گرفتار ڪري ڦاسي ڏني ويئي. اها خبر چوڌاري باهه وانگر پکڙجي. ميرٺ ڇانوڻيءَ ۾ ڀارتي سپاهين جي سڄي پلٽڻ بغاوت شروع ڪئي. سپاهين دهليءَ ڏانهن ڪوچ ڪيو. وات تي هزارين رواجي نگرواسي اَچي اُنهن سان شامل ٿيا. ١٢ ميءِ ١٨٥٧ع ڏينهن سئنڪن دهلي کي هٿ ڪيو. اُنهن مغل بادشاهه بهادرشاهه کي پنهنجو اڳوان مقرر ڪيو. ڀارت جو بادشاهه هئڻ سبب سيني کيس پنهنجو نيتا ڪري مڃڻ لڳا.

**بلوي جو وستر :** دهلي قبضي ۾ اَچڻ تي سئنڪن جو آتم وشواس وڌيو. ڀارت جي ٻين هنڌن تي هوندڙ سئنڪن کي پريرڻا ملي. ڏسندي ڏسندي بلوي جو اَثر اُتر ڀارت ۾ ڦهلجي ويو. بهار کان راجپوتانا تائين انگريزن جي ڇانوڻين کي ڀارتي سپاهين بلوي جو شڪار بڻايو. لکنؤ، الهه آباد، ڪانپور، بنارس، بريلي، جهانسي، جهڙن هنڌن تي بلوو ٿيو. بلوي جي باهه پوءِ ڏکڻ ڀارت ۾ ڦهلجي. ناگپور، ستارا، ڪولهاپور، نرگند جهڙن پرڳڻن ۾ بغاوت شروع ٿي. ان ۾ ستارا ڇترپتيءَ جا وارث شهاجي پرتاب سنگهه ۽ ڪارڀاري رنگوباپوجي، ڪولهاپور جي چماصاحب، نرگند جي بابا صاحب ڀاوي، احمدنگر ضلعي جي سنگمنير پرسان ڀاگوجي نائڪ وغيره لڙائي ۾ اَڳرا هئا. ناسڪ ضلعي جي پيٺ، سُرگاڻ جي راڻيءَ جهڙيون اِستريون بہ شامل ٿيون. سنہ ١٨٥٧ع ۾ خانديش ۾ ڪجار سنگهه جي اڳوانيءَ ۾ ڀيلن جو بلوو، ساتپورا واري ڀاڱي ۾ شنڪر شاهه جي اڳوانيءَ هيٺ بلوو، اهڙن مڪاني بلون ۾ اِٽڪل ٤٠٠ ڀيل عورتن ڀرو ورتو هو.

**بلوي جي اڳواني :** اَرڙهين صديءَ ۾ مغل سلطنت جي ڪمزور ٿيڻ کان پوءِ نادرشاهه، اَبداليءَ جهڙن وديشن هندستان تي ڪاهه ڪرڻ جي شروعات ڪئي.

مغل سلطنت هنن سان مُقابلو ڪونہ ڪري سگهندي اهو ڌيان ۾ اَچڻ تي مراٺن ڌارين جي ڪاهه کان هندستان کي بچائڻ جي جوابداري پاڻ تي ڪئين. انڪري مراٺن اَبداليءَ خلاف پاڻيپت جي لڙائي لڙي. ١٨٥٧ جي لڙائيءَ ۾ مغل سامراجيه جو وارث بهادرشاهه انگريزن سان لڙائي ڪرڻ ۾ اسمرٿ هو. اهو ڌيان ۾ اَچڻ کان پوءِ بهادرشاهه جي اڳواني هيٺ نانا صاحب پيشوا جهاسيءَ جي راڻي لڪشمي بائي، تاتيا ٽوپي ١٨٥٧ جي بلوي جي واڳ هٿ ۾ ڪئي. نتيجي طور آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ هندو - مسلم ۾ ايڪتا نظر آئي. مولوي احمدالهه، ڪنورسنگهه، مغل سيناپتي بخت خان، بيگم حضرت محل ڌار -ڌار هنڌن تي بلوي ۾ چست ڀرو ورتو. دهلي، ڪانپور، لکنؤ، جهانسي ۾ ۽ اولهه بهار جي ڀاڱي ۾ بلوي اُگر روپ ڌارڻ ڪيو.


نانا صاحب پيشوا


تاتيا ٽوپي


راڻي لڪشمي بائي


بيگم حضرت محل


ڪُنور سنگهه




**بلوي جي پاڪ پٺ :** ڀارتيہ انگريزن سان جان جي پرواھ نہ ڪندي لڙيا. ان ۾ سئنڪ، زميندار، حاڪم، سردار عام ماڻهو بہ هئا. سئنڪن جو يوجنا - تمڪ وقت کان پهريون بلوو شروع ٿيو. شروع ۾ سئنڪن کي سوپ ملي، پر انگريزي طاقت، سئنڪ ۽ سرڪاري طاقت وڌي هئي. انگريزن بلوي جي پاڙسام دام، دنڊ، ڀيد نيتي انوسار ڪيو پر پهرئين ئي ڌڪ سان انگريزن پاڻ سنڀالي ورتو. اڳيان هلي ڇهن مهنن جي اندر ئي جهڳڙي جي صورت بدلي اهميت وارا هنڌ انگريزن وري هٿ ڪيا. راڻي لڪشمي ٻائي، ڪنور سنگھہ ۽ احمداللھ لڙائيءَ ۾ مارجي ويا. بهادرشاھ کي رنگون جي جيل ۾ بند رکيو ويو.

نانا صاحب ۽ بيگم حضرت محل نيپال ۾ وڃي پناھ ورتي. فقط تاتياٽوپي انگريزن سان ڏهن مهنن تائين لڙندو رهيو. پر وشواس گهات سبب هو انگريزن جي هٿ اچي ويو انگريزن اُن کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو اهڙي طرح ١٨٥٨ جي آخر ڌاري انگريزن اُنهيءَ بلوي کي ٻنجو ڏنو.



بهادر شاهه

بلوي جي شروعات ڀارتي لشڪر ۾ آيل ناراضگيءَ جي ڀڙڪي سبب ٿي ته به اُن ۾ ڪسان، ڪاريگر، عام جنتا آديواسي اَچي شامل ٿيا. ان انيڪاري حڪم شاهي کي تڙي ڪڍڻ لاءِ سيني ڀارتين گڏجي لڙائي ڪئي. ان لڙائي ۾ هندو، مسلمان، الڳ الڳ جاتي جماعتن جا ماڻهو وڏي طاقت سان گڏ ٿيا. ڀارت مان انگريزن کي تڙي ڪڍڻ اُنهن جو هڪ ئي مقصد هو. ان ڀنيان آزاديءَ جي پريرڻا هئي تنهنڪري ان لڙائي کي وستاري روپ حاصل ٿيو.

**بلوي جي ناڪاميابي جا سبب :** ١٨٥٧ جو بلوو هيٺين سبب ڪري ناڪامياب ٿيو.

- **بلوي جو پرچار سڄي ڀارت ۾ ڪونه ٿيو :** هي بلوو سڄي ڀارت ۾ هڪ ئي وقت ڪونه ٿيو اُتر ڀارت ۾ بلوي جي تيزي وڌيڪ هئي. اُتر پاسي ئي راجپوتانا، پنجاب، بنگال جو ڪجهه حصو، اُتر اوير وارا پرديش لڙائي ۾ شامل ڪونه هئا.

- **لوڪمانيه اڳوان جي ڪمي :** لڙائي ۾ اڪل ڀارتيه سطح تي انگريزن جي خلاف اڳواڻي ڪونه ٿي سگهي، تنهن ڪري انگريزن جي خلاف هڪ جهڙائي ڪونه آئي.

- **نوابن ۽ اميرن جي ڀنيرائي جي ڪمي :** انگريزي سٽا جي پريشاني جيئن عام جنتا کي هئي. تيئن ئي رياستن کي به هئي اُن مان جيڪڏهن ڪجهه ڇڏجي ته ٻيا انگريزن سان ٻڌل هئا.

- **جنگي فن جي ڪمي :** ڀارتيه سئنڪن کي شڪتي (ٻل) هو. پر اُن فن جو صحيح وقت تي اُپيوگ ڪري نه سگهيا، دهلي تي سوڀ حاصل ڪرڻ کان پوءِ به ٽڪائي ڪونه سگهيا. بلوو ڪندڙن وقت پورا هٿيار به ڪونه هئا. انگريزن وٽ وڏي آرٿڪ طاقت، سکيا ورتل ۽ انتظام وارو لشڪر هو. آمدرفت جي مٿان اُنهن جو قبضو هو. تنهن ڪري هنن جي هلچل تڪڙي ٿيندي هئي. انهن سبب ڪري ڀارتواسين جي اُنهن جي اڳيان دال نه ڳري. لڙايون فقط شڪتيءَ جي زور تي نه پر جنگي فن (ڪلا) جي آڌار تي ڪٽيون وڃن ٿيون.

- **انگريزن لاءِ انترراشٽريه موافق حالتون :** انگريزن جي ريشيا سان هلنڊڙ لڙائي ويجهڙ ۾ ئي ختم ٿي هئي. اِن ۾ انگريزن کي سوڀ حاصل ٿي هئي. دنيا جي ڪيترن ملڪن سان هنن جو واپار هو. انگريزن جي آڙ مار طاقت وڌيڪ هئي. ان کان سواءِ بلوي ڪندڙ جي حالت بري هئي.

**بلوي جو نتيجو : ايسٽ اِنڊيا ڪمپنيءَ جي راڄ جو اَنت :** انگلئنڊ جي راڻيءَ کي ڄاڻ پيئي ته هي بلو ڀارتواسين ۾ ناراضگي سبب ٿيو هو. انهيءَ جي پڪ راڻيءَ کي ٿي ته ڀارت اندر انگريزن جي حڪومت محفوظ ڪانهي انهيءَ ڪري سنه ١٨٥٧ ۾ برٽش پارليمينٽ ۾ هڪ قاعدو پاس ڪري ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي برخواست ڪيو. گورنر جنرل جو پد رد ڪري وائيسراءِ پد نرماڻ ڪيو. لارڊ ڪئننگ هي آخري گورنر ۽ پهريون وئيسراءِ بڻيو. ڀارت سان ڪاروبار ڪرڻ لاءِ ڀارت منتري اهو پد انگلئنڊ جي سرڪار ۾ ٺاهيو ويو.

**راڻيءَ جو پڌرنامو :** انگلئنڊ جي راڻي وڪٽوريا ڀارتواسين جي ٽٽل دلين تي ڇنڊ وجهڻ لاءِ هڪ پڌرنامو ڪڍيو. ڀارت جي سموري جنتا اسانجي رعيت آهي. ڪُل، ڌرم، ذات يا جنم آستان جي آڌار تي رعيت ۾ ڀيد ڀاءُ نه رکيو ويندو. سرڪاري نوڪريون گڻن جي آڌار تي ڏنيون وينديون. ڌرمي ڳالهين ۾ دست اندازي نه ڪئي ويندي. رياستن ۾ حاڪمن سان ڪيل انجام پورا ڪيا ويندا. هن کان پوءِ ڪنهن به ڪارڻ سان رياست تي قبضو نه ڪيو ويندو. پڌرنامي ۾ اهو صاف ڄاڻايو ويو.

**ڀارتيه لشڪر جي نئين سر رچنا :** لشڪر ۾ انگريزي سئنا جو انداز وڌايو ويو. اهميت وارن هنڌن تي انگريز آفيسرن کي رکيو ويو.

توبخانو مڪمل طرح انگريز آفيسرن جي قبضي ۾ ڏنو ويو. سئنڪن جون پلٽڻون ذات جي آڌار تي ٺاهيون ويئون. پارتي سئنڪ پاڻ ۾ ملي هڪ نہ ٿي سگهن ۽ ٻيهر اهڙو بلوو نہ ڪن ان ڳالهہ جو خيال ڪيو ويو.

**نيتيءَ ۾ بدل سدل :** پارتين جي سماجڪ ۽ ڌارمڪ ڳالهہ ۾ دستاندازي نہ ڪرڻ جي نيتي قبول ڪئي وئي. اُن سان گڏوگڏ انگريز سرڪار اها ڪوشش ڪندي رهي تہ پارتيہ سماج پاڻ ۾ يڪمشت نہ ٿئي.

پارتواسين ۾ ذات، ڌرم، ونش پرديش جي ڪري هميشهہ لڙائي ٿيندي. هڪ ٻئي لاءِ پارتواسين ۾ وير پئدا ٿيندو اهڙي نيتي انگريزن اپنائي. ڦوٽ وجهو ۽ راڄ ڪريو. انگريزن جو مقصد هو.

١٨٥٧ع جي بلوي ڪري پارتواسين کي ائين محسوس ٿيو تہ انگريزي حڪومت سان گڏجي بلوو ڪرڻ گهرجي. ١٨٥٧ جو بلوو پارت جي آزادي جي هلچل کي پريرڻا ڏيندڙ هو.

## ابياس

١. هيٺ ڏنل متبدلن مان ٺهڪندڙ متبدل چونڊي جملو وري لکو.

(اُماجي نائڪ، سوتنترتا سمر، لارڊلهائوسي، پارت منتري، تاتيا ٽوپي)

(١) سوتنترتا وير ساورڪر ١٨٥٧ جي بلوي کي ............ نالو ڏنو.

(٢) راموشين کي گڏ ڪري ................. انگريزن خلاف بلوو ڪيو.

(٣) ١٧٥٧ جي بلوي کان پوءِ پارت سان ڪاروبار ڪرڻ لاءِ .............. پد انگلئنڊ جي سرڪار ۾ ٺاهيو ويو.

(٤) پارت جي رياستن کي ............. گورنر ضبط ڪيو.

٢. هيٺيان وڌان سبب ڏيئي سمجهايو.

(١) انگريزن خلاف پائڪ هٿيارن سان بلوو ڪيو.

(٢) هندو ۽ مسلم سئنڪن ۾ اسنتوش پئدا ٿيو.

(٣) پارتيہ سئنڪن جي انگريز سئنا اڳيان دال نہ ڳري.

(٤) آزاديءَ جي لڙائيءَ کان پوءِ پارتيہ سئنڪن جون پلٽڻو ذات جي آڌار تي ٺاهيون ويون.

(٥) انگريزن پارتيہ اُديوڳ ڌندن تي سخت ڍل لڳائي.

٣. هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ ڏيو.

(١) ١٨٥٧ جي قومي بلوي پنيان ڪهڙو سماجڪ ڪارڻ هو؟

(٢) ١٨٥٧ جي قومي بلوي ۾ پارتين کي ناڪاميابي ڇو آئي؟

(٣) ١٨٥٧ جي قومي بلوي جا نتيجا لکو.

(٤) ١٨٥٧ جي قومي بلوي کان پوءِ انگريزن نيتيءَ ۾ ڪهڙو بدلاءُ ڪيو؟

**مشغولي :**

(١) ١٨٥٧ جي سوتنترتا سمر، سوتنترتا ويرساورڪر جي لکيل گرنٿ کي حاصل ڪريو ۽ پڙهو.

(٢) پارت جي نقشي ۾ سنہ ١٨٥٧ع واري بلوي جا هنڌ ڏيکاريو.

AZP9V8

# ٥. سماجڪ ۽ ڌرمي جاڳرتا

انگريزي تعليم سان گڏوگڏ نوان ويچار نئين ڪلپنا، تئين تتو وگيان جو پرسار ٿيو. ڀارتواسين کي اولهه جي ملڪن جي ويچارن، سنسڪرتيءَ جي ڄاڻ پيئي. انڪري ڀارتيه سماج ۾ سماجڪ، ڌارمڪ، آرٿڪ، سيئتڪ وغيره سڀني کيترن ۾ بدلاءُ ٿيو.

ڀارتيه جي سماج جو پنتي ڀيل هئڻ سندن انڌشرڌا، ڪرسمن، ذات پات جي ڀيد، اوچ نيچ جي ڀيد، گهٽ سڃاڳي ۽ سچ- ڪوڙ جي ڇنڊڇاڻ نه ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون ڀارتيه سماج ۾ آهن، اِهو احساس پڙهيل ڳڙهيل ناگرڪن ۾ ٿيڻ لڳو. ديش جي واڌاري لاءِ ڀارتيه سماج جي برايئن ۽ غلط ويچارن کي دور ڪري مانوتا، سمتا، بنڌوتا جهڙن متن تي آڌار رکندڙ نئين سماج نرماڻ ڪرڻ جي ضرورت هئي. ڀارتيه سماج جي الڳ - الڳ سوالن کي حل ڪرڻ لاءِ پڙهيل ڳڙهيل ويچار وارن پنهنجي لکٽي سان جن جاڳرتي ڪرڻ لڳا. اُن وقت ڀارت ۾ شروع ٿيل ويچارڪ جاڳرتي کي ”ڀارتيه جاڳرتا“ ڪري ڇوندا آهن.

## ڌرم سڌارڪ ۽ سماج سڌارڪ ڌڙ

راجارام موهن راءِ عيسوي سنه ١٨٢٨ع ۾ بنگال پرانت ۾ برهمو سماج جي اِستاپنا ڪئي. هن انيڪ پاشائن ۽ ڌرمن جو اڀياس ڪيو هو. ان مان هنجي ادويت )هڪ هئڻ( جي ويچاردارا بٽي. اوچ نيچ جو ڀيد ڀاو نه ڪرڻ، ڪرم ڪانڊ جو وروڌ ڪرڻ پرارٿنا جو رستو اختيار ڪرڻ برهمو سماج جو متو هو. راجا رام موهن راءِ ستي لکڙي، ٻال وواهه، پردو ڪرڻ جي طريقي جو وروڌ ڪيو. وڌوا وواهه، استرين جي پڙهائيءَ تي زور ڏنو. ڪولڪاتا ۾ هندو



راجا رام موهن راءِ

ڪاليج جي اِستاپنا ڪئي. هنن سنواد ڪومدي اَخبار ذريعي جن جاڳرتي ڪئي.

**پرارٿنا سماج :** دادوباپانڊورنگ ترکڙکر عيسوي سنه ١٨٤٨ سال ۾ ممبئيءَ ۾ پرمهنس سڀا جي استاپنا ڪئي اڳتي هلي پرمهنس سڀا جي پڄائي اَچڻ کان پوءِ سندس ڪجهه ساٿين پرارٿنا سماج استاپن ڪئي. دادوبا جو ڀاءُ ڊاڪٽر آتمارام پانڊورنگ پرارٿنا سماج جو پهريون اڌيڪش هو. هن سنستا کي جوان پڙهيل لکيل ملڻ ڪري هنجي ساک وڌي.



دادوباپانڊورنگ ترکڙکر

نياءُ مورتي مهاديو گووندرانڊي ڊاڪٽر را. گو. ڀانڊارڪر پرارٿنا سماج جي ڪم کي اڳتي وڌايو. مورتي پوڄا جو وروڌ ڪرم ڪانڊ جو وروڌ پرارٿنا سماج جا تتوَ هئا. اُپاسنا ۽ پرارٿنا تي سندن زور هو. پرارٿنا سماج سماجڪ سُڌارن لاءِ اناٿاليه، استرين لاءِ سکيا سنستائون، ڪم ڪندڙن لاءِ رات جو اسڪول، دلتن لاءِ سنستا شروع ڪئي. پرارٿنا سماج جا ميمبر مهرشي وٺل رامجي شندي ڊپرسڊ ڪلاسِس مشن اِستاپن ڪري اُن ذريعي سماجڪ مسئلا حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

**ستيه شوڌڪ سماج :** مهاتما جوتي راءُ ڦلي ١٨٧٣ع ۾ ستيه شوڌڪ سماج جي اِستاپنا ڪئي سمانتا جي متي تي آڌار رکندڙ سماج نرمتيءَ لاءِ ستيه شوڌڪ سماج ڪم ڪيا هنن ڇوت اِڇوت جو وروڌ ڪيو. ان سان گڏ بهوجن سماج جي سکيا تي زور ڏنو. اِستري سکيا تي زور ڏنو. مهاتما جوتيراءُ ڦلي ’براهمڻن جي ڪسب‘ ’گلام گري‘ ’شيتڪريا چا آسود‘ ساروجنڪ ستيه ڌرم جهڙن ڪتابن ذريعي سماج ۾ جاڳرتي آندي.

استري - پرش يا ماڻهو- ماڻهو ۾ فرق ڪندڙ ريتي رواجن تي سخت ٽيڪاٽپڻي ڪئي.


مهاتما جوتيراءُ ڦلي

**آريه سماج :** سوامي ديانند سرسوتيءَ عيسوي سن ١٨٧٥ ۾ آريه سماج جي استاپنا ڪئي. ويدن تي وياکيا ڪندڙ ستيارٿ پرڪاش نالي گرنٿ لکيو. پراچين ويدڪ ڌرم ئي سچو ڌرم آهي جنهن ۾ ذاتي ڀيدڀاءُ ڪونه هو. مردن ۽ زالن ۾ سمانتا هئي 'ويدن ڏانهن موٽ'' اهو آريه سماج جو برڙ واڪيه هو. آريه سماج جون سڄي ڀارت ۾ شاخائون کوليون آريه سماج، ذريعي انيڪ هنڌن تي تعليم سنستائون کوليون.


سوامي ديانند سرسوتي

**رامڪرشن مشن :** رامڪرشن پرم هنس جي شِش سوامي وويڪانند ١٨٩٧ع ۾ رامڪرشن مشن جي استاپنا ڪئي. رامڪرشن مشن سيوا جا ڪاريه ڪيا. جيئن ته ڏڪار هيٺ آيلن جي مدد، روڳين، ڪمزورن (دين دکين جو علاج، استري سکيا، آڌياتمڪ اُنتي جهڙا ڪم اَڄ به ڪري رهي آهي. سوامي وويڪانند هڪ اُتم وڪتا (ڀاشڻ ڪندڙ) هو. عيسوي سن ١٨٩٣ ۾ آمريڪا جي شڪاگو ۾ وشو


سوامي وويڪانند

ڌرم پريشد ۾ هندو ڌرم طرفان اڳواڻي ڪئي هئي. ڀارتيه جوانن کي هنن چيو ته اُٿو جاڳو ۽ مقصد حاصل ٿيڻ تائين رُڪو ناهي.

**سِک ڌرم ۾ سُڌار :** سِکن ۾ ڌرمي سڌارن لاءِ امرتسر ۾ 'سنگهه سڀا' جو پايو وڌو سِک سماج جي هن سنستا تعليم جي ڦهلاءُ ۽ نوينتا آڻڻ جو ڪم ڪيو. اڳتي همي اڪالي هلچل سِک سماج ۾ سڌارن جي پرمپرا چالو رکو.

**اِسترين جي سُڌارن بابت :** ڀارت ۾ جنهن وقت برٽش ستا جو وستار ٿيو. اُن عرصي ۾ اِسترين جي حالت خراب هئي. هنن کي تعليم پرائڻ جو حق ڪونه هو. هنن سان عزت پريو وهنوار ڪونه ڪيو ويندو هو. ''استري پروڻ هتيا'' ٻال وواهه، جرت ڪماري وواهه، ڏهيڄ (ڏيب) پرٿا، ستي لڪڙي، وڌوا وواهه جهڙيون پرٿائون سماج ۾ هيون. اُن وقت جي گورنر لارڊ بئنٽڪ کي ستي لڪڙي جي رواج کي بند ڪرڻ جي قاعدي ڪرڻ لاءِ راجارام موهن راءِ جهڙن سماج سُڌارڪن مدد ڪئي. گوپال هري ديشمک يعنيِ لوڪ هتواديءَ چٽن لفظن ۾ استري پرش سمانتا تي زور ڏنو.


گوپال هري ديشمک

١٨٤٨ ۾ مهاتما ڦلي پٽي ۾ پڙي - واڙي ۾ ڇوڪرين جي پهرين اسڪول کولي. ان ۾ هن کي سندس زال ساوتري ٻائيءَ جي مدد ملي. سماج جي ڪرمٺ ماڻهن طرفان کيل ٽيڪاٽپڻي ۽ نندا جو خيال نه ڪندي ساوتري ٻائي سکيا جو ڪم چالو رکيو.


ساوتري ٻائي ڦلي

مهاتما ڦلي پنهنجي گهر ۾ ٻال هتيا کي روڪڻ لاءِ آفيس شروع ڪئي. وڌوا جا وار ڪوڙائڻ جي رسم بند ڪرڻ لاءِ هن حجمن جي هڙتال ڪرائي.



ويريش لنگم پنتلوُ

وڌوا وواهه جي منظوري ملڻ لاءِ ايشور چندر وديا ساگر، وشڻو شاستري پنڊت ۽ ويريش لنگم پنتلوءَ خوب پاڻ پتوڙيو. گوپال گڻيش آگرڪر ’سُڌارڪ‘ اخبار وسيلي ٻال وواهه هڪجهڙي قاعدي لاءِ چٽيءَ طرح زور ڏنو. مهرشي ونل رامجي شندي ممبئيءَ ۾ ديوداسي رسم جي خلاف سيا ڪوتائي. تاراٻائي شندي ’استري-پرش تيلينا‘ ان گرنٿ ذريعي اِسترين جي حقن بابت آواز اُٿاريو آهي. مهرشي ڌونڌو ڪيشو ڪروي



مهرشي ڌونڌو ڪيشو ڪروي

وڌوائن جي سکيا لاءِ اناٿ ٻالڪا آشرم برپا ڪيو. وڌوا، ڇڏيل سيني قسمن جون عورتون جيئن پيرن تي بيهي سگهن ان جو اهو مقصد هو. ان جي ڪوشش سان ويهين صديءَ ۾ پهريون مهلا وديا پيٺ کڙو ڪيو.

پنڊتا رماٻائيءَ ”شاردا سدن“ سنستا برپا ڪري ڌويانگ ڇوڪرن، ڇوڪرين زالن جي پالڻ جي جوابدار هموار ڪئي. رماٻائي رانڌي ”سيوا سدن“ سنستا ذريعي استرين لاءِ نرس جو ڪورس شروع ڪيو استرين کي جيئڻ ووٽ جو حق ملي ان لاءِ سرڪار اڳيان گهر ڪئي. استرين تي ٿيندڙ انياءُ لاءِ ڊاڪٽر بابا صاحب امبيڊڪر پنهنجن ليکن وسيلي ڇڳو آواز اُٿاريو. مهاتما گانڌي استري تعليم لاءِ آواز اُٿاريو. آزاديءَ جي هلچل ۾ عورتن جو يوگدان اهميت وارو هو.

استرين جي سُڌارن واري هلچل سبب ڪيترين ئي بي انصافيءَ واريون رسمون بند ٿيڻ ۾ مدد ملي. عورتن جي سوالن جو آواز اُٿيو. عورتون

**ويچار ڪريو**

* سماج سُڌارڪ استرين جي تعليم جي شروعات ڪونه ڪن هان ته؟
* هاڻوڪي وقت ۾ استرين جي جيون ۾ تعليم ڪري ڪهڙا بدلاوَ ڏسجن ٿا.
* ڇا توهان کي اَڄ به ائين لڳي ٿو ته استرين جي تعليم لاءِ ڪوشش ڪرڻ جي ضرورت آهي؟

پنهنجا ويچار لِکَتي ذريعي ظاهر ڪرڻ لڳيون. تعليم جي ڪري جيون جي الڳ- الڳ ڪيترن ۾ عورتن جي اڳواني ٿيڻ لڳي.

**اِسلام ڌرم جي سُڌاري بابت هلچل :** عبدل لطيف مسلمان سماج ۾ سماجڪ سُڌارا ڪرڻ شروع ڪيو. هن بنگال ۾ ’دي محمدن لِٽرري سوسائٽي‘ نالي سنستا شروع ڪئي. سر سعيد احمدخان ’محمدن ائنگلو اورينٽل ڪاليج‘ برپا ڪيو. اڳتي هلي اهو عليگڙه مسلم ودياپيٺ جي نالي سان سڃاڻڻ لڳو. هن مغربي وگيان ۽ ٽڪنيڪ کي زور ڏنو. هن کي يقين هو ته مغربي سکيا ۽ وگيان کي قبول ڪرڻ کان سواءِ مسلم سماج جو واڌارو ٿي نه سگهندو.



سرسعيد احمدخان

**هندو سماج جي هلچل :** هندو سماج کي عزت پريو آستان حاصل ٿئي ان لاءِ ١٩١٥ ۾ ”هندو سڀا“ جي اِستاپنا ڪئي. پنڊت مدن موهن مالوي ’بنارس هندو ودياپيٺ‘ جو پايو وڌو.

راشٽريه سنويه سيوڪ سنگم جي ناگپور ۾ اِستاپنا ڪئي. هندوتوادي جوانن جي انتظام واري ۽ چرتروان سنگٺنا ٺاهڻ اِن جو مقصد هو. سوتنترتا وير وي. ڊي. ساورڪر رتناگريءَ ۾ هندو ڌرم جي سيني ذاتين کي داخلا لاءِ پوتر اِستان جي نرمتي ڪئي. گڏ ڪاڌو ڪائڻ جو ڪاريه ڪرم شروع ڪيو.



ڊاڪٽر ڪيشو هيڊگيوار

هاڻوڪي ڀارت جي اتهاس ۾ جاڳرتا جي اهميت آهي. آزادي سمانتا، راشٽرواد جي ڪلپنا سان ڀريل سماج سُڌارڪن راڄنيتڪ ڪيتر ۾ سڄي ديش ۾ هلچل قائم ڪئي. ان جو ابياس ايندڙ باب ۾ ڪنداسين.

ڪتائن ۾ ڪهاڻين ذريعي آزاديءَ جي پريرڻا ملندي رهي. سماج سُڌار جا ويچار بہ ظاهر ٿيڻ لڳا. هن وقت ۾ عورتن بہ لکڻ شروع ڪيو. نيون اخبارون ۽ ماهوار، سال پڻ سماج سُڌار ۽ سياسي جاڳرتيءَ لاءِ ڪارگر بڻيا.

ڪلا جي ڪيتر ۾ پڻ ان وقت واڌارو ٿيڻ لڳو. سنگيت وڌيڪ لوڪپريه ٿيڻ لڳو. ڀارتي شئلي ۽ مغربي تڪنيڪ جي ملڻ سان نئين چتر ڪلا تيار ٿي.

وگيان جي وشيه تي ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا. ڀارت جي واڌاري لاءِ پريوگ ڪرڻ ۽ وگيان درشٽي جو ماڻهن جي دل ۾ اهميت وڌڻ لڳي.

### توهان کي ڄاڻ آهي ڇا؟

**جاڳرتا جي ڀين ڪيترن ۾ ڪوج :** سڌاري جي هلچل وانگر جاڳرتا واري عرصي ۾ ساهتيه، ڪلا، وگيان جي ڪيتر ۾ ٿيل ترقي اهميت واري هئي. ساهتيه جي ڪيتر ۾ گروديو رويندر ناٿ ٺاگور تہ وگيان جي ڪيتر ۾ سائنسدان سي وي رمن کي نوبل انعام مليو ان سان ڀارت جي ترقي جي ڄاڻ پوي ٿي. اهڙي طرح چوگرد جديد ڀارت اڏڻ شروع ٿيو.

## ابياس

**١. هيٺ ڏنل متبدلن مان صحيح متبدل چونڊي جملو وري لکو.**

(سرسيد احمدخان، سوامي وويڪانند مهرشي ونڌ رامجي شندي)

(١) رامڪرشن مشن جي اِستاپنا ............... ڪئي.

(٢) محمدن ائنگلو اورينٽل ڪاليج جي اِستاپنا ............ ڪئي.

(٣) ڊپرسڊ ڪلاس مشن جي اِستاپنا ............... ڪئي.

**٢. هيٺيون خاڪو پورو ڪريو .**

| سماج سُڌارڪن جا نالا | سنستا | اخبارون ڪتاب | سنستا جا ڪم |
|---|---|---|---|
| راجا رام موهن راءِ | .......... | سنواد ڪومدي | ........ |
| ............. | آريہ سماج | ........... | ........ |
| مهاتماڦلي | .......... | غلام گري | ........ |

**٣. هيٺين جو سبب ڏيئي سمجهايو :**

(١) ڀارت ۾ سماجڪ، ڌارمڪ بدلاءُ لاءِ هلچل شروع ٿي.

(٢) مهاتماڦلي حجمن جي هڙتال ڪرائي.

**٤. نوٽ لکو :**

(١) رامڪرشن مشن

(٢) ساوتري ٻائي ڦلي جا اِسترين بابت سُڌارا

**عملي ڪم :-**

(١) ”استري تعليم“ ان وشيه تي اسڪول ۾ مضمون چٽاڀيٽي رکو.

(٢) سماج سُڌارڪن جا فوٽو گڏ ڪريو.

# ٦. آزاديءَ جي هلچل جي يڳ جي شروعات

انگريزن تعليم جو ڀارتيہ سماجڪ جيون تي گهڻو اَثر ٿيو. نئين سکيا ورتل سماج جي جاڳرتا ڪري راشٽرواد جي ڀاونا نرماڻ ٿي. ڀارت جي جدا جدا ڀاڱن جي هلچل ڪري. الڳہ - الڳہ پرانتن جي حاڪمن کي گڏ ڪرڻ، راڄنيتڪ طور جاڳرت ۽ الڳہ الڳہ گروهہ ۽ ماڻهن کي گڏ ڪرڻ ۽ راشٽريہ فائدي جي مُدن تي ماڻهن جو ڌيان ڇڪڻ راشٽر جون اُميدون ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪ سڄي ديش جي سطح وارو سياسي سنگهٽن ڪڙو ڪرڻ لاءِ مفيد حالتون بڻجيون.

**برٽش حڪومت ۾ مرڪزي راڄ :** انگريزن ڀارت ۾ مرڪزي حڪومت قائم ڪئي. سڄي ديش ۾ هڪجهڙي نيتي قاعدي اڳيان سڀ هڪجهڙا آهن جنهن سان ماڻهن ۾ هڪ راشٽر جي ڀاونا پئدا ٿي. انگريزن پنهنجي حڪومت جي سهوليتن لاءِ ۽ لشڪر جي تڪڙي رفتار لاءِ ريلوي، رستا، خشڪي رستا ٺهرايا. انهيءَ جو فاعدو ڀارتواسين کي بہ مليو. هڪ پرانت کان ٻئي پرانت تائين ڀارتواسين جو ڀاڻ ۾ سنبنڌ جڙڻ سان اُنهن ۾ ديش ڀڳتيءَ جي ڀاونا پيدا ٿي.

**ڀارت کي آرٿڪ نموني پيڙڻ :** ڪيترن طريقن سان ڀارت جو ڌن انگلئنڊ ڏانهن ويندو هو. انگلئنڊ جي سامراجيوادي نيتيءَ سبب ڀارت کي آرٿڪ نموني پيڙيو ويو. ڪسانن کي سختي سان نقدي فصل پوکڻ تي زور ڀريو. زمين جي ڍل، لاڳيتي ڏڪار سبب سندس حالت هيٺي ٿي ويئي. روايتي هنر ۽ ڌنڌن جي بند ٿيڻ سان بيڪاري وڌي. سرمائيدارن طرفان مزورن کي پيڙيو ويندو هو. وچولي طبقي مٿان ڍلون مڙهيون ويئون انهيءَ ڪري ماڻهن جي دل ۾ ناراضپو ڀريل هو.

**مغربي سکيا :** مغربي سکيا جي پرچار ذريعي ڀارتين کي نياءُ، آزادي، سمتا، لوڪشاهي جهڙن گڻن سان سڃاڻپ ٿي. سمجهہ، وگيان وشيہ لاءِ شونق، انسانيت، راشٽرواد جهڙا گڻ حاصل ڪيا. انهن گڻن جي آڌار تي پنهنجي ديش جو ڪاروبار هلائي سگهجي ٿو. اها ڀاونا ماڻهن جي من ۾ ٿي. اهڙي ريت مغربي سکيا ذريعي ڀارتواسين کي سمپرڪ جو هڪ نئون وسيلو مليو.

**ڀارت جي پراچين اِتهاس جو اڀياس :** انگريزن، ڪولڪاتا ۾ ايشيا سوسائٽيءَ آف بنگال جو ڀايو وڌو. ڀارتيہ سنسڪرتيءَ جو انيڪ ڀارتيہ مغربي ودوانن اڀياس ڪيو.



ڊا. ڀاءُ داجي لاڙ

سنسڪرت پارسي ۽ ٻين ڀارتي ٻولين ۾ سوين هٿ سان لکيل ڪتاب جاچي ڪتاب شايع ڪيا. ڊاڪٽر ڀاءُ داجي لاڊ، ڊاڪٽر را. گو ڀانڊارڪر جهڙن ڪيترن ئي ماهرن ڀارتيہ سڀيتا کي زور وڌايو.

ڀارتواسين کي ان ڳالهہ تي فخر ٿيڻ لڳو تہ اسان وٽ پراچين ۽ ترقيءَ تي پهتل سڀيتڪ ورثو آهي. پُٺي ۾ 'ڀانڊارڪر پراچين وديا سنشوڌن مندر' اها سنستا سؤ سالن کان سيوائون ڏي ٿي.



ڊا. را. گو. ڀانڊارڪر

**اخبارن مخزن جو ڪم :** انهيءَ عرصي ۾ مڪاني ۽ انگريزي ٻولين ۾ اخبارون، مخزنون ڇپجڻ شروع ٿيون. اُنهي رستي راڄنيتڪ ۽ سماجڪ جاڳرتي ٿيڻ لڳي. درپڻ، پرڀاڪر، هندو، امرت بازار پٽريڪا، ڪيسري مراٺا وغيره اخبارن ذريعي سرڪار جي نيتيءَ تي ٽيڪا ٿيڻ لڳي.

## ڀارتيہ راشٽريہ سڀا جي

**استاپنا :** ٢٨ ڊسمبر ١٨٨٥ع ڏينهن ممبئيءَ جي گوڪلداس تيجپال سنسڪرت پاٺشالا ۾ راشٽريہ سڀا جو پهريون اِجلاس شروع ٿيو. ديش جي ڌار ڌار ڀاڱن مان اِجلاس ۾ ٧٢ عيوضي آيا. ڪولڪاتا جو ناميارو وڪيل ويوميش چندر بئنرجي هن اِجلاس جو پريزيڊنٽ هو. انهن سڀني گڏجي هن اِجلاس ۾ ’ڀارتيہ راشٽريہ سڀا (انڊين نئشنل ڪانگريس) جي استاپنا ڪئي. ائلن آڪٽيوئن هيوم نالي برٽش آڏڪاري راشٽريہ سڀا جي استاپنا لاءِ اڳيان آيو. ڀارتواسين کي ديش جي راڄ ڪاروبار ۾ استان ڏنا وڃن. فوجي خرچن ۾ ڪٽر ڪرڻ، اهڙي قسم جون گهرون ڪيون ويئون. انهن گهرن لاءِ برٽش سرڪار ڏانهن عرضي موڪلي ويئي.



ويوميش چندر بئنرجي

**راشٽريہ سڀا جا مقصد :** ڀارت جي جدا جدا ڀاڱن جي ماڻهن کي گڏ ڪرڻ، ڌرم، ونش، ذات وغيره جي ڀيد کي پاسيرو رکي ماڻهن ۾ ايڪتا جي ڀاونا پيدا ڪرڻ، هڪ ٻئي جي مسئلن ۽ ويچارن کي سمجهڻ جا ڪين وجهه ڏيڻ، ديش جي ترقيءَ لاءِ ڪوششون ڪرڻ وغيره راشٽريہ سڀا جا اُديش هئا.

**نرم عرصو : (١٨٨٥-١٩٠٥) :** راشٽريہ سڀا جي استاپنا کان پوءِ شروعاتي ڏهاڪي ۾ ان جو ڪم آهستي پر لاڳيتو هلندو رهيو. راشٽريہ سڀا جا نيتائون حقيقت وادي ۽ پڙهيل ڳڙهيل هئا. سنگهٺن جي ڪمن سان مضبوط پايو وڌو ويو. ان جي اُنهن کي ڄاڻ هئي. مغربي ويچاروانن جي اُدار متواري، تتو گيان، آزادي، سمانتا، ڀائيچاري جي سڌانتن ۾ اُنهن جو وشواس هو. هنن جو سچائي واري وات ۾ وشواس هو. سچائيءَ واري رستي ڪاريہ ڪرڻ سان انگريز اسانجي گهرن تي ڌيان ڏيندا، اهڙو ڪين وشواس هو. گوپال ڪرشن گوکلي، فيروزشاهه مهتا، سريندر ناٿ بئنرجي اهي نرم ڌر جا اڳوان هئا.

راشٽريہ سڀا جي اِجلاس ۾ پرانتڪ قاعدي منڊل ۾ ماڻهن جا عيوضي هئڻ گهرجن، پڙهيل ڳڙهيل ڀارتين کي نوڪري حاصل ٿئي. فوجي خرچ ۾ ڪٽر ٿئي ماڻهن جو قاعدي سان بچاءُ ٿئي. ان لاءِ سنستائن ۽ نياءُ سنستائن جو وروڌ ڪيو. اهڙا الڳہ الڳہ مُدا اِجلاس ۾ رکيا ويا. راشٽريہ هلچل ۾ قوت وجهڻ لاءِ ”قوت وجهو ۽ راڄ ڪريو“ ان نيتي جو آڌار انگريزن ورتو.

**گرم عرصو (١٩٠٥-١٩٢٠) :** راڄنيتڪ طور جاڳرتا نيتائون سڀ ذات، ڌرم، ڀاشا، پرانت جا سڀ ڀيد وساري راشٽر سڀا ۾ گڏ ٿيندا هئا. راشٽر سڀا جو مقصد ۽ سچائي واري رستي هلچل اڳتي وڌائڻ جي هڪ ويچار هئڻ کان پوءِ بہ ڪم ڪرڻ جي طريقي ۾ فرق هو. اهو متڀيد تتو روپي هو. ان متڀيد سبب راڄنيتڪ هلچل جا ٻہ گروهه ٿي پيا. شانتيڪي ۽ قانوني نموني ڪم ۾ وشواس رکندڙ نرم ڌر ۽ آزاديءَ لاءِ تيز هلچل هلائجي اهڙي ويچار وارا هئا گرم ڌر جا اڳوان. لالا لجپتراءِ، بال گنگاڌر تلڪ ۽ بپنچندرپال گرم ڌر جا اڳوان هئا.

شروعات واري وقت ۾ گرم ڌر جا اڳوانن ڀارتواسين ۾ سياسي جاڳرتا آڻڻ لاءِ اخبارن، راشٽريہ ڌڻ ۽ راشٽريہ سکيا جي وسيلن جو واهپو ڪيو. ’ڪيسري‘ ۽ ’مراٺا‘ بنهي اخبارن وسيلي لوڪمانيہ تلڪ زوردار ٽيڪا ڪئي.



لوڪمانيہ تلڪ

بنگال پرانت ۾ امرت بازار پتريڪا گرم ڌر وارن جي مکيہ اخبار هئي. ماڻهو پنهنجا شخصي متڀيد وساري گڏ ٿين، ويچارن جي ڏي وٺ ڪن، مهان پرشن جي ڪمن مان عام ماڻهن کي پريرڻا ملي، ان مقصد سان لوڪمانيہ تلڪ گڻيش اُتسوءَ ۽ شواجي جينتي جهڙا اُتسوَ شروع ڪرايا.

راڄنيتڪ سبب لاءِ ماڻهو ويجهو ايندا تہ سرڪار اُنهن تي بندي وجهندي پر ڌارمڪ ڪاريہ سبب ماڻهو ويجهو ايندا تہ سرڪار اُنهن تي بندي (روڪ) ڪونہ وجهي سگهندي اهو هنجو ويچار هو. منڊالي جي جيل ۾ تلڪ 'گيتا رهسيہ' گرنٿ لکيو. ان جو سار هو ڪرم يوگ، ماڻهو پنهنجي ڪم ۾ رڌل رهي ان تي زور هو.

پنهنجي ڀاشا، سنسڪرتي لاءِ فخر جي ڀاونا، پريم، نرماڻ ڪرڻ واري پيڙهي تيار ڪرڻ لاءِ گرم ڏر وارن تعليمي سنسٿائون برپا ڪيون لکين ماڻهن آزادي جي هلچل ۾ ڀهرو وني سرڪار کي للڪاريندا ۽ سنگهرش ڪندا تہ ڪاميابي ملندي اهڙا ويچار گر ڏر جا هئا هلچل تيز ڪجي ان ۾ هنجي يڪراءِ هو پر اُنهن هٿيارن کي کڻي وروڌ ڪرڻ جو طريقو نہ اپنائي وياپڪ آندولن تيار ڪجي اهو هنجو چوڻو . نرم ڏر آزاديءَ جي هلچل جو پايو وڌو ۽ گرم ڏر اِن هلچل کي اڳتي وڌايو.

۱۸۹۷ ۾ پٽي ۾ پليگہ مهاماري هاهاڪار مچايو سوين ماڻهو مئا. ان بيماري تي ضابطو ڪرڻ لاءِ رئنڊ اڌڪاريءَ بدلو وٺڻ لاءِ ڪي رکيو ويو. پليگہ جا روڳي ڳولهڻ لاءِ شروعات ٿي ماڻهن تي زور زبردستي ۽ ظلم ڪيا ويا. ان جو بدلو وٺڻ لاءِ چاڦيڪر ڀائرن رئنڊ جي هتيا ڪئي. سرڪار ان ڳالهہ جو لاڳاپو تلڪ سان جوڙيو پر ان ثابت ڪرڻ ۾ ناڪامياب ويا تہ بہ سرڪار بدلو وٺڻ لاءِ تلڪ کي جيل ۾ وڌو.

**بنگال جو ورهاڱو :** هندو - مسلم سماج ۾ نفرت جو ٻج وجهي 'قوت وجهو ۽ راڄ ڪريو' واري نيتيءَ انگريزن اختيار ڪئي. اُن وقت جي وائيسراءِ لارڊ ڪرزن ورهاڱو ڪيو. بنگال هڪ وڏو پرانت هو، ورهاڱي جي پنيان حڪومت جي سهوليت جو ڪارڻ ڏئي لارڊ ڪرزن ۱۹۰۵ ۾ بنگال جو ورهاڱو ڪيو. انهيءَ موجب مسلم گهڻائي واري ڀاڱي کي اوڀر بنگال ۽ هندو گهڻائيءَ واري حصي کي اولهہ بنگال انهن ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو. ورهاڱي پنيان اهو مقصد هو تہ هندو ۽ مسلمانن ۾ ڦوٽ وجهي آزاديءَ جي هلچل کي ڪمزور ڪجي.

**ونگہ ڀنگہ هلچل :** بنگال ۾ ونگ ڀنگہ جي خلاف عام رايو ڀڙڪي اُٿيو. ۱۶ آڪٽوبر ورهاڱي جو ڏينهن ''قومي شوڪ ڏينهن'' ڪري ليکيو ويو. اعتراض سڀائن ذريعي سرڪار کي ڌڪاريو ويو. وندي ماترم گيت هرهنڌ ڳائڻ شروع ڪيو ويو. ايڪتا جي نشانيءَ طور رکشا ٻنڌن جو ڪاريہ ڪرم ملهايو ويو. سرڪاري اسڪول، ڪاليجن جا شاگرد بهشڪار ڪري وڏي تعداد ۾ هلچل ۾ شامل ٿيا. انهي ونگہ ڀنگہ هلچل جي اڳواڻي سريندر ناٿ بئنرجي، آنند موهن بوس، رويندر ناٿ ٽئگور وغيره اڳواڻي ڪئي. ونگہ ڀنگہ جي خلاف هلچل ڪري راشتريہ هلچل جو وستار وڌيو. هن هلچل جو زور ڏسي سنہ ۱۹۱۱ع ۾ برٽش وارن بنگال جو ورهاڱو رد ڪيو.

**راشتريہ سڀا جو چار سوتري :** سنہ ۱۹۰۵ع جي راشتريہ سڀا جي اجلاس جو پريزيڊنٽ نامدار گوکلي هو. هن ونگہ ڀنگہ هلچل جي ڀنيرائي ڪئي. ۱۹۰۶ جي اِجلاس جو پريزيڊنٽ دادا ڀائي نوروجي هو. صدارت ڪندي هن چيو تہ پهريون دفعو 'سوراج' لفظ چيو. هن ماڻهن کي چيو تہ يڪمشت ٿي رهو، سوراج حاصل ڪريو جنهن سان لکين ماڻهو غريبيءَ، ڏک ۽ بيماريءَ ڪري مرن ٿا، اُنهن کي بچائي سگهبو. ڀارت کي وري عزت وارو آستان حاصل ٿيندو اهڙو سنديش ڏنو.


دادا ڀائي نوروجي

انهي اجلاس ۾ سوراج، سوديشي، راشٽريه سکيا ۽ ٻهشڪار چار سوتري، ڪاريه ڪرم راشٽريه سڀا يڪراءِ بحال ڪيو. سوديشي هلچل ڪري خود-پورتي ڪندڙ ۽ خود آڌار ٿينداس. سوديشي مارگ تي وڃڻ لاءِ ديش جي دولت سيڙپ، ساڌن سامگري منوشيبل ۽ ڀيون شڪتيون گڏ ڪرڻيون پونديون ۽ ان مان ديش جو ڀلو ڪري سگهبو. ودیشي مال جو ٻهشڪار اهو پهريون ڏاڪو ته حڪومت جو ٻهشڪار اڳيون ڏاڪو ٿيندو ٻهشڪار مان برٽش سامراجيه جي پاڙ پٽي سگهجي ٿي. اهو نيتائن جو ويچار هو.

**نرم ۽ گرم ڌرن ۾ متڀيد :** راشٽريه سڀا جو اهو متڀيد سنه ١٩٠٧ع ۾ سورت ۾ ٿيل اِجلاس ۾ پڌڪي ويئي.

### چا توهان کي ڄاڻ آهي؟


گوپال ڪرشن گوکلي

مشهور اڳوان گوپال ڪرشڻ گوکلي ١٩٠٥ ۾ 'ڀارت سيوڪ سماج' جو پايو وڌو. هن ماڻهن ۾ ديش ڀڳتيءَ جي ڀاونا جاڳائي، سوارٿ کي تياڳڻ جي سکيا ڏني. ڌرم ۽ جاتيءَ وچ ورونڌ ختم ڪري ڀائپي پيدا ڪرڻ، تعليم جو ڦهلاءُ ڪرڻ ڀارت سيوڪ سماج جو مقصد هو.

اُٿيو نرم ڌر جي اها ڪوشش هئي ته سوديشي ۽ ٻهشڪار جا نعراءُ پاسيرا رکجن. انهي ڳالهه کي ڪامياب نه ٿيڻ لاءِ گرم ڌرم وارن ڪٽ پٽ ڪئي. نا. گوکلي، سريندرناٿ بئنرجي، فيروزشاهه مهتا جهڙن نرم ڌر جي اڳوانن، گرم ڌر جي اڳوانن تي اِلظام لڳايو ته هو راشٽريه سڀا کي ضابطي ۾ ڪرڻ چاهين ٿا. لالا لجپتراءِ وچ بچاءُ ڪرڻ جو ڪم ڪيو، لوڪمانيه تلڪ جو رايو هو ته ڀارتيه راشٽريه سڀا، راشٽريه منچ هئڻ ڪري ڦوٽ پوڻ صحيح نه ٿيندو. اجلاس جي وقت تناءُ وڌي ويو. ٺاهه ڪرڻ ناممڪن ٿي پيو. آخر ۾ راشٽريه ۾ ڦوٽ پئجي ويئي.

**برٽش سرڪار جو ظلم :** بنگال جي ورهاڱي کان پوءِ اٿردار هلچل ڏسي سرڪار بيزار ٿي پيئي، هلچل تي ضابطو رکڻ لاءِ سرڪار زور ظلم نيتي اختيار ڪئي. عام سڀائن تي قانوني بندش وڌي. انهيءَ قانون جي ڀڃڪڙي ڪرڻ وارن کي سخت سزائون ڏنيون ويئون. اسڪولي شاگردن کي پڻ ڦٽڪا هنيا ويا. اخبارن تي انيڪ بندشون وڌا ويا. سرڪار تي نڪتچيني ڪندڙ ڪيترن ڇاپخانن کي ضبط ڪيو ويو. ليکڪن ۽ سمپادڪن کي جيلن ۾ اُماڻيو ويو. سرڪار گرم ڌر جي اڳوانن جي خلاف سخت ڪاروائي ڪئي. انجو اگرو نتيجو بنگال ۾ ايريو ڪرانتيڪارين گوليبازي، بم حملا جا رستا اختيار ڪيا. انهن حملن جي پنيرائي ڪيسري اخبار ذريعي ڪندڙ لوڪمانيه تلڪ تي راجدروهه جو الزام مڙهي، اُنکي ڇهه سال ميانمار منڊالي جي جيل ۾ رکيو. بپن چندر پال کي پڻ جيل جي سزا ملي ۽ لالا لجپتراءِ کي پنجاب مان حد پار ڪيو ويو.

**مسلم ليگ جي استاپنا :** بنگال جي ورهاڱي وقت راشٽريه سڀا کي جنتا جي طرفان مليل زوردار اُتساهه پري پنيرائي مليل ڏسي برٽش حمڪران بي آرام ٿيا هنن وري هڪ دفعو ڦوٽ وجهي راڄ


لال-بال-پال

ڪريو واري رستي جو آڌا ورتو. انگريز حڪمران چوڻ لڳا ته مسلمانن جي آزاد راڄنيتڪ سنستا هئڻ گهرجي. برٽش سرڪار جي انهيءَ اُتساهه ڏيارڻ

ڪري مسلم جماعت اوچ درجي جي ماڻهن جي منڊل، آغاخان جي اڳواڻي هيٺ گورنر جنرل لارڊ منٽوسان ملاقات ڪئي. سن ١٩٠٦ع ۾ لارڊ منٽو ۽ ٻين برٽش عملدارن جي اُتساهه ڏيارڻ سان 'مسلم ليگ' نالي سنستا برپا ڪئي ويئي.

**مارلي منٽو قاعدو :** ڀارتيه جنتا ۾ برٽش سرڪار خلاف اسنتوش هو. برٽش جي آرٿڪ نيتي ئي غريبيءَ جو مکيه ڪارڻ آهي اهو جنتا جو خيال هو. ڪرزن جي ظلمي نيتي، پڙهيل ڳڙهيل ڀارتواسين کي نوڪري نه ڏيڻ، ڀارت کان ٻاهر آفريڪا ۾ ڀارتواسين سان انياءُ ڀريو وهنوار ڪرڻ ڪري اسنتوش ۾ واڌ آئي. ڀارتواسين جي اسنتوش کي شانت ڪرڻ لاءِ ١٩٠٩ع ۾ مارلي منٽو سُڌار قاعدو آندو ويو. انهيءَ قاعدي موجب قاعدي منڊل ۾ ڀارتي عيوضين جو تعداد وڌايو ويو. ڪجهه چونڊيل ڀارتي عيوضين کي قاعدي منڊل ۾ شامل ڪرڻ جي تجويز ڪئي ويئي. اهڙي طرح مسلمانن لاءِ الڳ متدار سنگهه تيار ڪيو ويو. انگريزن جي ڀيدڀاوَ واري نيتيءَ سبب ڀارت ۾ ڦوٽ جو ٻج ڇٽيو ويو.

**لکنو قرار :-** سن ١٩١٦ع جي راشٽريه سڀا جي لکنو اجلاس ۾ تلڪ جي اڳواڻي هيٺ يڪمشت ڪرڻ جون ڪوششون شروع ٿيون. ساڳي سال راشٽريه سڀا ۽ مسلم ليگ جي وچ ۾ لکنؤ ۾ ناهه ٿيو. اُن کي لکنؤ قرار ڪري ڪوٺجي ٿو. انهيءَ ناهه موجب مسلمانن جي الڳ متدار سنگهه کي راشٽريه سڀا منظوري ڏني ۽ ڀارت کي سياسي حق وٺي ڏيڻ لاءِ راشٽريه سڀا سان سهڪار ڪرڻ لاءِ مسلم ليگ پنهنجي مڃينا ڏني.

**هوم رُول هلچل :** سن ١٩١٤ع ۾ لوڪمانيه تلڪ جي جيل مان رهائي ٿي تڏهن يورپ ۾ پهرين مهاڀاري لڙائي شروع ٿي. اُن جو سيڪ ڀارت کي به آيو. ڏينهون ڏينهن ضروري شين جا اگهه وڌڻ لڳا. سرڪار ناگرڪن مٿان ڪيترين ئي پابنديون وڌيون. انهيءَ ڪري ڀارتواسين ۾ ناراضپو وڌڻ لڳو.



ڊا. ائني بيسنت

اهڙي حالت ۾ ڊاڪٽر ائني بيسنت ۽ لوڪمانيه تلڪ هوم رُول هلچل شروع ڪئي. هوم رول معنيٰ آهي پنهنجو راڄ ڪاروبار ڀاڻ هلائڻ. انکي 'پنهنجو راڄ' چئجي ٿو. آئرلنڊ ۾ ٻئنڪي راڄ خلاف اهڙي هلچل هلي هئي اُن جي آڌار تي ڀارتيه هوم رُول هلچل ذريعي ڀارتواسين ڀاڻ راڄ هلائڻ جو حق، انگريز سرڪار کان گهريو. ائني بيسنت ۽ لوڪمانيه تلڪ طوفاني دؤر ڪيو ۽ پنهنجو راڄ گهرڻ جو پيغام جنتا تائين پهچايو. لوڪمانيه تلڪ کليل اکرن ۾ چيو ته 'سوراڄ منهنجو جنم جو حق آهي ۽ اهو مان حاصل ڪري رهندس.'

**پهرين مهاڀاري لڙائي ۽ ڀارت :** يورپ ۾ يُڌ جهڙي حالت، ڀارت ۾ وڌندڙ ناراضپو، هوم رُول هلچل جي وڌندڙ لوڪپريتا، ان حالت ۾ ڀارتواسين جي سهڪار حاصل ڪرڻ برٽشن لاءِ ضروري هو. ان لاءِ برٽش سرڪار اهو طئه ڪيو ته ڀارتواسين کي ڪي راڄ اڌڪار ڏجن اِهو سرڪار طئه ڪيو. ڀارت منتري مانٽيگو ١٩١٧ ۾ اهو پڌرنامو ڪڍيو ته درجي به درجي ڀارتواسين کي راڄ جو اڌڪار ۽ جوابدار راڄ هلائڻ جو طريقو ڏنو ويندو. لوڪمانيه تلڪ ظاهر ڪيو ته جيڪڏهن سرڪار ڀارتواسين جي گهرجن جو همدرديءَ ۽ سمجهداري سان ويچار ڪندي ته ڀارتي جنتا پڻ سرڪار سان سهڪار ڪندي. لوڪمانيه تلڪ جي انهن پڌرنامي کي 'شرطي سهڪار' ڪري سڏجي ٿو.

**مانٽيگو - چيمسفورڊ قاعدو :** سن ١٩١٩ع ۾ برٽش پارليامينٽ جوڙجڪي سُڌارا آڻڻ لاءِ هڪ قاعدو منظور ڪيو انهيءَ کي 'مانٽيگو چيمسفورڊ قاعدو' ڪري چيو وڃي ٿو. ان قاعدي موجب ڪجهه بنا اهميت وارا کاتا ڀارتيه منتري کي سونپيا ويا. مگر مالي محصول، گرهه جهڙا مکيه کاتا گورنرجي تابع ۾ رهيا.

سنہ ١٩١٩ جي قاعدي موجب ڀارت ۾ جوابدار راڄ جي طريقي جي گهر پوري ڪونہ ٿي. انهيءَ قاعدي سبب سڀئي نا اُميد ٿي پيا. لوڪمانيہ تلڪ انهيءَ قاعدي مان انومان ڪڍيو تہ ’اهو سوراڄ ڪونهي ۽ نڪو وري سوراڄ جو بنياد آهي. سرڪار کي سبق سيکارڻو آهي تہ انلاءِ وڏي پيماني تي راشٽريہ هلچل جي ضرورت آهي. اها ڳالهہ سڀني ڀارتواسين کي معلوم ٿي. ڀارت نئين هلچل لاءِ سنيري تيار ٿيو.

## اڀياس

١. (الف) هيٺ ڏنل متبادلن مان صحيح متبادل چونڊي جملو وري لکو.

(١) ڀارت سيوڪ سماج جي اِستاپنا .............. ڪئي.

(الف) گٽيش واسديو جوشي

(ب) ڀاءُ داجي لاڙ

(ٿ) م. گو. رانڊي

(د) گوپال ڪرشن گوکلي

(٢) راشٽريہ سڀا جو پهريون اِجلاس ................... هنڌ ٿيو.

(الف) پٽي (ب) ممبئي

(ٿ) ڪولڪاتا (٢) لکنو

(٣) گيتا رهسيہ گرنٿ ........... لکيو.

(الف) لوڪمانيہ تلڪ (ب) دادا ڀائي نؤروجي

(ٿ) لالا لجپتراءِ (د) بپن چندر پال

(ب) نالا لکو

نرم ڌر جا نيتا .....................

گرم ڌر جا نيتا .....................

٢. هيٺيان وڌاں سبب ڏيئي سمجهايو

(١) آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ ڀارتواسين ۾ قومي ڀاو جاڳرت ٿيو.

(٢) ڀارتيہ راشٽريہ سڀا ۾ بہ گروهہ نهي پيا.

(٣) لارڊ ڪرزن بنگال جو ورهاڱو ڪيو.

٣. نوٽ لکو :

(١) راشٽريہ سڀا جا مقصد.

(٢) ونگہ - ڀنگہ هلچل

(٣) راشٽريہ سڀا جا چار سوتري.

٤. ڀارتيہ راشٽريہ سڀا جي اِستاپنا جي ڀوميڪا هيٺين مدن تي آڌار تي سمجهايو.

- مرڪزي حڪومت
- آرٿڪ نموني ڀيڙهڻ
- مغربي تعليم
- ڀارت جي پراچين اتهاس جو ابياس
- اخبارن - مخزنن جو ڪم

### مشغولي

راشٽريہ سڀا جي شروعاتي وقت جي اڳوانن جي وڌيڪ ڄاڻ انٽرنيٽ وسيلي حاصل ڪريو.

❁❁❁

B181YI

# ٧. اسهڪار هلچل

عيسوي سن ١٩٢٠ع کان ١٩٤٧ع وارو عرصو ڀارتيه آزاديءَ جي هلچل جو ’گانڌي يُگ‘ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. ١٩٢٠ ۾ لوڪمانيه تلڪ جي موت کان پوءِ آزاديءَ جي هلچل جي واڳ مهاتما گانڌيءَ کي ملي. گانڌي جيءَ ستيه، اهنسا، ستياگرهه جهڙن هٿيارن سان آزاديءَ جي لڙائيءَ کي نئون روپ ڏنو. گانڌيجيءَ جي اثرائتي اڳوانيءَ سبب راشٽريه هلچل جو وستار ٿيو. ڀارت جي آزاديءَ جي نئين ڏڪ جي شروعات ٿي.

**گانڌيجيءَ جا ڏکڻ آفريڪا ۾ ڪم :** مهاتما گانڌي ١٨٩٣ ۾ وڪالت جي ڪم سبب ڏکڻ آفريڪا ۾ ويا هئا. ڏکڻ آفريڪا انگلنڊ جي هڪ بئنڪ هئي. اُتي ڏنڊن واپار ۽ ٻين ڏنڌن ڪري انيڪ ڀارتيه ٽائنڪا ٿيا هئا. هندي ماڻهن سان گنهگار جهڙو ورتاءُ



مهاتما گانڌي

ڪندا هئا. اُنهن جو هر هنڌ اپمان ڪندا هئا. ١٩٠٦ ۾ سُرڪار هڪ فرمان ڪڍي ڪارن لاءِ سڃاڻپ ڪارڊ رکڻ لازمي ڪيو. اُنهن جي آزاديءَ تي ٻنڌن وڌان ويا. اِن انياءَ جي خلاف گانڌيجيءَ ستياگرهه جي رستي اُتي جي ماڻهن کي انصاف وٺي ڏنو.

**گانڌيجيءَ جو ڀارت ۾ اچڻ :** ٩ جنوري ١٩١٥ ڏکڻ آفريڪا مان ڀارت ۾ موٽيو. نامدار گوپال ڪرشڻ گوکلي جي صلاح انوسار هن سڄي ڀارت جو رٽن ڪيو عام ماڻهن جو ڏُک ۽ غريبي ڏسي هو ڏُکي ٿيو. هن راشٽريه سيوا جو فيصلو ڪيو. احمدآباد جي ويجهو سابرمتي ندي جي ڪناري آشرم ۾ رهڻ لڳا. عام جنتا کي نياءُ وٺي ڏيڻ جي لاءِ ستياگرهه جو نئون مارگ ڪم آندو.

**ستياگرهه :** گانڌيجيءَ جو ستياگرهه جو نئون طريقو ڪم آندو. ستياگرهه معنيٰ ستيه ۽ انصاف جو زور ڀرڻ. انياءُ ڪندڙ ماڻهن کي صبُر ۽ اهنسا جي مارگ سان ستيه ۽ انصاف جي ڄاڻ ڏيڻ ۽ سندس ويچار بدلائڻ اهو ستياگرهه جو مقصد هو. ستياگرهه ڪندڙ ماڻهن کي هنسا ۽ استيه جو اِستعمال ڪرڻو ناهي. اها گانڌيجيءَ جي سکيا هئي.

ڀارت ۽ سڄي دنيا جي جنتا انصافيءَ جو مقابلو ڪرڻ لاءِ ستياگرهه جي واٽ قبول ڪئي. آمريڪا ۾ ڪاري رنگ جي حقن لاءِ لڙندڙ آمريڪا جي مارٽن ليوٿر ڪنگ ۽ ڏکڻ آفريڪا ۾ نيلسن منڊيلا جهڙن اڳوانن تي گانڌيجيءَ جي واٽ جو اثر ٿيو.

**چمپارن ستياگرهه :** بهار ۾ چمپارن ۾ ڪيٽن جا انگريز مالڪ اُتان جي ڪسانن مٿان گُلي جي پوک ڪرڻ جي لاءِ سختي ڪندا هئا، اهو نير (گُلي) طئه ڪيل اگهه تي ڪيٽن جي مالڪن تي وڪڻڻ جي سختي هئڻ ڪري ڪسانن جو آرٿڪ نقصان ٿيندو هو. گانڌيجي ١٩١٧ ۾ چمپارن ۾ ويا. گانڌيجي چمپار ۾ ڪسانن کي گڏ ڪري ستياگرهه ڪيو گانڌيجي پهرين لڙائي ڪاميابيءَ سان ڪٽي. ڪسانن کي انصاف مليو.

**کيڙا ستياگرهه :** گجرات ۾ کيڙا ضلعي اندر ساندهه پوندڙ ڏڪار سبب فصلن جي حالت تمام خراب ٿي ويئي هئي سرڪار طرفان سختيءَ سان ڍل وصول ڪئي ويندي هئي. گانڌيجي ڪسانن کي ڍل نه ڀرڻ جي صلاح ڏني انهيءَ ڪري مڪاني ڪسانن سن ١٩١٨ع ۾ کيڙا ضلع ۾ ڍل بندي هلچل شروع ڪئي گانڌيجي انهيءَ هلچل جي اڳواني شروع ڪرڻ قبول ڪيو. ٿوري وقت اندر سرڪار ڍل معاف ڪئي.

**احمدآباد جي پورهيتن جو جهيڙو :** پهرين مهاڀاري لڙائيءَ واري وقت ۾ مهانگائي وڏي پئماني تي وڌي ويئي هئي.

تنهن هوندي بہ مل مزدورن جي پگھار وڌائي نہ ڏني ويئي. گانڌيجي مزورن جي ستياگرهہ ۾ ٻڪہ هڙتال ڪرڻ بابت رهبري ڪئي ۽ گانڌيجي پڻ ٻڪہ هڙتال ۾ شامل ٿيا. آخر مل مالڪ پيش پيا. هنن مزدورن کي پگھار وڌائي ڏني.

**رولٽ ائڪٽ جي قاعدي خلاف ستياگرهہ :**

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ ڀارتيہ برٽش جي مدد ڪئي. اهو محسوس ڪندي تہ لڙائي پوري ٿيڻ کان پوءِ اُنهن کي سياسي آزادي ملندي. ڀارت ۾ وڌندڙ اگھہ وڌيل ڍل وغيرهہ آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ ڪارڻ ڪري برٽش حڪومت خلاف جنتا جو اسنتوش وڌندو ويو.

برٽش سرڪار ناراضپي کي روڪڻ جي لاءِ ۽ اُن بابت اُپاو ڳولهڻ جي لاءِ سرسبدني رولٽ نالي اڌڪاريءَ جي سدارت هيٺ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي اِن ڪاميٽيءَ جي سفارش موجب ١٧ مارچ ١٩٩١ ۾ ڪيندريہ قاعدي منڊل جي ڀارتيہ ميمبرن جي ڪيل ورود ڏانهن نہ جُهندي نئون قاعدو ڪڍيو اُن کي رولٽ ائڪٽ چوندا آهن اِن قاعدي موجب ڪنهن بہ ڀارت واسيءَ کي بنا جاچ جوچ جي گرفتار ڪري سگھجي ٿو. ڪورٽ ۾ مُقدمو داخل نہ ڪندي سڌو جيل ۾ وجهڻ جو حق سرڪار کي ڏنو ويو. اِن قاعدي موجب مليل سزا جي خلاف اپيل ڪرڻ جي لاءِ بہ منع ڪئي ويئي. ڀارت واسين اِن قاعدي کي ڪارو قاعدو ڪري چڙيو. اِن قاعدي جي خلاف سڄي ديش ۾ ڏُکہ جي لهر ڇانئجي ويئي. گانڌيجيءَ هن قاعدي جي خلاف ستياگرهہ ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ٦ اپريل ١٩١٩ع تي هڙتال جو سڏ ڏنو. هن اعلان کي ڀارتواسين وڏي پئماني تي پنيرائي ملي.

**جليانوالا باغ وارو ڪوس :** رولٽ قاعدي جي خلاف ستياگرهہ جي لڙائي پنجاب ۾ بلڪل اُگھرو روپ ورتو. امرتسر هن هلچل جو مُکيہ مرڪز هو سرڪار زور ظلم تي سنڌرو ٻڌي بيني گانڌيجيءَ کي پنجاب پرانت ۾ وڃڻ جي منع ڪئي ويئي. جنرل ڊائر امرتسر ۾ سڀا نہ ڪوٺائڻ جو حُڪم ڏنو. امرتسر ۾ هڙتال جي ڪري ڊاڪٽر صيفدين ڪچلو ۽ ڊاڪٽر ستيپال جهڙن اڳوانن کي گرفتار ڪيو ويو.

انهيءَ گهٽنا جي اعتراض وٺڻ جي لاءِ ١٣ اپريل ١٩١٩ع تي امرتسر ۾ جليانوالا باغ ۾ ويساکيءَ جي شُڀ ڏڻ تي نِمت هڪ سڀا جو آيوجن ڪيو ويو. اِن وقت جنرل ڊائر لشڪري گاڏيون ڪٽي پهتيون جليانوالا باغ کي هڪ پاسي سوڙهي رستي کي گهيريو ويو ۽ بي هٿيار بي ڏوهي جنتا کي ڪابہ اڳوات ڄاڻ نہ ڏيندي گوليون وسائڻ شروع ڪيون بندوق جون ١٤٠٠ ڦيريون هلائڻ کان پوءِ بارود ختم ٿيڻ تي گولي بازي روڪي ويئي. هن هتياڪانڊ ۾ اٽڪل ٤٠٠ مرد ۽ عورتون مري ويا. بيشمار ماڻهو زخمي ٿيا. گولي بازيءَ کان پوءِ سڏو ئي سنچار بنڌي ڪئي ويئي. زخمين جو تڪڙو علاج ڪونہ ٿي سگهيو سڄي پنجاب ۾ فوجي قاعدو لاڳو ڪري سرڪار ڪيترن کي جيل ۾ بند ڪيو.

هن هتيا ڪانڊ جو جوابدار پنجاب جو مائيڪل اوڊوائير هو سڄي ديش ۾ قاعدي کي نِنديو ويو . هتياڪانڊ جي اعتراض طور رويندر ناٿ ٽئگور برٽش سرڪار وٽان مليل سر جو خطاب موٽائي ڏنو. پوءِ انهيءَ هتياڪانڊ جي جاچ جي گُهر ڀارتواسين ڪئي ائين ڪري سرڪار هنٽر ڪميشن مقرر ڪئي.



رويندر ناٿ ٽئگور

**خلافت هلچل :**

ترڪستان جو سلطان سڄي دنيا جي مسلمانن جو خليفو يعني ڌرم پرمکہ هو پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ ترڪستان اِنگلئنڊ جي خلاف گَٽ ۾ هو لڙائيءَ ۾ مسلمانن جو سهڪار حاصل

کرڻ جي لاءِ انگلئنڊ جي پرڌان منتري اهو پروسو ڏنو تہ لڙائي پوري ٿيڻ کان پوءِ خليفي جي سامراجيہ کي چوٽ کونہ پهچائجي پر لڙائي پوري ٿيڻ کان پوءِ انگلئنڊ انهيءَ واعدي کي پورو نہ کيو تنهن کري مسلمانن ۾ ڏکہ جي لهر پئدا ٿي. پنيرائي کرڻ جي لاءِ ڀارت جي مسلمانن هلچل شروع ڪئي اُن کي خلافت هلچل کري چئجي ٿو. گانڌيجيءَ کي وشواس هو تہ هن سوال تي جيڪڏهن هندو مسلم ايڪتا تي مدار رکندڙ راشٽريہ هلچل شروع ٿي تہ سرکار ضرور آڻ مڃيندي انهيءَ کري گانڌيجيءَ خلاف هلچل جي پنيرائي ڪئي سرکار سان اسهکار کرڻ جو گانڌيجيءَ جو نعراو خلافت ڪاميٽي قبول ڪيو. اِن عرصي ۾ هندو - مسلم خاص کري نظر آئي.

**اسهکار هلچل :** اسهکار هلچل پنيان گانڌيجيءَ جي اها سوچ هئي تہ ڀارت ۾ برٽش حکومت ڀارتواسين جي اسهکار تي ئي مدار رکندڙ اُهي ڀارتيہ جيکڏهن پوري طرح اسهکار کن تہ برٽش حکومت کي ضرب پهچندي اِن جي لاءِ اِن جنتا کي اسهکار هلچل ۾ بهرو وٺڻ جي لاءِ زور ڀريو.

۱۹۲۰ع ۾ راشٽريہ سڀا جو اجلاس ناگپور ۾ ٿيو. ان اجلاس ۾ چترنجن داس جي ڏنل اسهکار جي پرستاوَ کي منظوري ڏني ويئي. اسهکار هلچل جون سموريون واڳون مهاتما گانڌيءَ جي سپرد ڪيون ويون. انهيءَ نعراوَ موجب سرکاري آفيسن کورٽن وديشي شين سرکاري اسکولن ۽ کاليجن اِنهن سڀني جو بهشکار کيو ويو.

**اَسهکار هلچل جو سفر :** اسهکار هلچل وانگر پنڊت موتيلال نهرو چترنجن داس جهڙن ڪيترن ناميارن وکيلن عدالتن جو بهشکار ڪيو. انهيءَ عرصي ۾ اسکول، کاليج جي وديارٿين بهشکار کيو سڄي ديش ۾ قومي سکيا ڏيندڙ اسکول ۽ کاليج قائم کيا ويا.

ايندڙ چونڊن جون بہ بهشکار کيو ويو. وديشي کپڙي جو بهشکار، وديشي کپڙي کي جلايو ويو. وديشي کپڙي جي وکري کندڙ دکان سامهون پکيٽنگ ڪئي ويئي جنهن کري وديشي کپڙي جي آمدني گهٽجي.

۱۹۲۱ ۾ ممبئي ۾ آيل پرنس آف ويلس جو سواگت هڙتال کري کيو ويو، سوسن سان ۽ نرجيو رستن ۽ بند دکانن راڄپٿر جو سواگت کيو. آسام چانهہ واري کان وٺي بنگال ۾ ريلوي کرمچارين تائين هيءَ هلچل پسرجي اسهکار آندولن کي دٻائڻ لاءِ جوڙ زبردستيءَ جو سهارو ورتو.

اُترپرديش ۾ گورکپور ضلع جي چوري چورا ۾ فيبروري ۱۹۲۲ ۾ ماڻهن شانتيءَ سان جلوس کڍيو. پوليس اُنهن مٿان گوليبازي ڪئي. ڏکايل ميڙ جي ماڻهن پوليس چونڪيءَ کي باهہ لڳائي اُن ۾ هک پوليس اڌڪاريءَ سميت ۲۲ پوليس وارا مري ويا. انهيءَ واقعي گانڌيجيءَ کي صدمو پهچايو. ۱۲ فيبروري ۱۹۲۲ جي مهني ۾ اها هلچل مهمل ڪئي.



**توهان کي ڄاڻ آهي ڇا؟**

**مُڙشي ستياگرهہ :** اسهکار هلچل واري وقت ۾ پوٽي ضلع جي مُڙشي تعلق جي کسانن سرکار جي خلاف ستياگرهہ کيو. هن ستياگرهہ جي اڳواڻي سئناپتي پانڊورنگہ مهاديو باپٽ ڪئي. اُن لاءِ هن کي ستن سالن جي جيل ملي.

مارچ ۱۹۲۲ ۾ گانڌيجيءَ کي گرفتار کيو ويو اِنهن ئي ينگہ اِنڊيا ۾ راڄدروهہ جو ليکہ لکڻ جو ڏوهہ موڙهي مقدمو کيو ويو احمدآباد ۾ خاص کورٽ اِسٿاپت ڪئي ويئي.

گانڌيجيءَ کي ڇهه سال جيل جي سزا ڏني ويئي. اڳتي هلي طبعيت ٺيڪ نه هئڻ سبب گانڌيجيءَ کي آزاد ڪيو ويو. گانڌيجي اسهڪار هلچل سان گڏ جوڙجڪي ڪاريه ڪرم هٿ ۾ ڪنيو. اُن ۾ خاص ڪري سوديشي جو ڦهلاءُ، هندو- مسلم ايڪتا، دارون بندي، ڇوت ڇات متائڻ، کاديءَ جو پرچار، قومي سکيائون جهڙيون ڳالهيون شامل هيون. هن جوڙجڪي ڪاريه ڪرم ڪري ڳوٺاڻن ايريائن ۾ راشٽريه هلچل وڌيڪ پکڙيو.

**سوراج پکش :** سرڪار جي ڪم ۾ رنڊڪ وجهڻ لاءِ موتيلال نهروءَ چترنجن داس اها ڪلپنا ڪئي ته چونڊون لڙي قاعدي منڊل ۾ داخل ٿجي. انهيءَ لاءِ راشٽر سڀا ۾ اُنهن سنه ١٩٢٢ع ۾ سوراج پکش جي استاپنا ڪئي.

سنه ١٩٢٣ع جي چونڊن ۾ مرڪزي ۽ پرانتڪ قاعدي منڊل تي سوراج پکش جا ڪيترائي اُميدوار چونڊجي آيا. اِن ۾ مُکيه طور موتيلال نهرو، مدن موهن مالوي، لالا لجپتراءِ، نچيڪيرڪر شامل هئا. ديش ۾ جڏهن راجنيتڪ هلچل ڍلي ٿي هئي تڏهن قاعدي منڊل جي لڙائي سوراج پکش ڏني هئي قاعدي منڊل ۾ اُنهيءَ سرڪار جي انياءُ واري نيتيءَ جو زوردار ورود ڪيو. پارت ۾ اينڊز وقت جوابدار راڄ طريقو ڏنو وڃي اهڙي گُهر ڪئي پارتواسين جا مسئلا حل ڪرڻ جي لاءِ گول ميز ڪانفرنس سڏائي سياسي قيدين کي آزاد ڪرڻ جي لاءِ قاعدي ساز منڊل ۾ نهراو بحال ڪريا سرڪار سوراج پکش جا ڪيترائي نهراوَ ٺُڪرائي ڇڏيا.

**سائمن ڪميشن :** ١٩١٩ع جي مانٽيگو - چيمسفورڊ قاعدن ۾ ڏنل سڌارا اڻپورا هئا انهيءَ ڪري پارتيه ماڻهن ۾ ناراضپو هو انهيءَ کي ڌيان ۾ رکي سرڪار ١٩٢٧ع ۾ سرجان سائمن جي سڌارن هيٺ هڪ ڪميشن مقرر ڪئي. اِن سٺن ميمبرن واري ڪميشن ۾ هڪ به پارتيه ميمبر ڪونه هو انهيءَ ڪري پارت جي سياسي ڌرين سان سائمن ڪميشن جو بهشڪار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.



سائمنس واپس وڃ

١٩٢٨ ۾ سائمن ڪميشن پارت ۾ آئي جتي- جتي هوُ ويا اُتي هننجي خلاف مظاهرا ڪيا ويا 'سائمن گو بئڪ'. سائمن واپس وڃ جا نعارا هڻي اعتراض ظاهر ڪيو ويو. مظاهرو ڪندڙن تي لٺ بازي ڪئي ويئي. لاهور ۾ سائمن ڪميشن جي خلاف ٿيل مظاهري جي اڳواڻي لالا لجپتراءِ ڪئي. سانڊرس نالي هڪ پوليس اڌڪاري لالا لجپتراءِ جي ڇاتيءَ تي لٺ سان حملو ڪيو. اِن حملي جي ورود ۾ سڀا ۾ لالاجي چيو ته لٺ جي هرهڪ وار بار برٽش حڪومت جي موت جي پيٽيءَ تي هڪ ڪوڪو ٺوڪجي رهيو آهي. پوءِ ڪُجهه ڏينهن کان پوءِ سنڌس ديهانت ٿيو.


لالا لجپتراءِ

**نهرو احوال :** پارت منتري لارڊ برڪنهيڊ نڪتچيني ڪندي چيو ته پارت جا اڳوان حڪومت جي لاءِ جوڙجڪ تيار ڪري نه سگهندا. اها للڪار قبول ڪري سيني پکشن جي هڪ سمتي تيار ڪئي ويئي. سمتيءَ جو پريزيڊنٽ پنڊت موتيلال نهرو هو.

پارت ۾ بئنڪي سوراج برپا ڪرڻ جو ، جوانن لاءِ ووٽ جو حق لاڳو ڪرڻ، پارتواسين کي بُنيادي حق ڏيڻ، پاشا انوسار پرانت رچنا ڪئي ويئي اِن احوال ۾ هوُانهيءَ احوال کي نهرو احوال ڪري سڏجي ٿو.

سن ۱۹۲۹ع جي پڇاڙيءَ تائين جيڪڏهن سرڪار انهيءَ احوال کي قبول نہ ڪيو تہ اُنهن سرڪار کي اسهڪار تحرڪ هلائڻ جو اِشارو ڏنو. اُن پس منظر تي ڊسمبر ۱۹۲۹ع ۾ لاهور ۾ جواهرلال نهرو جي جيل سدارت ڪونايل اجلاس اتهاس ۾ مشهور آهي.

**پورڻ (مڪمل) سوراج جي گُهر :** راشٽريہ سڀا جو هاڻي تائين جو بئنڪ سوراج جو مقصد هو، سو ڪيترن نوجوانن کم ڪندڙن کي قبول نہ هو، پنڊت جواهرلال نهرو ۽ سڀاش چندر بوس پورڻ سوراج جي گُهر ڪندڙ نوجوانن اڳوان هئا اُنهن نوجوانن جي گروپ جي هيٺ راشٽريہ سڀا جي لاهور اجلاس ۾ پورڻ سوراج جو نعراءُ بحال ڪيو ويو. انهيءَ نعراوَ ڪري راشٽريہ سڀا بئنڪي سوراج جي مقصد جو تياڳ ڪيو اُن ڪان پوءِ راشٽريہ هلچل جو پورڻ سوراج حاصل ڪرڻ جو مقصد بڻيو.

۳۱ ڊسمبر ۱۹۲۹ راوي نديءَ جي ڪناري پنڊت جواهرلعل نهرو ترنگو جهنڊو ڦيرايو ۽ اهو فيصلو ڪيو ويو تہ ۲۶ جنوري آزاديءَ جو ڏينهن ڪري ليکيو وڃي. برٽش حڪومت کان ڀارت کي آزاد ڪرائڻ لاءِ تحرڪ اهنسڪ نموني هلايو وڃي. سڄي ديش ۾ اها پرتگيا


پنڊت جواهرلعل نهرو

۲۶ جنوري ۱۹۳۰ تي ڪئي ويئي. انهيءَ ڪري ديش ۾ هرهنڌ شانتيءَ وارو واتاورڻ پئدا ٿيو.

## اڀياس

۱. هيٺ ڏنل متبدلن مان نهڪندڙ متبدل چونڊي جملو وري لکو.

(۱) گانڌيجيءَ پنهنجي ڪاريہ جي شروعات ............ ديش مان ڪئي.

(الف) ڀارت (ب) انگلئنڊ

(ب) ڏکڻ آفريڪا (پ) ميانمار

(۲) ڪسانن ............. ضلعي ۾ ڊل بندي هلچل شروع ڪئي.

(الف) گورکپور (ب) ڪيڙا

(ب) سولاپور (پ) اَمراوتي.

(۳) جليانوالا باغ هتيا ڪانڊ جي اعتراض طور رويندرناٿ ٽئگور سرڪار جو ڏنل ........... خطاب واپس ڪيو.

(الف) لارڊ (ب) سَر

(ب) راءِ بهادر (پ) راءِ صاحب

۲. هيٺين سوالن جا جواب هڪ جملي ۾ لکو :

(۱) ۱۹۰٦ جي فرمان انوسار ڏکڻ آفريڪا جي ڪارن لاءِ ڪهڙا بنڌن وڌا ويا؟

(۲) گانڌيجيءَ ڀارت ۾ پهريون ستياگرهہ ڪٿي ڪيو؟

(۳) جليانوالا باغ ۾ گولي بازيءَ جو حڪم ڪندڙ اڌڪاري ڪير هو؟

۳. هيٺين سوالن جا جواب ۲۵ کان ۳۰ لفظن ۾ لکو.

(۱) ستياگرهہ جي معنيٰ چٽي ڪريو.

(۲) سوراج ڌر جي استاپنا ڇو ڪئي ويئي؟

۴. هيٺين جا سبب ڏيئي سمجهايو

(۱) رولٽ قاعدي کي ڀارتيہ جنتا وروڌ ڪيو.

(۲) گانڌيجيءَ اسهڪار هلچل مهمل ڪئي.

(۳) ڀارتواسين سائمن ڪميشن جو بهشڪار ڪيو.

(۴) ڀارت ۾ خلافت هلچل شروع ڪئي ويئي.

**عملي ڪم :**

۲٦ جنوري ۱۹۳۰ع ڏينهن ڪيل پرتگيا گڏجي ڪلاس ۾ پڙهو.

B1GX16

# ٨. نئڙت سان قاعدو ٽوڙڻ جي هلچل

لاهور جي اجلاس ۾ پورڻ سوراج جي نعراءُ بحال ٿيڻ تي مهاتما گانڌيءَ نئڙت سان قاعدو ٽوڙڻ جو فيصلو ڪيو. هي هلچل شروع ڪرڻ کان پهريون گانڌيجي برٽش سرڪار کان جدا جدا گهرون ڪيون هيون. ان ۾ لوڻ تي ٽئڪس (ڊيل) رد ڪري لوڻ تيار ڪرڻ جي سرڪار جي هڪ هٿي کي بند ڪيو وڃي. اهي مکيه گهرون هيون سرڪار اِهي گُهرون منظور نه ڪيون. انڪري گانڌيجيءَ لوڻ جو قاعدو ٽوڙڻ ستياگرهه شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.



دانڊي ياترا

لوڻ عام جنتا جي کاڌي جو هڪ اهميت ۾ جزو آهي تنهن ڪري لوڻ جهڙي جيون لاءِ ضروري قدرتي شيءِ تي ڊيل وجهڻ بي انصافيءَ جو ڪم هو. تنهنڪري گانڌيجيءَ لوڻ جو ستياگرهه جو نمونو هو. جنهن جو سبب هو برٽش سرڪار جي سيني ظلمي ۽ بي انصافيءَ تي ٻڌل قاعدن کي ٽوڙڻ انهيءَ تحرڪ جو وياپڪ روپ هو.

لوڻ جو ستياگرهه ڪرڻ لاءِ گانڌيجيءَ گجرات ۾ سمنڊ جي ڪناري دانڊيڳوٺ مقرر ڪيو. ١٢ مارچ ١٩٣٠ع ڏينهن سابرمتي آشرم مان ٧٨ ڪاريه ڪرتائن سان گڏ گانڌيجي دانڊي ڏانهن روانو ٿيو. ٣٨٥ ڪ.م. مفاصلي جي رستي ۾ آيل ڳوٺن ۾ هن ڀاشڻ ڪيو.

پنهنجي ڀاشڻ سان گانڌيجيءَ جنتا کي بي ڊپو تي قاعدو ٽوڙڻ جي هلچل ۾ شامل ٿيڻ جو سڏ ڏنو

گانڌيجي جي قاعدي ٽوڙڻ جو سڏ چوڏاري ڦهلجي ويو ۽ هلچل لاءِ سنو واتاورڻ تيار ٿيو. ٥ اپريل ١٩٣٠ تي گانڌيجي دانڊي پهتو. ٦ اپريل تي دانڊيءَ جي ساموندي ڪناري تي هٿ ۾ لوڻ کڻي گانڌيجيءَ لوڻ جو قاعدو ٽوڙيو ۽ سڄي ديش ۾ نئڙت سان قاعدو ٽوڙڻ جي هلچل شروع ٿي.

**پيشاور ستياگرهه :** اُتراولهه سرحدي پرڳڻي ۾ خان عبدل غفارخان گانڌيجيءَ جو پڪو پوئلڳ هو. هو سرحدي گانڌي ڪري سڏيو ويندو هو. هن خُدا-اي-خدمتگار سنگهٽن برپا ڪيو. ٢٣ اپريل ١٩٣٠ع ڏينهن هن پيشاور ۾ ستياگرهه شروع ڪيو. پيشاور شهر سڄو هفتو ستياگرهين جي هٿ ۾ هو. سرڪار گڙهوال پلٽڻ کي ستياگرهين تي گوليبازي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. تڏهن ڳڙهوال پلٽڻ جي عملدار چندر سنگهه ٺاڪر گوليبازي ڪرڻ کان انڪار ڪيو. انهيءَ ڪري فوجي عدالت هن کي سخت سزا ڏني.



خان عبدل غفارخان

مهاتما گانڌيجيءَ جي ستياگرهه سبب سرڪار منجهي پيئي. ٤ ميءِ ١٩٣٠ع ڏينهن گانڌيجيءَ کي گرفتار ڪري سرڪار دٻاوَ واري نيتي شروع ڪئي. گانڌيجيءَ جي گرفتاريءَ جي سڄي ديش ۾ نندا ٿي.

**شولاپور جو ستياگرهه :** شولاپور ۾ ستياگرهه اندر مِل مزور سيني جي اڳيان هئا. اُنهن ٦ ميءِ ١٩٣٠ع ڏينهن هڙتال ڪئي. ان موقعي تي شولاپور ۾ وڏي پئماني تي مورچو ڪڍيو ويو. اُن وقت جي ڪليڪٽر مورچي تي گوليبازي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ان ۾ شنڪر شِوَداري سان گڏ انيڪ سنويه سيوڪن جي موت ٿي.

نتيجي طور جنتا پوليس اِسٽيشن، عدالت ، ريلوي اِسٽيشن، ميونسپل عمارت وغيره تي حملا ڪيا ويا. سرڪار اُتي مارشل لا يعني فوجي قاعدو جاري ڪيو. هلچل کي پنجو ڏنو ويو. ستياگرهه ۾ ڀرو وٺندڙن مان ملاپا شيٽي، شريڪرشن سارڙا، قربان حسين ۽ جڳنناٿ شندي انهن چئني کي ڦاسي ڏني ويئي.


ملاپاڏن شيٽي


شريڪرشن سارڙا


قربان حسين


جڳنناٿ شندي

**ڌاراسنا ستياگرهه :** گجرات ۾ ڌاراسنا جي ستياگرهه جي اڳوان سروجني نائڊو بڻي. ان ستياگرهه ۾ لوڻ جو قاعدو ٽوڙڻ لاءِ شامل ٿيل ستياگ رهين تي پوليس جي لٺي بازي ٿي ڪئي. ستياگرهه صبر سان لٺين جو وسڪارو سهندا ٿي رهيا. اُنهن کي علاج جي لاءِ وٺي وڃڻ کان پوءِ ٻه ٽولي ستياگرهه ڪرڻ لاءِ اڳيان پئي آئي. ائين سانده هلندو پئي رهيو مهاراشٽر ۾ وڊالا، مالوڻ ۽ شرواڙا وغيره هنڌن تي لوڻ جو ستياگرهه ٿيو.


سروجني نائڊو

جتي جتي نونار نه هئا اُتي جهنگل سان واسطيدار ڳالهين جا قاعدا ٽوڙڻ جي شروعات ڪئي ويئي. مهاراشٽر ۾ ٻڙاشي، سنگمنير، ڪڙوڻ، چرنير، پُسد وغيره هنڌن تي جهنگل ستياگرهه ڪيا ويا. آديواسي جهنگل جي ستياگرهه ۾ وڏي تعداد ۾ ڀرو ورتو.

**بابوُ گينو جو بليدان :** ممبئيءَ ۾ وديشي مال جو بهشڪار آندولن هلي رهيو هو. وديشي مال سان ڀريل ٽرڪ آندولن ڪندڙن طرفان روڪيون پئي ويون. ممبئيءَ جي مل ۾ ڪم ڪندڙن بابوُ گينو سئيد نالي پروهيت اُنهن جو اڳوان هو. پوليس جي بندوبست ۾ هڪ وديشي مال سان ڀريل ٽرڪ بابوُ گينو جي سامهون آئي. ٽرڪ روڪڻ جي لاءِ ٽرڪ جي سامهون اوندو ٿي ليٽي پيو. پوليس جي ڌمڪي ڏيڻ کان پوءِ به هو پنهنجي جڳهه تان نه اُٿيو. آخر ٽرڪ اُن جي سرير مٿان لنگهي ويئي. اِنهيءَ ۾ بابوُ گينو شهيد ٿي پيو. بابوُ گينو جي بليدان راشٽريه هلچل کي اُتساهت ڪيو.


بابوُ گينو

**چا توهان کي ڄاڻ آهي؟**

**قاعدو ٽوڙڻ جي هلچل جون خاصيتون :**

- هن مهل تائين جون هلچلون شهري ڀاڱي تائين محدود هيون پر هيءَ هلچل ديش ڀاپي. ڳوٺن مان جنتا جو ساٿ مليو.
- اِن ۾ عورتون به اڳريون هيون ڪستوربا گانڌي، ڪملا ديوي چٽو اُپاڌيايه، اونتيڪابائي گوکلي، ليلاوتي مُنشي، هنسا مهتا جهڙيون ڪيترن ئي زالن اڳوانيءَ ۾ ڀرو ورتو.
- هيءَ هلچل پوري طرح هنسڪ طريقي جي رهي. انگريزي سرڪار زوردار نموني دٻاءُ ڪري رهي هئي تنهن هوندي به جنتا هٿيار ٻلوو ڪيو. اِن ڪري ڀارتيه جنتا ٻي ڊپو بڻي.

**گول ميز ڪانفرنس :** نئڙت سان قاعدو ٽوڙڻ واري هلچل ذاري هوندي پارت سان واسطو رکندڙ جوڙجڪي سوالن تي ويچار ڪجي ائين برٽين جي پرڌان منتري رئمسي مئڪڊونالڊ جو ويچار هو. اِن لاءِ هن لنڊن ۾ هڪ ڪانفرنس سڏائي اُن کي گول ميز ڪانفرنس ڪري چئجي ٿو. ١٩٣٠ کان ١٩٣٢ واري حصي ۾ ٽي گول ميز ڪانفرنس سڏايون ويون.

**پهرين گول ميز ڪانفرنس :** رئمسي مئڪڊونالڊ ان جا اڌيڪش هئا. اِن ڪانفرنس ۾ پارت ۽ انگلئنڊ جا الڳ الڳ عيوضي شامل هئا اِن ۾ بابا صاحب امبيڊڪر، سر تيز بهادر سپرو، بئريسٽر جنا وغيره حصو ورتو ۽ ڪيندريه ۾ جوابدار راڄ ڪاروبار، پارت ۾ سنگهه راڄيه جي اِستاپنا وغيره انيڪ وشين تي ڪانفرنس ۾ چرچا ٿي. اِن ڪانفرنس ۾ جدا جدا سياسي درين ۽ سنستائن جا عيوضي موجود هئا فقط راشتريه سڀا هن سڀا ۾ بهرو نه ورتو. راشتريه سڀا ديش جي عيوضين جي سنستا هئي. اُن جي بهري وٺڻ کان سواءِ گول ميز ڪانفرنس ۾ چرچا بي نتيجا ٿي.

**گانڌي - اِرون ٺاهه :** گول ميز ڪانفرنس جي ٻئي دؤر ۾ راشٽر سڀا شامل ٿيندي اهڙي اُميد برٽش پرڌان منتري ظاهر ڪئي. پرڌان منتريءَ جي اِنهيءَ ويچار کي ڌيان ۾ رکي وائسراءِ گانڌيجي ۽ ٻين اڳوانن کي آزاد ڪيو ويو. راشٽر سڀا بنا ڪنهن دٻ ڏاهه جي ڪانفرنس ۾ بحث مباحثي ۾ بهرو وٺي اِن جي لاءِ جوڳو ماحول پئدا ڪيو ويو. مهاتما گانڌي ۽ وائسراءِ ارون جي وچ ۾ ٺاهه ٿيو انهيءَ کي گانڌي اروڻ ٺاهه چوندا آهن اِنهيءَ ٺاهه موجب پارت جي رٽ پٽاندر سرڪار ٺهندڙ جوڙجڪ جي جوابدار راڄ جي طريقي کي قبول ڪرڻ جي خاطري ڏني. راشٽر سڀا نئڙت سان قاعدو ٽوڙڻ واري هلچل واپس ورتي ۽ ٻي گول ميز ڪانفرنس ۾ بحث مباحثي ڪرڻ جي شامل ڪرڻ جي تياري ڏيکاري.

**ٻين گول ميز ڪانفرنس :** ١٩٣١ ۾ ٻين گول ميز ڪانفرنس سڏائي ويئي. راشٽر سڀا جي حيثيت ۾ گانڌيجيءَ انهيءَ ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو. ٻين گول ميز ڪانفرنس ۾ راشٽر سڀا سان گڏ سرڪار الڳ الڳ جاتين جماعتن، ڏرين ۾ رياست جي عيوضين کي پڻ گهرايو ويو. ڪانفرنس ۾ سرڪاري ٿورائي وارين جاتين جو سوال پيش ڪيو ويو. انهيءَ سوال تي عيوضين ۾ متڀيد ٿي پيو اهڙي طرح سنگهه راڄيه جي جوڙجڪ جي روپ ريکا بابت متڀيد ٿيو.

گانڌيجيءَ هڪ راءِ ڀارڻ جي ڪوشش ٿي مگر ڪامياب نه ٿيو. انهيءَ ڪري گانڌيجي نراش ٿي پارت ۾ موٽي آيو.

**پُٽي ٺاهه :** ڊاڪٽر بابا صاحب امبيڊڪر گول ميز ڪانفرنس ۾ دليتن جو عيوضي ٻٽيو اُتي هن دليتن جي لاءِ الڳ الڳ مت دارا سنگهه (تڪ) جي گُهر ڪئي. برٽش پرڌان منتري رئمسي مئڪڊونالڊ پنهنجو فيصلو ظاهر ڪيو هن موجب دليتن جي لاءِ الڳ الڳ سنگهه ظاهر ڪيو ويو. جاتي واري فيصلي ۾ ڪيل هندو سماج جي ورهاست گانڌيجيءَ کي قبول نه هئي. انهيءَ ڪري هن فيصلي جي اعتراض ۾ يروڊا جي جيل ۾ اڪنڊ ڀُک هڙتال شروع ڪئي. راشٽر پاشا جي نيتائن ڊاڪٽر بابا صاحب امبيڊڪر کي سندس ڪيل گُهر تي ٻيهر ويچار ڪرڻ تي وينتي ڪئي ويئي. ديش جي ڀلائي خاطر بابا صاحب امبيڊڪر اها وينتي قبول ڪئي. مهاتما گانڌي ۽ ڊاڪٽر بابا صاحب امبيڊڪر جي وچ ۾ ١٩٣٢ع ۾ پٽي ۾ هڪ ڪرار ٿيو. اُن کي پوٽي ٺاهه ڪري سڏجي ٿو. اُنهيءَ ٺاهه موجب الڳ متدار سنگهه جي عيوضي، محفوظ جايون ڏيڻ قبوليون ويون.


ڊاڪٽر بابا صاحب امبيڊڪر

**ٽين گول ميز ڪانفرنس :** سنہ ١٩٣٢ع جي نومبر مهني ۾ ٽين گول ميز ڪانفرنس سڏائي وئي. راشٽريہ سڀا اُنهيءَ ڪانفرنس جو بهشڪار ڪيو. انهيءَ ڪري اها ڪانفرنس بہ بي معنيٰ ٿي پئي.

**نئڙت سان قاعدو ڀڃڻ ٻيون دؤر :** ٻين گول ميز ڪانفرنس مان نراش ٿي گانڌيجي ڀارت ۾ آيو. هن نئڙت سان قاعدو ٽوڙڻ جي هلچل ٻيهر شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. سرڪار گانڌيجيءَ کي يڪدم گرفتار ڪيو. انهيءَ ڪري جنتا ۾ اسنتوش پيدا ٿيو.

سرڪار انهيءَ هلچل کي حيوانت سان دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي سيني هند جنتا کي ناگرڪ حقن کان محروم رکيو ويو راشٽر سڀا ۽ اُنهن سان لاڳاپو رکندڙ سڀني سنستائن کي بي قاعدي ٺهرايو ويو اُنهن جون آفيسون ۽ خزانا ضبط ڪرايا ويا. قومي اخبارن ساهتڪ تي سرڪار ڪڙي نظر رکي. سرڪار ١٩٣٤ جي اپريل مهني ۾ گانڌيجيءَ هلچل واپس ورتي. نئڙت سان قاعدو ٽوڙڻ جي هلچل جو اتهاسڪ ڏڱ پورو ٿيو.

## اڀياس

**١. هيٺ ڏنل متبدلن مان ٺهڪندڙ متبدل چونڊي جملو وري لکو.**

(مهاتما گانڌي خدا-ئي خذمتگار، رئمسي مئڊڪونالڊ، سروجني نائڊو)

(١) لنڊن ۾ ............... گول ميز ڪانفرنس سڏائي.

(٢) خان عبدل غفار خان ............... نالي جٿو تيار ڪيو.

(٣) ڌارا سِنا ستياگرهہ جي اڳواڻي ............ ڪئي.

(٤) ٻي گول ميز ڪانفرنس ۾ راشٽريہ سڀا جي عيوضيءَ جي حيثيت ۾ .......... مؤجود ٿيو.

**٢. هيٺين جا سبب ڏيئي سمجهايو.**

(١) چندر سنگهہ ٺاڪر کي لشڪري (فوجي) عدالت سخت سزا ڏني.

(٢) شولاپور ۾ سرڪار مارشل لا يعني فوجي قاعدو جاري ڪيو.

(٣) پهرين گول ميز ڪانفرنس ۾ بحث ڪرڻ بيوسواد ٿيو.

(٤) گانڌيجيءَ يرودا جيل ۾ بک هڙتال شروع ڪئي.

**٣. هيٺين سوالن جا جواب ٢٥ کان ٣٠ لفظن ۾ ڏيو.**

(١) گانڌيجيءَ لوڻ جو قاعدو ٽوڙي سڄي ديش ۾ ستياگرهہ ڪرڻ جو فيصلو ڇو ڪيو؟

(٢) راشٽريہ سڀا نئڙت سان قاعدو ٽوڙڻ جي هلچل پنٺي ڇو ورتي؟

**٤. نئڙت سان قاعدو ٽوڙڻ جي آنڊولن جي ڪال ريکا پوري ڪريو.**




**عملي ڪم**

(١) نئڙت سان قاعدو ٽوڙڻ واري هلچل سان لاڳاپو رکندڙ شخصيتن جي وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪريو ۽ ڪلاس ۾ فوٽن سان گڏ نماءُ ڪريو.

(الف) سروجني نائڊو (ب) خان عبدل غفار خان (ٿ) بابو گينو سئيد

(٢) پاٺ ۾ ذڪر ڪيل نئڙت سان قاعدو ٽوڙڻ جي هلچل جا هند ڀارت جي نقشي ۾ ڏيکاريو.

B1QT2T

هن باب ۾ اسين پارت ڇڏيو هلچل ، زير زمين هلچل، آزاد هند سينا جي ڪمن جو اڀياس ڪنداسين.

**١٩٣٥ جو قاعدو :** ان قاعدي ۾ پارت ۾ برٽش حڪومت وارا پرانت ۽ رياستون گڏي هڪ سنگهه راڄيه اِستاپن ڪرڻ جي تجويز ڪئي ويئي. اِن موجب برٽش حڪومتي پرانتن جو ڪاروبار پارتي عيوضين جي هٿ ۾ سؤنپيو ويٺو هو. رياستن جي سنگهه راڄيه ۾ شامل ٿيڻ سان سندن خودمختياري نه رهندي، ان سبب انهن سنگهه راڄيه ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪيو ان ڪري ان قاعدي موجب سنگهه راڄيه ناهڻ جي يوجنا عمل ۾ نه اچي سگهي.

**پرانتڪ منڊل :** ١٩٣٥ جي قاعدي مان راشٽريه سڀا خوش نه هئي ته به انهيءَ قاعدي موجب ٿيندڙ پرانتڪ قاعدي ساز منڊل جي چونڊن ۾ راشٽريه سڀا ڀهرو وٺڻ جو فيصلو ڪيو ١٩٣٧ ۾ ديش ۾ ١١ پرانتن ۾ چونڊون ٿيون انهن مان اٺن پرانتن ۾ چونڊون ٿيون. اُنهن مان اٺن پرانتن ۾ راشٽريه سڀا کي گهڻائي حاصل ٿي ۽ سندن منتري منڊل ستا ۾ آيا. ٻين ٽن پرانتن ۾ ڪنهن هڪ ڌر کي گهڻائي نه ملڻ سبب گڏيل منتري منڊل ستا ۾ آيا.

راشٽريه سڀا جي منتري منڊلن راڄ ۾ بندين جو ڇوٽڪارو، هنري تعليم جي شروعات، دلت سماج جي سڌارن لاءِ اُپاوَ، شراب بندي، ڪسانن جو قرض لاهڻ وغيره لوڪ ڪلياڻ جا ڪم ڪيا.

**ڪر پس يوجنا :** ٻين مهاپاري لڙائيءَ ۾ انگلنڊ جپان خلاف آمريڪا جو پاسو ورتو. جپاني فوجون پارت جي اوڀر سرحد ويجهو پهتيون جپان جي پارت تي حملي جو مقابلو ڪرڻ لاءِ انگلنڊ کي پارتواسين جي مدد جي ضرورت هئي،. ان ڪري انگلنڊ جي پرڌان منتري ونسٽن چرچل، اسٽئفرڊ ڪرپس کي پارت ۾ موڪليو. مارچ ١٩٤٢ ۾ هن پارت نسبت هڪ يوجنا پارتواسين اڳيان رکي. پر ان يوجنا مان ڪابه سياسي ڌر راضي نه هئي. پورڻ آزاديءَ جو ظاهري ذڪر نه هئڻ سبب راشٽريه سڀا اها يوجنا نامنظور ڪئي. پاڪستان ٺاهڻ بابت ذڪر نه هئڻ سبب مسلم ليگ به انکي قبول نه ڪيو.

**ٻين مهاپاري لڙائي ۽ راشٽريه سڀا :** ١٩٣٩ ۾ يورپ ۾ ٻين مهاپاري لڙائي لڳي اُن وقت جي وائيسراءِ لارڊ لِنلٿگو ظاهر ڪيو ته پارت انگلنڊ پاسي لڙندو. انگلنڊ دعويٰ ڪئي ته هو يورپ ۾ لوڪشاهيءَ جي بچاءَ لاءِ وڙهي رهيو آهي. انهيءَ دعويٰ موجب انگلنڊ پارت کي جلد آزاد ڪري اها گهر راشٽريه سڀا ڪئي. اها گهر ناقبول ڪرڻ سبب نومبر ١٩٣٩ ۾ راشٽريه سڀا پرانتڪ منتري منڊلن تان استعفا ڏني.

**پارت ڇڏيو هلچل :** ڪرپس يوجنا ڪانپوءِ راشٽريه سڀا سڀا آزاديءَ لاءِ هلچل تيز ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ١٤ جولاءِ ١٩٤٢ تي وردا ۾ راشٽريه سڀا جي ڪاريه ڪارڻيءَ برٽش ستا ترت ختم ڪري پارت کي آزاد ڪرڻ جي گهر جو ٺهراءُ پاس ڪيو گهر قبول نه ٿيڻ تي راشٽريه سڀا پارت جي آزاديءَ لاءِ هنسڪ نموني هلچل هلائيندي، اهڙي تاڪيد به ڪئي ويئي.



مؤلانا آزاد

**ڀارت ڇڏيو نهراءُ :** ٧ آگسٽ ١٩٤٢ تي ممبئيءَ جي گواليا ٽئنڪ ميدان (ڪرانتي ميدان) تي راشٽريه سڀا جو اجلاس شروع ٿيو. اُن اجلاس جو اڌيڪش مؤلانا آزاد هو برٽش ڀارت ڇڏي وڃن. راشٽريه سڀا جي ڪاريه ڪارڻيءَ جي ورڌا ۾ پاس ڪيل ان نهراوَ کي ممبئيءَ ۾ ٽيڪو ملڻ وارو هو. ٨ آگسٽ تي پنڊت جواهرلعل نهروءَ جو پيش ڪيل 'ڀارت ڇڏيو' نهراءُ تمام گهڻائيءَ سان منظور ٿيو. گانڌيجيءَ جي اڳوانيءَ ۾ سڄي ديش ۾ شانتيءَ سان آندولن شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. گانڌيجيءَ چيو ”هن پل کان توهان مان هرهڪ عورت ۽ مرد کي مان آزاد آهيان ائين سمجهڻو آهي ۽ آزاد ڀارت جي ناگرڪ طوَر وهنوار ڪرڻ گهرجي اسان ڀارت کي آزاد ڪنداسين يا ان پڳير تي ڪوشش ۾ مري ويندا سين.“ گانڌيجيءَ جنتا کي 'ڪرينگي يا مرينگي'' تياڳ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيڻ جو اُتساهه ڀريو نعرو ڏنو.

**جنتا جي تحرڪ جي شروعات :** راشٽريه سڀا جي

**اُچو چاڙهي وڃڻ :**



آچاريه ونوباڀاوي

**شخصي ستياگرهه :** برٽش سرڪار جي گهرن کي لڳاتار نه مڃڻ سبب راشٽريه سڀا مهاڀاري لڙائيءَ خلاف ويچار ڦهلائڻ لڳي. ان لاءِ ڏڌيل تحرڪ نه ڪري هرهڪ ماڻهوءَ قاعدي کي ٽوڙي اهڙو فيصلو ڪيو ويو انکي ٿي شخصي ستيا گرهه چئجي ٿو. ان جو پهريون ستياگرهي هو آچاريه ونوباڀاوي انهن کانپوءِ اٽڪل ٢٥ هزار ستياگرهن شخصي ستياگرهه ڪري گرفتاريون قبول ڪئي.

مکيه اڳواڻن جي گرفتاريءَ جي خبر ديش ۾ پکڙجي ويئي. پڙڪيل جنتا جڳهه جڳهه تي مورچا ڪڍيا. پوليس جنتا تي لاٺيمار ۽ گوليبازي ڪئي ته به ماڻهو نه ڊڄيا. ڪن هنڌن تي برٽش سرڪار

**ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟**

**ٻال ويرَ جي اُتساهي ڪٿا**



شريش ڪمار

آزاديءَ جي هلچل ۾اسڪولي شاگردن به ڀهرو ورتو. نندربار ۾ اسڪولي شاگردن شريش ڪمار جي اڳوانيءَ ۾ ترنگو جهنڊو کڻي مورچو ڪڍيو. 'وندي ماترم' جا نعرا هنيا پوليس جڪه ڪائي ننڍن ٻارن تي گوليبازي ڪئي ان گوليبازيءَ ۾ شريش ڪمار، لالداس، ڌن سُکلال، ششيڌر، گهنشام اهي اسڪولي شاگرد شهيد ٿيا.



جئه پرڪاش نارائڻ

جي ظلمن جي نشانن جهڙوڪ جيل، پوليس ٺانا، ريلوي اِسٽيشن وغيرهه تي تحرڪ ڪندڙن حملا ڪيا. سرڪاري آفيسون قبضي ۾ ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون. مهاراشٽر ۾ چمُور، آشٽي، ياولي، مهاڊ، گارگوٽي وغيره ڳوٺن ۾ جوانن، وڏن جي ڪيل لڳاتار سنگهرش يادگار رهيا.

**زير زمين هلچل :** ١٩٤٢ جي آخر ۾ جن آندولن کي نئون موڙ مليو. هلچل جي اڳواڻي جوان سماجوادي ڪاريه ڪرتائن جي هٿ ۾ آئي. جئه پرڪاش نارائڻ،



اروڻا آصف علي



اَچيتراوَ پٽوردن

ڊا. رام منوهر لوهيا، چوٿو ڀائي پُراٽڪ، اَچيتراوَ پٽوردن، اروڻا آصف علي، يوسف ميجير علي، سُچيتا ڪرپلاڻي، ايس ايم جوشي، شروع ڀائو لميي، نا. گ. گوري، يشونتراءُ چوهاڻ، وسنت دادا پاٽيل، مَنگلال باگڙي، اُشا مهتا اَڳرا اڳوان هئا. ريلوي رستا اُکاڙڻ، ٽيليفون تارين، توڙڻ، پلوَن پيچڻ وغيره طريقن سان تحرڪ ڪندڙن آمدرفت ۽ سرڪاري سرشتو بگاڙي ڇڏيو. سڄي ڀارت ۾ رد عمل ٿيو سنڌ پرانت ۾ هيموُ ڪالاڻي هٿيار کڻي ويندڙ ريلوي گذرڻ جي خبر ٻڌي پنهنجن ساٿين سان گڏ ريلوي پٽري اُکاڙڻ جي ڪوشش ڪئي. عدالت کين ڦاسيءَ جي سزا ڏني.

هاڻوڪي رائيگڙهه ضلعي جي ڪرجت تعلقي ۾ ڀائي ڪوتوال جي ’آزاد دستي‘ ناگپور جي جنرل آواريءَ جي ’لال سئنا‘ جهڙن گروهن سرڪار کي بي چئن ڪري ڇڏيو، ممبئيءَ ۾ وٺل جهويري، اُشا مهتا ۽ سندن ساٿين هڪ ڳجهي ريڊيو اِسٽيشن برپا ڪئي. انکي آزاد ريڊيو نالو ڏنو. اُنتي ديش ڀڳتيءَ جا گيت ڳايا ويندا هئا. ديش جي تحرڪن جون خبرون هلايون ونديون هيون ديش ڀڳتيءَ جا ڀاشڻ بہ ٻڌايا ويندا هئا. ان سان جنتا کي هلچل ڪرڻ لاءِ اتساهہ ملندو هو. اهڙيون ڳجهيون اِسٽيشنون ڪجهہ وقت ڪولڪاتا، دهلي ۽ پٽني ۾ بہ هلايون ويون.

**پاڇو سرڪار :** ديش جي ڪجهہ ڀاڱن ۾ برٽش عملدارن کي نيڪالي ڏيئي اُتي جنتا پٺاندڙ سرڪارون برپا ڪيون ويون اُن کي ئي پاڇو سرڪار چئجي ٿو. بنگال ۾ مدناپور، اُتر پرديش ۾ باليا ۽ آزم ڳڙهہ، بهار ۾ ڀاگلپور ۽ پورڻيا ضلعن ۾ پاڇو (پرتي) سرڪارون برپا ڪيون ويون.

مهاراشٽر جي ستارا ضلعي ۾ ڪرانتي سنگهہ نانا پاٽيل سنہ ۱۹۴۲ ۾ برٽش حڪومت ختم ڪري پاڇو سرڪار استاپن ڪئي. ڪُنڊل جي ڪرانتي اڳوان جي. ڊي. عُرف باپو لاڙجي اڳوانيءَ ۾ استاپن ٿيل طوفان سينا معرفت دل گڏ ڪرڻ قاعدو ۽ بندوبست ٻڌائي رکڻ، گنهگارن کي سزا ڏيڻ وغيره ڪم پاڇو سرڪار طرفان ڪيا ويندا هئا. ان سرڪار دواران مقرر ڪيل لوڪ عدالت مڃيندا هئا. زمينداريءَ جي مخالفت، شراب بندي، علميت جو ڦهلاءُ، جاتي ڀيد متائڻ وغيره سُنا ڪم ان سرڪار ڪيا. ان سان پاڇو سرڪار ۾ جنتا جو وشواس وڌيو.



ڪرانتي سنگهہ نانا پاٽيل

**ڇڏي وڃو هلچل جي اهميت :** ۱۹۴۲ جي هلچل ديش ۾ پکڙجي وڏو روُپ اختيار ڪيو. آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ لکين ڀارتواسين بيحد تياڳ ڪيا. گهڻن ئي شهادت ڏني. آندولن ڪندڙن جو تعداد ايترو وڏو هو جو کين بند ڪري رکڻ لاءِ جيل گهٽ پئجي ويا. ساني گرُوجي، راشٽر سنت تُڪڙو جي مهاراج وغيره ديش ڀڳتيءَ جي گيتن سان آندولن ڪندڙن جو اُتساهہ وڌايو. سڄي ديش ۾ ڦهليل آندولن کي ’آگست ڪرانتي‘ بہ چئجي ٿو.



راشٽر سنت تڪڙو جي مهاراج

**آزاد هند سئنا :** ڀارت جي آزاديءَ لاءِ نيتاجي سڀاش چندر بوس لاڳاتي ڪوشش ڪئي. ڀارت جي اوپر سرحد تي هزارين ڀارتي سئنڪ برٽش خلاف لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي ويا. اهي سڀ آزاد هند سئنا جا سئنڪ هئا انهن جا اڳوان هئا نيتاجي سڀاش چندر بوس.



نيتاجي سڀاش چندر بوس

سڀاش چندر بوس راشٽريه سڀا جا مکيه اڳوان هئا. هوُ ٻه دفعا سڀا جا اڌيکش رهيا. انگلئنڊ بين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ منجهيل آهي. انجو فائدو وٺي آندولن تيز ڪجي ۽ ان لاءِ پل انگريزن جي دشمنن جي مدد وٺجي اهڙو سڀاش بابوءَ جو رايو هو ان ڳالهه تي سنڌن راشٽريه سڀا جي اعليٰ اڳوانن سان متڀيد ٿي پيو. نتيجي طوُر هن اڌيڪش پد تان اِستعفا ڏني. پنهنجا ويچار جنتا اڳيان رکڻ لاءِ هُن 'فارورڊ بلاڪ' نالي ڌر اسٿاپن ڪئي.

سُڀاش چندر بوس پنهنجي ڀاشڻن مان ڀارتواسين کي برٽش طاقت خلاف بلوو ڪرڻ لاءِ للڪارڻ لڳا. تنهن ڪري سرڪار کين گرفتار ڪيو. جيل ۾ سڀاش بابوءَ مرڻ تائين بک هڙتال شروع ڪئي. جنهن ڪري سرڪار کين پنهنجي گهر نظر قيد ۾ رکيو. اُتان روُپ بدلائي هوُ نڪري ويو. اپريل ۱۹۴۱ ۾ هوُ جرمني پهتو. اُتي هن فري انڊيا سينٽر برپا ڪيو. جرمنيءَ جي برلن ريڊيو ڪيندر تان ڀارت جي آزاديءَ لاءِ جنتا کي هٿيار بند لڙائيءَ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ للڪار ڪئي. ساڳئي وقت راس بهاري بوس سڀاش بابوءَ کي جپان اچڻ لاءِ نينڊ ڏني.



راس بهاري بوس

**آزاد هند سئنا جي اسٿاپنا :** راس بهاري بوس ۱۹۱۵ کان جپان ۾ رهندو هو. ڏکڻ اوڀر ايشيا جي ديش پريمي ڀارتواسين کي گڏ سنگهٽن ڪري هن 'انڊين انڊيپينڊنس ليگ' جي اِسٿاپنا ڪئي. ۱۹۴۲ جي پهرئين اڌ ۾ جپان ڏکڻ اوڀر ايشيا ۾ برٽش حڪومت وارا ڀاڱا کٽيا. اُتي برٽش سئنا جا هزارين ڀارتي سئنڪ ۽ عملدار جپان جي هٿ لڳا. ڀارتي قيدين جي هڪ پلٽڻ راس بهاري بوس ڪئپٽن موهن سنگهه جي مدد سان تيار ڪئي ان کي 'آزاد هند سئنا' نالو ڏنو ويو. اڳتي آزاد هند سئنا جي اڳواڻي نيتاجي سڀاش چندر بوس ڪئي.

آڪٽوبر ۱۹۴۳ ۾ نيتاجيءَ سينگاپور ۾ آزاد هند سئنا جي سرڪار برپا ڪئي. شهنواز خان، جڳنناٿ ڀوسلي، ڊا. لڇمي سوامي ناٿن، گربخش سنگهه ڍلن، پريم ڪمار سهگل وغيره سنڌن مکيه سهڪاري هئا. ڊا. لڇمي سوامي ناٿن، جهانسي کي راڻي ان عورت دستي جي اڳوان هئي. 'تم مجهي خون دو، مئن تُمهين آزادي دوُنگا' اهڙي للڪار سڀاش چندر بوس ڀارتواسين کي ڪئي.

**آزاد هند سئنا جي بهادري :** نومبر ۱۹۴۳ ۾ جپان اندمان نڪوبار ٻيٽ کٽي آزاد هند سرڪار کي سؤنپيا. نيتاجيءَ کين 'شهيد' ۽ 'سوراجيه' نالا ڏنا. ۱۹۴۴ ۾ آزاد هند سئنا ميانمار جو آراڪان جو ڀاڱو کٽي ورتو. آسام جي اوڀر سرحد جا ڀاڱا کٽيا ان وقت آزاد هند سئنا کي جپان کان ملند مدد بند ٿي. سبب امفال جي مهم اڌ ۾ رهجي ويئي. ڏکين حالتن ۾ ٻه آزاد هند سئنا جا سئنڪ بهادريءَ سان وڙهن پيا. پر ان وقت جپان آڻ مڃي. ۱۸ آگسٽ ۱۹۴۵ تي سڀاش چندر بوس هوائي درگهٽنا ۾ گذاري ويا. آزاد هند سئنا هٿيار هيٺ رکيا. اهڙيءَ ريت آزاد هند سئنا جي بهادريءَ واري لڙائي پوري ٿي.

آزاد هند سئنا جي عملدارن تي ديش دروهه جا مقدما هليا. پ. جواهرلعل نهرو، ڀلاڀائي ديسائي، تيز بهادر، سپرو جهڙو ناميارن وڪيلن سنڌن بچاءُ ڪيو پر لشڪري عدالت ڪيل ڏوهي ثابت ڪري عمر قيد جي سزا ڏني. ان سان ڀارتي جنتا ۾ سرڪار خلاف بيحد غصو پيدا ٿيو. آخر لشڪر عدالت جي سزا سرڪار رد ڪئي.

## ڀارتي جل سئنا ۽ هوائي سئنا جو بلوو :

آزاد هند سئنا مان اُتساهه ملڻ سبب جل سئنڪن ۽ هوائي سئنڪن ۾ برٽش سنا خلاف ناراضپي پيدا ٿي. اهو غصو ۱۸ فيبروري ۱۹۴۶ تي ممبئيءَ ۾ برٽش جنگي ٻيڙي 'تلوار' تي نڪتو سئنڪن ٻيڙي تي ترنگو ڦهرايو. هن برٽش سنا خلاف نعرا هنيا. برٽش سرڪار لشڪر موڪلي جل سئنڪن تي گوليبازي ڪئي. بغاوت ڪندڙن سئنڪن به گوليبازيءَ سان جواب ڏنو. ممبئيءَ جي ڪامگارن ۽ عام ماڻهن جل سئنڪن کي مدد ڪئي. آخر سردار ولڀ ڀائي پٽيم جي پرچار ڪرڻ سان سئنڪن هٿيار رکيا.

ممبئيءَ جي جل سئنڪن جي پنيرائي ڪرڻ لاءِ دهلي، لاهور، ڪراچي، انبالا، ميرٽ وغيره هنڌن جي هوائي جٿي جي اڏڪارين به هڙتال ڪئي. حڪمرانن خلاق ناراضيءَ جي حد ان بغاوت مان ڏسڻ ۾ آئي. اهڙيءَ ريت ۱۹۴۲ کان ۱۹۴۶ تائين برٽش سنا جو پايو ڏڏي ويو. 'ڀارت ڇڏيو' آندولن وسيلي ڀارتي جنتا جو غصو برٽش خلاف ظاهر ٿيو. لشڪر، جل سئنا ۽ هوائي سئنا برٽش سنا جا پايا هئا. هاڻي اُهي پڻ برٽش خلاف ٿيڻ لڳا. انهن واقعن مان برٽش حڪمرانن کي سمجهه آئي ته هاڻي ڀارت ۾ اسانجي سنا وڌيڪ ٽڪاءُ ڪري نه سگهندي.

## اڀياس

۱. ڏنل جوابن مان مناسب جواب چونڊي بيان وري لکو

(اندمان ۽ نڪوبار، آگسٽ ڪرانتي، ونوبا ڀاوي)

(۱) شخصي ستياگرهه ۾ پهريون ستياگرهي ............. هو.

(۲) ۱۹۴۲ جي قومي آندولن کي ............. چئجي ٿو.

(۳) نومبر ۱۹۴۳ ۾ جپان ............. ٻيٽ ڪٽي آزاد هند سرڪار کي سؤنپيا.

۲. هيٺيان بيان سبب ڏيئي سمجهايو

(۱) نومبر ۱۹۳۹ ۾ راشٽريه سڀا پرانتڪ منڊلن تان استيعفا ڏني.

(۲) آزاد هند سينا کي هٿيار رکڻا پيا.

(۳) ڀاڇو سرڪار ۾ جنتا جو وشواس پيدا ٿيو.

۳. هيٺيون خاڪو پورو ڪريو

| سنگهٺن | برپا ڪندڙ |
|---|---|
| فارورڊ بلاڪ | |
| انڊين انڊيپنڊنس ليگ | |
| طوفان سئنا | |

۴. هيٺين سوالن جا توري ۾ جواب لکو

(۱) سريش ڪمار جو ڪم توهان لاءِ اُتساهه ڏياريندڙ ڪيئن آهي؟

(۲) انگلئنڊ جي پرڌان منتري ونسٽن چرچل اسٽئفرڊ ڪرپس کي ڀارت ڇو موڪليو؟

(۳) راشٽريه سڀا جي مکيه اڳوانن جي گرفتاريءَ جي خبر ديش ۾ ڦهلجڻ سان ڪهڙو رد عمل ٿيو؟

### مشغولي

(۱) آزاد هند سئنا جي کيل لڙائيءَ جي وقتي ليک تيار ڪيو.

(۲) ۱۹۴۲ جي ڀارت ڇڏيو هلچل جا فوٽو گراف انٽرنيٽ وسيلي هٿ ڪري ڪنهن قومي ڏينهن تي نماءُ ڪريو.

B1ZP4G

# ١٠. هٿيار بند انقلابي هلچل

برٽش حڪومت خلاف ڀارت ۾ الڳ الڳ طريقن سان آندولن ٿيا. اِنهن مان هڪ طريقو هو هٿيار بند انقلاب، اِن جي سڃاڻپ اسين هن باب ۾ ڪنداسين.

سنہ ١٨٧۵ کان اڳ انگريزي حڪومت خلاف ٿيل بلوو ۽ ١٨۷۵ جي آزاديءَ جي لڙائيءَ جو اسان اڀياس ڪيو آهي. اِن کان پوءِ رام سنگھ ڪُڪا پنجاب ۾ سرڪار خلاف بلوو اُٿاريو.

**واسديو بلونت ڦڙڪي :** مهاراشٽر ۾ انگريزن خلاف هٿيار بند جنگ واسديو بلونت ڦڙڪي شروع ڪئي. هن انجو پڪو ارادو ڪيو. هن اُستاد لهوجي ساڙوي وٽ هٿيارن جي سکيا ورتي. برٽش ستا خلاف هٿيار بند بلوو ڪرڻ لاءِ هن راموشي ڀائرن کي گڏ ڪري بلوو ڪيو. اهو بلوو ناڪامياب ٿيو. برٽش سرڪار هن کي ايڊن جي جيل ۾ موڪليو. اُتي سنہ ١٨٨٣ ۾ سندس موت ٿيو.



واشديو بلونت ڦڙڪي

آزاديءَ جي لاءِ هن هٿياربند جنگ شروع ڪئي.

**چاڦيڪر ڀائر :** سنہ ١٨٩٧ ۾ پني ۾ پليگ بيماريءَ جي انتظامن ۾ زور زبردستي ڪئي هن جو بدلو وٺڻ جي لاءِ داموډر ۽ بال ڪرشڻ چاڦيڪر ڀائرن ٢٢ جون ١٨٩٧ تي رئنڊ جي هتيا ڪئي.

داموډر، بال ڪرشڻ ۽ واسديو ٽنهي ڀائرن ۽ سندن ساٿي مهاديو رانڊي کي ڦاسي ٿي. هڪ ئي گھر جا ٽيئي ڀائر ديش جي لاءِ شهيد ٿيا. ساڳئي ئي وقت بهار ۾ مُنڊا، آديواسي، برسا، مُنڊا جي اڳوانيءَ ۾ سرڪار جي خلاف وڏو بلوو ڪيو.

**ابينو ڀارت :** سنہ ١٩٠٠ ۾ آزادي وير ونايڪ داموډر ساورڪر ناسڪ ۾ 'متر ميڙا' انقلابين جي سنگھٺن برپا ڪيو. ١٩٠۴ ۾ انهن سنگھٺن کي ابينو ڀارت نالو ڏنو ويو. اوچ تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ ساورڪر انگلئنڊ ويو اُتان هن ابينو ڀارت سنگھٺن جي اِنقلابي ميمبرن کي ساھت، پستول وغيره شيون



وير ساورڪر

موڪلڻ شروع ڪيون. هن جوسف مئزني جي مشهور اٽليءَ جي انقلابيءَ جي اُتساهه ڏيندڙ جيوتي لکي. ١٨٥٧ جو بلوو آزاديءَ جي پهرين جنگ هئي. اهو پڌائيندڙ '١٨٥٧ جي سوتنتر سمر' اهو ڪتاب هن لکيو. سرڪار کي ابينو ڀارت سنگھٺن جي ڪم جي خبر پئجي ويئي. سرڪار باباراو ساورڪر کي گرفتار ڪيو. ڪيس عمر قيد جي سزا ملي. ان سزا جو بدلو وٺڻ لاءِ اننت لڪشمڻ ڪانهيري ان جوان ناسڪ جي ڪليڪٽر جئڪسن جي هتيا ڪئي.

### ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟

پنجاهه سال جيل جي سزا لاءِ ساورڪر کي انڊمان جيل ۾ موڪليو ويو. هو اُتي ڏهه سال هئا. 'ماجهي جنم ٺيپ' آتم ڪٿا ۾ ساورڪر انڊمان جي انهن ڏکين ڏينهن جا آزمودا لکيا آهن. اڳتي سرڪار هن کي رتناگريءَ ۾ آٽي نظر بند ڪيو. اُتي ساورڪر جاتي ڀيد، اڇوتپڻو مٽائڻ، گڏ کائڻ، صحيح ٻولي وغيره سماجڪ تحرڪ هلايا. هو مهان ساهتڪار هئا. ممبئي ۾ ١٩٣٨ ۾ ٿيل مراٺي ساھت سميلن جا هوُ اڌيڪش هئا.

سرڪار اپينو پارت سنگھنن جي ماڻھن کي گرفتار ڪرڻ شروع ڪيو. سرڪار جڳڪسن جي هتيا جي ڪيس ۾ آزادي وير ساورڪر کي گرفتار ڪري اُنھن تي ڪيس هلايو. عدالت ھُن کي پنجاه سال قيد جي سزا ڏني.

**بنگال ۾ انقلابي هلچل :** بنگال جي ورهاڱي ڪانپوءِ برٽش خلاف غصي پڙڪو ڪاڏو مڪاني بلون بدران ڪُشادي انقلابي هلچل قؤميءسطح تي ايرڻ لڳي. ديش جي الڳ الڳ پرانتن ۾ انقلابي ويچارن سان ڀريل جوان پنھنجا لڪل سنگھنن ناهڻ لڳا. برٽش عملدارن کي قابو ڪرڻ، حڪومتي سرشتو ٽوڙڻ، ماڻھن جي من مان، برٽش حڪومت جو ڊپ ڪڍڻ، برٽش حڪومت اٿلائي ڇڏڻ اهي سندن مکيہ مقصد هئا.

بنگال ۾ ’انوشيلن سمتي‘ اهو انقلابي سنگھٺن ڪم ڪري رهيو هو. ان سنگھٺن جون پنج سؤ ڪان وڌيڪ شاخائون هيون. اروند گھوش جو ڀاءُ باريندر ڪمار گھوش ان سنگھٺ جو اڳوان هو. اروند گھوش ان سنستا کي صلاح ۽ رهبري ڪندو هو. ڪولڪاتا ويجھو ماڻڪتلا وٽ ان سنگھٺن جو بم ناهڻ جو مرڪز هو.

١٩٠٨ ۾ خوديرام بوس ۽ پرڦل چاڪي انھن انوشيلن سمتيءَ جي ميمبرن ڪنگس فورڊ، جج کي مارڻ جي رٿا ناهي پر جنھن گاڏيءَ تي هنن بم اڇليو اُها ڪنگس فورڊ جي نہ هئي. ان حملي ۾ بہ انگريزي عورتون مارجي ويون انگريزن جي هٿ نہ اچڻ لاءِ پرڦل چاڪي پنھنجو پاڻ کي گولي هڻي ڇڏي. خوديرام بوس پوليس جي هٿ لڳو هن کي ڦاسي ڏني ويئي. ان معاملي جي ڇڪاس ۾ پوليس کي انوشيلن سمتيءَ جي ڪم جي ڄاڻ پيئي. پوليس سمتيءَ جي ميمبرن کي پڪڙڻ شروع ڪيو. اروند گھوش کي بہ گرفتار ڪيو ويو. اروند بابوءَ جو بم ناهڻ سان لاڳاپو ثابت نہ ٿي سگھڻ ڪري عدالت ڪيس رها ڪيو. ٻين ميمبرن کي وڏن عرصن لاءِ سزا ڏني ويئي.

راس بهاري بوس ۽ سچندرنات سانيال انقلابي هلچل جو دائرو بنگال ٻاهر ڦهلايو. پنجاب، دهلي، اُتر پرديش ۾ انقلابي مرڪز برپا ڪيا. وائيسراءِ لارڊ هارڊنگس تي بم اُڇلائڻ جو همٿ ڀريو ڪم راس بهاري بوس ۽ سندس ساٿين ڪيو پر ان حملي مان لارڊ هارڊنگس بچي ويو.

مدراس پرانت ۾ بہ انقلابي ڪم تيز لڳا. انقلابي وانچي ائير، برٽش عملدار ائش کي ختم ڪيو پوءِ پاڻ تي گولي هلائي شهيد ٿيو.

**انڊيا هائوس :** ڀارت ۾ انقلابي ڪم کي پرڏيهي ڀارتي انقلابين وٽان مدد ملندي هئي. لنڊن جو انڊيا هائوس اهڙي مدد جو مکيہ مرڪز هو. پنڊت شيام جي ڪرشڻ ورما ان ڀارتي ديش ڀڳت انڊيا هائوس برپا ڪيو هو. اها سنستا ڀارتي جوانن کي انگلئنڊ ۾ اوچ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ وضيفا ڏيندي هئي. آزادي وير ساورڪر کي بہ اهڙو وضيفو مليو هو مادام ڪاما جرمنيءَ



مادام ڪاما



پنڊت شيام جي ڪرشڻ ورما

جي اِسٽٽ گارڊ ۾ سڏايل عالمي سماجوادي سڀا ۾ ڀارت جي آزاديءَ جو سوال اُٿاريو. هن سڀا ۾ هن ڀارت جو جهنڊو ڦهلايو. انڊيا هائوس سان لاڳاپو رکندڙ ٻيو انقلابي هو مدن لعل ڍنگرا هن انگريز عملدار ڪرزن وائليءَ کي ختم ڪيو. ان سبب هُنکي ڦاسيءَ جي سزا ملي.

**غدر هلچل :** پهرين مهاڀاري لڙائيءَ وقت برٽش خلاف انقلابي هلچل ۾ تيزي آئي. انقلابين جو ويچار هو ته برٽش جي دُشمنن کان مدد وٺي ڀارت ۾ سنا پلٽائي سگهبي. ڀارتي سئنڪن ۾ ان ڪم ۾ مدد پڻ ملندي ۽ اِن موقعي جو فاعدو وٺڻ لاءِ انقلابي سنگهٺن ٺهيا. غدر انهن ۾ هڪ مکيه سنگهٺن هو.

آمريڪا ۽ ڪئناڊا جي ڀارتي ماڻهن غدر سنگهٺن برپا ڪيو هو. لالا هرديال، ڀائي پرمانند، ڊا. پانڊورنگ سداشو کانکوجي وغيره انقلابي ان سنگهٺن جا مکيه نيتا هئا. غدر ان سنگهٺن جي مخزن جو نالو هو. ان مخزن ذريعي برٽش حڪومت جا ڀارت تي بُرا اثر ڏيکاريا ويندا هئا. ڀارتي انقلابين جي همٿ پرين ڪمن جي جاڻ ڏني ويندي هئي. راشٽر پريم ۽ هٿياربند ڪرانتي جو پيغام ڀارتواسين کي غدر مخزن ڏنو.

برٽش خلاف بلوو ڪرڻ لاءِ غدر سنگهٺن جي اڳوانن جنگ جي حالتن جو فاعدو وٺڻ چاهيو. هنن پنجاب ۾ بلوو ڪرڻ لاءِ رٿا ناهي. لشڪر جي ڀارتي سئنڪن کي بلوي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ پڙڪايو. راس بهاري بوس ۽ وشڻو گڻيش پنگلي کي اڳوان مقرر ڪيو ويو. پر ڦوٽ سبب انگريزن ان رٿا جي جاڻ پئجي ويئي. پنگلي کي پوليس گرفتار ڪيو. ڪين ڦاسي ڏني ويئي. راس بهاري بوس ڪسڪي وڃڻ ۾ ڪامياب ويو. جپان ۾ وڃي هن انقلابي ڪم جاري رکيو.

جنگ وقت وديش ۾ ٻين هنڌن تي ٻه انقلابي هلچل جاري هئي برلن ۾ وير بندرناٿ چٽوپاڌيايه، ڀوپين دت ۽ هرديال جرمنيءَ جي وديش کاتي جي مدد سان برٽش خلاف رٿائون ٺاهيون سنه ١٩١٥ ۾ مهيندر پرتاپ، برڪت، اللهه ۽ عبدالله سنڌي ڪابل ۾ آزاد ڀارت جي عارضي سرڪار برپا ڪئي.

**ڪاڪوري مضموُبو :** سرڪار جي دٻاوَ سان انقلابي هلچل ختم نه ٿي. گانڌيجيءَ جي اسهڪار هلچل مهمل ڪرڻ کان پوءِ ڪيترائي نوجوان انقلابي رستي ڏانهن مُڙيا. چندرشيکر آزاد، رام پرساد بسمل، يوگيش چٽرجي ۽ سچندر ناٿ سنيال وغيره انقلابي گڏ ٿيا. انقلاب لاءِ گهربل رقم جمع ڪرڻ لاءِ انهن ٩ آگسٽ ١٩٢٥ تي ريلوي ۾ ويندڙ سرڪاري خزانو اُتر پرديش جي ڪاڪوري ريلوي اِسٽيشن ويجهو لٽيو. ان کي ئي ڪاڪوري منصوبو چوندا آهن. سرڪار ترت ڪاروائي ڪري انقلابين کي پڪڙيو. اُنهن تي مقدما هلايا ويا اشفاق الله خان، رام پرساد بسمل، روشن سنگهه، راجيندر لاهريءَ کي ڦاسي ڏني ويئي. چندر شيکر آزاد کي پوليس پڪڙي نه سگهي.



چندر شيکر آزاد

**هندستان سوشلسٽ ريپبلڪن اَسوسيئشن :** سماجوادي ويچارڌارا کان متاثر ٿيل جوانن سڄي ديش ۾ انقلابي سنگهٺن برپا ڪرڻ جو ويچار ڪيو. چندر شيکر آزاد، ڀڳت سنگهه، راجگروُ ۽ سُکديو



ڀڳت سنگهه



راجگروُ



سُکديو

وغيرهه اِنهن ۾ مکيه هئا. اهي سڀ ڌرم نرپکش سوچ جا هئا. ١٩٢٨ ۾ دهليءَ جي فيروزشاهه کوٽلا ميدان تي کوناڻل بئنڪ ۾ هنن جوانن 'هندستان سوشلسٽن ريپبلکن اسوسيئشن' نالي سنگهٺن برپا ڪيو.

ڀارت کي برٽش جي ظلمن کان آزاد ڪرائڻ اُن سنگهٺن جو مقصد هو ان سان گڏ انکي ڪسانن ۽ پورهيتن کي پيڙيندڙ ظلمي سماجڪ -مالي سرشتو بہ پلٽائي ڇڏڻو هو. سماجڪ نياءُ ۽ سمتا تي آڌارت سماج ناهڻ کي ڀڳت سنگهه اهميت ڏني.هٿيار گڏ ڪرڻ ۽ رٿا کي عمل ۾ آڻڻ جو ڪم سنگهٺن الڳ کاتي کي سؤنپيو ان کاتي جو نالو هو هندستان سوشلسٽ ريپبلڪ آرمي ان جو اڳوان هو چندر شيکر آزاد.

انهيءَ سنگهٺن جي ميمبرن انيڪ انقلابي ڪم ڪيا. ڀڳت سنگهه ۽ راجگروُ لالا لجپتراءِ جي موُت جو بدلو وٺڻ لاءِ ساندرس عملدار کي گوليون هڻي ختم ڪيو.

ان وقت سرڪار ناگرڪ حقن کي ڌهرم پهچائيندڙ بہ بل قاعدي ساز سڀا ۾ داخل ڪيا. انجي مخالفت ڪرڻ لاءِ ڀڳت سنگهه ۽ بٽڪيشور دت قاعدي ساز سڀا ۾ بم اُڇاليا. سرڪار ترت هندستان سوشلسٽ ريپبلڪن آرميءَ جي مرڪزن تي ڇاپا هنيا. پوليس کي ساندرس جي هتيا جا سُڳهه هٿ لڳا. سرڪار انقلابين جي پڪڙ ڀڇار شروع ڪئي. انهن مٿان ديش دوهه جا مقدما هلايا ويا. ڀڳت سنگهه، راجگروُ ۽ سُکديو ٢٣ مارچ ١٩٣١ تي لاهور جي جيل ۾ ڦاسي ڏني ويئي..

چندر شيکر آزاد آخر تائين بہ پوليس جي هٿ نہ لڳو. ڪجهه وقت بعد اللهہ باد جي آلفريڊ پارڪ ۾ ٿيل گوليبازيءَ ۾ هوُ شهيد ٿيو.

### چٽگانوَ هٿيارن جي ڀنڊار تي حملو :

سوُريہ سين بنگال جي چٽگانوَ ۾ انقلابي گروهہ جو اڳوان هو. هن اننت سنگهه، گڻيش گهوش، ڪلپنادت، پريتي لتا، وڍيدار جهڙن نشاوان انقلابين جي فوج گڏ ڪئي. انهن جي مدد سان چٽگانوَ ۾ هٿيارن جي ڀنڊار تي حملي جي رٿا سوريہ سين ناهي. رٿا موجب ١٨ اپريل ١٩٣٠ تي انقلابين چٽگانوَ جي ٻن ڀنڊارن جا هٿيار ضبط ڪيا. ٽيليفون ۽ ٽيليگراف جا انتظام خراب ڪري ڇڏيا ۽ رابطي جو سرشتو بيڪار ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا. ان کان پوءِ برٽش فوج سان رومانچ ڪاري لڙائي ڪئي.



سوُريہ سين

١٦ فيبروري ١٩٣٣ تي سوريہ سين ۽ سندس ڪجهه ساٿي پڪڙجي پيا سوريہ سين ۽ سندس ١٢ ساٿين کي ڦاسيءَ جي سزاڏني ويئي. ڪلپنا دت کي عمرقيد جي سزا ملي. پريتي لتا وڍيدار پوليس جي هٿ نہ لڳي هن آتم هتيا ڪئي.



ڪلپنادت



پرتيلتا وڍيدار

چٽگانو حملي سبب انقلابي هلچل ۾ تيزي آئي. شانتي گهوش ۽ سنيتا چوڌري

انهن ۾ اسڪولي شاگردائن ضلع جج کي ختم ڪيو ۽ بيناداس نالي جوان ڇوڪريءَ ڪولڪاتا وديا پيٺ جي ڊگري ڪاريه ڪرم ۾ گورنور کي گوليون هلايون اهڙيون گهٽيئي انقلابي گهٽنائون ان وقت ۾ ٿيون.

جليانوالا باغ هتيا ڪانڊ لاءِ جوابدار عملدار اوڊاير کي سردار اُڌم سنگهه انگلئنڊ ۾ ۱۹۴۰ ۾ ماري ڇڏيو. ڀارتي آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ انقلابي هلچل اهو يوگدان ڏنو. انقلابين برٽش حڪومت سان لڙندي لاثاني همٿ ۽ تياڳ ڀاونا ڏيکاري. سندن بليدان ڀارتواسين لاءِ هميشه اُتساهه ڏيندڙ ثابت ٿيو آهي.

## اڀياس

۱. ڏنل جوابن مان مناسب بيان چونڊي بيان وري لکو.

(پ.شيام جي ڪرشڻ ورما، مترميلا رام سنگهه ڪُڪا)

(۱) آزادي وير ساورڪر انقلابين جي ............. لڪل سنگهٽن برپا ڪيو.

(۲) پنجاب ۾ ............... سرڪار خلاف بلووي جي اڳواڻي ڪئي.

(۳) انڊيا هائوس .......... برپا ڪيو.

۲. هيٺيون خاڪو پورو ڪريو

| انقلابي | سنگهٽن |
|---|---|
| .................. | اڀينو ڀارت |
| باريندر ڪمار گهوش | .................. |
| چندر شيکر آزاد | .................. |

۳. هيٺيان بيان سبب ڏيئي سمجهايو.

(۱) چاڦيڪر ڀائرن رئنڊ جي هتيا ڪئي.

(۲) کوديرام بوس کي ڦاسي ڏني ويئي.

(۳) ڀڳت سنگهه ۽ بٽڪيشور دت مرڪزي قاعدي ساز سڀا ۾ بم اُڇلايو.

۴. هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب لکو

(۱) چٽگانو هٿيار ڀنڊار تي حملي جو احوال لکو

(۲) وير ساورڪر جو هٿيار بند انقلاب ۾ يوگدان سمجهايو.

**مشغولي**

(۱) انقلابين جي زندگيءَ تي آڌارت ناٽڪ، فلمون ڏسو ۽ توهانکي وڻيل واقعي کي ڪلاس ۾ ناٽڪ روُپ ۾ پيش ڪريو.

(۲) ’انقلابين جي وير ڪٿائون‘ تي هٿ لکت ناهيو.

B29K64

# ١١. برابريءَ لاءِ سنگهرش

جديد ڀارت جي سفر ۾ سياسي آزاديءَ جي لڙائي اهم هئي. اها لڙائي انساني آزاديءَ جي ڪُشادي متي تي آڌارت هئي. انڪري ان لڙائي جي وهڪري ۾ سياسي غلاميءَ سان گڏ جاگيرداري، سماجڪ تفاوت، مالي پيڙهُ جهڙين ڳالهين جي بہ خلافت ٿيڻ لڳي. آزاديءَ وانگر برابريءَ جو متو بہ اهو آهي ان ڏس ۾ ڪسانن. ڪامگارن، عورتن، دلت وغيره سماجڪ جُزن جي ڪڙي ڪيل تحرڪن ۽ برابريءَ کي اهميت ڏيندڙ سماجوادي ويچارڌارا جو بہ اهم يوگدان رهيو. اهو سمجهڻ کان سواءِ جديد ڀارت جي بناوت سمجهہ ۾ نہ ايندي. اچو تہ اهڙين ڪن تحرڪن جو ابياس ڪريون.

**ڪسانن جو تحرڪ :** برٽش جي مالي نتيجن جا برا نتيجا ڀارتي ڪسانن کي سهڻا پوندا هئا. زميندارن، شاهوڪارن جو برٽش سرڪار بچاءُ ڪندي هئي. هو ڪسانن تي ظلم ڪندا هئا. انهن ظلمن خلاف ڪسانن ڪيترائي بلوا ڪيا. بنگال جي ڪسانن گُليءَ جي پئدائش جي سختيءَ خلاف ڪسانن جا سنگهٽن برپا ڪري بلوا ڪيا بنگال جي ڪسانن گليءَ جي پيدائش جي سختيءَ خلاف ڪسانن جا سنگهٽن برپا ڪري بلوا ڪيا. دين بندوءَ جي ناٽڪ 'نيل درپڻ' گُليءَ جي پئدائش ڪندڙ ڪسانن جي بري حالت سماج اڳيان رکي سنہ ١٨٧٥ ۾ مهاراشٽر جي ڪسانن زميندارن ۽ شاهوڪارن جي ظلمن خلاف وڏو بلوو ڪيو. بابا رامچندر جي اڳوانيءَ هيٺ سال ١٩١٨ ۾ اُترپرديش جي ڪسانن 'ڪسان سڀا' نالي سنگهٽن برپا ڪيو. ڪيرل ۾ موپلا ڪسانن وڏو بلوو ڪيو. اهو برٽش سرڪار دٻائي ڇڏيو.

سنہ ١٩٣٦ ۾ پروف. اين. جي رنگا جي اڳوانيءَ ۾ 'اکل ڀارتيہ ڪسان سڀا' استاپت ڪئي. سوامي سهجانند سرسوتي ان سڀا جا اڌيڪش هئا. سڀا ڪسانن جي حقن جو پڌرنامو راشٽريہ سڀا اڳيان پيش ڪيو. سنہ ١٩٣٦ ۾ مهاراشٽر جي ڳوناٽي ايراضيءَ جي فيضپور ۾ راشٽريہ سڀا جو اجلاس ٿيو. ان اجلاس ۾ هزارين ڪسان شامل ٿيا.

سنہ ١٩٣٨ ۾ اوير خانديش ۾ ٻوڏ سبب فصل خراب ٿي ويو. ڪسانن جي حالت بيحد ڏکي ٿي پيئي فصل تي ڍل معاف ڪرائڻ لاءِ ساني گرُوجي هرهنڌ سڀائون ورتيون. ڪليڪٽر آفيس ڏانهن مورچا ڪڍيا. ١٩٤٢ جي انقلابي هلچل ۾ ڪسان وڏي تعداد ۾ شامل ٿيا.



ساني گرُوجي



پروفيسر اين جي رنگا



### ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟

ساني گروجي ڪسانن کي يڪمشت ڪيو. ڏُلي اَملنير کي ڪسانن جي سنگهٽن جو مکيہ مرڪز بڻائڻ جي هن ڪوشش ڪئي. هوُ املنير جي آڏاڻن جي ڪامگارن جو اڌيڪش هو.

پنڍرپور جو وٺل مندر دلتن لاءِ کولڻ لاءِ هن مرڻ تائين بکہ هڙتال ڪئي.

**ڪامگارن جا سنگهٽن :** اڻويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ ڀارت ۾ ڪپڙن جا آڏاڻا، ريلوي ڪمپني وغيره هنري اديوگ شروع ٿيا. ڪامگارن جو وڏو طبقو

اڃا نہ اُسريو هو. پوءِ بہ ڪامگارن جا مسئلا حل ڪرڻ جون ڪوششون ٿيون.



نارائڻ ميگهاجي لوکنڊي

ششپد بئنرجي نارائڻ ميگهاجي لوکنڊي مڪاني سطح تي ڪامگارن جا سنگهٺن برپا ڪيا. لوکنڊي ان بابت ايترو اهو ڪم ڪيو جو هنکي 'ڀارتيہ' ڪامگار هلچل جو 'ابو' چوندا آهن.

### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

نارائڻ ميگهاجي لوکنڊي جو مول ڳوٺ ٺاڻي ضلعي ۾ ساسوڙ ويجهو ڪانهيسر هو. هن بامبي مل هئنڊس اسوسيئشن اها اَڏاٽن جي ڪامگارن جي جماعت ۱۸۹۰ ۾ اسٿاپت ڪئي. اها جماعت ڀارت جي سنگهٺن هلچل جي شروعات مڃي وڃي ٿي. هو مهاتما ڦلي جي اسٿاپت ڪيل ستيہ شوڌڪ سماج جي ممبئي شاخا جو اڌيڪش پڻ هو. سندس ڪوشش سبب ۱۰ جون ۱۸۹۰ کان ڪامگارن کي آرتوار ڏينهن هفتيوار موڪل ملڻ لڳي.

انهيءَ وقت آسام ۾ چانهہ جي باغن جي ڪامگارن جي نازڪ حالت خلاف آندولن ڪيل ويو. ۱۸۹۹ ۾ گريٽ انڊين پيننسوار (جي.آءِ. پي) ريلوي جي ڪامگارن پنهنجن گهرن لاءِ هڙتال ڪئي. ونگ ڀنگ آندولن وقت سوديشي شين جي پنيرائي ڪرڻ لاءِ ڪامگارن وقت بہ وقت هڙتالون ڪيون. ڪامگارن جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڪا وڏي جماعت يا سنگهٺن نہ هو. پهرين مهاياري لڙائيءَ کان پوءِ ڀارت ۾ اُديوگيڪرڻ سبب ڪامگارن جو طبقو وڌيو ۽ قومي سطح تي ڪامگارن سنگهٺن جي گهرج محسوس ٿيڻ لڳي.

سن ۱۹۲۰ ۾ آل انڊيا ٽريڊ يونين ڪانگريس (آئٽڪ) برپا ڪئي ويئي. آئٽڪ جي ڪم ۾ نا.م.جوشي جو وڏو هٿ هو. آئٽڪ جي پهرئين اجلاس جو اڌيڪش لالا لجپتراءِ هو. جنهن ۾ هُن ڪامگارن کي قومي هلچل ۾ ڀرو وٺڻ لاءِ چيو.

ڪامگارن ۾ سماجوادي ويچار پئدا ڪري سندن لڙاڪوُ سنگهٺن برپا ڪرڻ جو ڪم شريپاد امرت ڏانگي، مظفر احمد وغيره سماجوادي اڳوانن ڪيو. ۱۹۲۸ ۾ ممبئيءَ جي اَڏاٽا ڪامگار سنگهہ ڇهہ مهنا هڙتال ڪئي.



شريپاد امرت ڏانگي

اهڙيون انيڪ هڙتالون ريلوي ڪامگارن، ٺٽيءَ جي ڪامگارن ڪيوُن، ڪامگار سنگهٺن جي وڌندڙ طاقت ڏسي سرڪار بيچئن ٿي پئي. اهي هڙتال دٻائڻ لاءِ قاعدا ناهيا ويا. ڪامگارن جي لڙائي قومي هلچل لاءِ مددگار ثابت ٿي.

**سماجوادي همچل :** راشٽريہ سڀا جي ڪيترن جوان ڪم ڪندڙن کي محسوس ٿيو تہ عام جنتا جي ڀهبوديءَ لاءِ برٽش سرڪار جو تختو پلٽڻ ضروري آهي. ساڳئي وقت مالي ۽ سماجڪ برابري جي متي موجب سماجڪ رچنا ٿيڻ گهرجي اها ڪين ڄاڻ پوڻ لڳي. ان سمجهہ مان سماجوادي ويچار ڏارا اُسرڻ ۽ وڌڻ لڳي.

راشٽريہ سڀا جي سماجوادي نوجوانن ناسڪ جيل ۾ اهو فيصلو ڪيو هو تہ راشٽريہ سڀا جي سايع هيٺ سماجوادي پکش ڪڙو ڪجي.



آچاريہ نريندر ديو



ڊا. رام منوهر لوهيا

انهيءَ فيصلي مطابق سنہ ۱۹۳۴ ۾ ڪانگريس سماجوادي دُر برپا ڪئي ويئي اُنهن ۾ آچاريہ نريندر ديو، جئہ پرڪاش نارايڻ، مينوُ مساني، ڊا. رام منوهر لوهيا وغيره اڳوان هئا. ۱۹۴۲ جي ڀارت ’ڇڏيو‘ هلچل ۾ سماجوادي نوجوان اڳتي هئا.

ڪارل مارڪس ۽ سندس ساميوادي ويچارن جي ڀارتواسين کي ڄاڻ ٿيڻ لڳي. لوڪمانيہ تلڪ ۱۸۸۱ ۾ ئي مارڪسوادي ليکہ لکيو هو. پهرين مهاڀاري لڙائي کان پوءِ ڀارت ۾ ساميواد جو اثر ڏسجڻ لڳو. مانويندرناٿ راءِ انترراشٽريہ ساميوادي هلچل ۾ سرگرم ڀهرو ورتو. ۱۹۲۵ ۾ ڀارت ۾ ساميوادي ڌر برپا ٿي. ساميوادي جوانن ڪامگارن ۽ ڪسانن جا لڙاڪوُ سنگهٽن برپا ڪرڻ جو ڪم ڪيو. سرڪار کي ساميوادي تحرڪ جو ڊپ لڳڻ لڳو. سرڪار اهو تحرڪ دٻائڻ جو فيصلو ڪيو. شريپاد امرت ڊانگي، مُظفر احمد، ڪيشو نياڪنت جوگليڪر وغيره کي گرفتار ڪيو ويو. انهن تي برٽش راڄ جو تختو پلٽائڻ جو ڏوهہ مڙهيو ويو. انهن کي سزائون ڏنيون ويون. اهو مقدمو ميرٺ ۾ هلايو ويو. انڪري ان کي ’ميرٺ منصوبي جو مقدمو‘ چئجي ٿو. ميرٺ مقدمي ڪانپوءِ بہ ڪامگار هلچل تي ساميواد جو اثر قائم رهيو.

## عورتن جي هلچل : پارٽي سماجڪ سرشتي ۾

عورتن جو درجو گهٽ هو. ڪيترين برين رسمن سبب اُنهن تي انياءُ ٿيندو هو. جديد زماني ۾ ان خلاف سڄاڳي اچڻ لڳي. عورتن جي سڌاري جي هلچل ۾ ڪن پُرش سڌارڪن اڳواڻي ڪئي.



پنڊتا رماٻائي

وقت گذرندي عورتون اڳواڻي ڪرڻ لڳيون سندن آزاد سنستائون سنگهٽن برپا ٿيڻ لڳا. پنڊتا رماٻائي جي برپا ڪيل آريہ مهلا سماج ۽ شاردا سدن سنستائون ۽ رماٻائي رانڊي جي



رماٻائي رانڊي

استاپن ڪيل سيوا سدن سنستائون اهي انجا مثال آهن. ڀارت مهلا پريشد (۱۹۰۴) ’آل انڊيا وومينس ڪانفرنس‘ (۱۹۲۷) اهي سنستائون بہ برپا ٿيون اهو ڪاريہ قوٌمي سطح تي وڃي پهتو. ورثو حق، ووٽ جو حق وغيرهہ سوالن نسبت اهي سنگهٽن جدوجهد ڪرڻ لڳا.



ڊا. رکماٻائي ساوي

رکماٻائي جناردن ساوي ڀارت ۾ سيوائون ڏيندڙ پهرين عورت ڊاڪٽر هئي. هن عورتن جي صحت لاءِ تقريرون ڪيوُن راڄڪوٽ ۾ ريڊڪراس سوسائٽيءَ جي شاخا کولي.

## چا توهان کي ڄاڻ آهي؟

**ڊا. آنندي ٻائي جوشي :** پهرين عورت ڊاڪٽر سندن پٽ جنم جي ١٠ ڏينهن اندر گذاري ويو. اهو دکہ کين طب ڪيتر ڏانهن وٺي ويو.


ڊا. آنندي ٻائي جوشي

مارچ ١٨٨٦ ۾ هن ايم. ڊي. ڊگري حاصل ڪئي. ڀارت ۾ اچڻ ڪانپوءِ هنکي ٽي. بي جي بيماري ٿي. پوءِ ١٦ فيبروري ١٨٨٧ ۾ ۾ پٽي ۾ سندس موت ٿيو.

ويهن صديءَ ۾ عام زندگيءَ ۾ عورتن جو ڀهرو وڌڻ لڳو. راشٽريہ هلچل ۽ انقلابي ڪمن ۾ عورتن جو اهو ڀهرو هو. ١٩٣٥ ۾ قاعدي ڪانپوءِ پرانتڪ منتري منڊل ۾ ٻہ عورتون شامل ٿيون. آزاديءَ کان پوءِ ڀارتي جوڙجڪ ۾ استري -پرش برابريءَ جو متو صاف نموني چٽو ڪيو ويو.

**دلتن جي هلچل :** ڀارتي سماجڪ سرشتو نابرابريءَ تي آڌارت هو. سماج ۾ دلتن سان ٿيندڙ بي انصافيءَ واري هلت خلاف مهاتما جوتيراوَ ڦلي، نارائڻ گروُ جهڙن سماج سڌارڪن سُڄاڳي آندي مهاتما ڦلي جي سڪيائن تي عمل ڪري گوپال بابا ولنگڪر، شيوراج جانبا ڪانبلي، ڇوت ڇات ڪيدُور ڪرڻ جو ڪم ڪيو. گوپال بال ولنگڪر ع. سنہ ١٨٨٨ ۾ ’وٽال ودونسن‘ نالي ڪتاب ذريعي ڇوت ڇات جي مخالفت ڪئي. شورام جانبا ڪانبلي ’سومونشيہ متر‘ نالي مخزن ١ جولاءِ ١٩٠٨ تي شروع ڪيو. ديوداسين، جوڳڻين جا مسئلا سامهون آندا. ديوداسين جي وواه لاءِ ڪوششون ڪيون تامل نادوءِ ۾ پيريار رام سوامي ڇوت ڇات دؤر ڪرڻ لاءِ تحرڪ هلايو.

مهرشي وٺل رامجي شندي دلتن جي ترقيءَ لاءِ ١٩٠٦ ۾ ’ڊپريسڊ ڪلاسيس مشن‘ نالي سنستا شروع ڪئي. دلتن کي سوايماني، تعليم يافت ۽ پاڻ ڪماڻيندڙ بڻائڻ سندس ڪم جو اهم حصو هو.


مهرشي وٺل رامجي شندي

اوچ طبقي جي من مان دلتن بابت غلط فهمي دوُر ڪرڻ اهو ان ڪم جو ٻيون حصو هو. ان لاءِ هن ممبئيءَ ۾ پرل، ديونار ۾ مراٺي اسڪول، هنري اسڪول کوليا. پٽي جي پروتي مندر ۾ داخلا ستياگره، دلتن جو ڪيسي پر اجلاس، گڏيل تڪ يوجنا وغيره دلتن جي قاعدي وارن ڪمن ۾ سرگرم ڀهرو ورتو.

راجرشي شاهوُ مهراج، ڊا. بابا صاحب امبيڊڪر جي اڳوانيءَ جي پنيرائي ڪئي. هن غير براهمڻ هلچل جي اڳواني ڪئي. راجرشي شاهوُ مهاراج ڪولهاپور رياست ۾ جڳهيون محفوظ ڪرڻ جو انقلابي پڌرنامو ڪڍيو. مفت ۽ سختيءَ جي پرائمري تعليم جو قاعدو ناهيو. هن جاتي ڀيد هٽائڻ لاءِ گهڻا ڪم ڪيا. جاتي سرشتي ۾ روٽي بندش، ٻيٽي بندش ۽ ڏنڌو بندش اهي بندشون هيون. ان نسبت سيائن، اجلاسن ۾ دلت


راجرشي شاهوُ مهاراج

ماڻهن جي هٿن جو ڪاڌو کائي شاهوُ مهاراج روٽي بندش جو کليل طور ورود ڪيو. شاهوُ مهاراج جو ويچار هو تہ جيستائين ٻيٽي بندس پوريءَ طرح ختم نہ ٿيندي تيستائين جاتي ڀيد دوُر نہ ٿيندو هنن پنهنجي رياست ۾ جاتين اندر وواه کي قاعدي طوُر مڃتا ڏيندڙ قاعدو منظور ڪيو. ٢٢ فيبروري ١٩١٨ تي ڪولهاپور سرڪار گئجيٽ ۾ پڌرنامو ظاهر ڪري رياست ۾ بلوُ طيداري سرشتو ختم ڪيو. ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي ڪوبہ ڏنڌو ڪرڻ جي اجازت ڏني ويئي. شاهوُ مهاراج ڏنڌي جي آزادي ڏيئي هڪ قسم جي سماجڪ غلاميءَ مان ماڻهن کي آزادي ڏني.

ڏکڻ ڀارت ۾ جسٽس ڌُر سماجڪ برابريءَ لاءِ اهم ڪم ڪيو. مهاتما گانڌيءَ ڇوت ڇات جو مسئلو ڪانگريس

جي منهن تي پيش ڪيو. ييروڙا جي جيل ۾ هوندي هنن سناتني هندوُ پنڊتن سان بحث ڪري ڇوت ڇات کي شاسترن ۾ جڳهه نه هئڻ جي ڳالهه ڇئي. هنن هريجن سيوڪ سنگهه لاءِ اُتساهه ڏياريو. هنن مان اُتساهه حاصل ڪري امرتلعل وٺلداس



نکر باپا

نکر عرف باپا، آپا صاحب پٽورڌن وغيره ڪاريه ڪرتائن برابريءَ جي ڪم ۾ پاڻ پتوڙيو.

ڊا. بابا صاحب امبيڊڪر جي اڳوانيءَ ۾ دلتن جي جدوجهد جي شرعات ٿي. ڊا. بابا صاحب امبيڊڪر جو مقصد آزادي، برابري ۽ ڀائيچارو انهن متن تي آڌارت سماجڪ رچنا ڪرڻ هو. جاتي سرشتو ختم ٿيڻ تائين انياءُ ۽ اوچ نيچ دوُر نه ٿيندي اها ڪين پڪ هئي هنن جو چوڻ هو ته سماجڪ برابري دلتن جو حق آهي. سواڀمان تي آڌارت هلچل هلائڻ ۾ هنن جو وشواس هو. ان سوچ مان هنن ۱۹۲۴ ۾ ’بهشڪرت هت ڪارڻي سڀا‘ برپا ڪئي. هن پنهنجي پوئلڳن کي ’سکو، گڏ ٿيو ۽ جدوجهد ڪيو‘ جو اتساه ڀريو نهرو ڏنو.

بابا صاحب بولي ممبئي پرانت جي قاعدي ساز منڊل ۾ عام پاڻيءَ جا پنڊار اڇوتن لاءِ کولڻ جو بل منظور ڪرايو هو. پر حقيقت ۾ اهي پنڊار کوليا نه ويا ان ڪري بابا صاحب امبيڊڪر ۽ سندس پوئلڳن مهاڊ وٽ مِني پاڻيءَ جي تلاوَ وٽ ستياگره ڪيو. ھُن ڀيدڀاو جي پنڀرائي ڪندڙ ’منوُ سمرتيءَ‘ کي ساڙيو، ناسڪ جي ڪالارام مندر ۾ دلتن کي داخلا ملي ان لاءِ ۱۹۳۰ ۾ ستياگرهه شروع ڪيو. ان ستياگرهه جي اڳواني ڪرم وير دادا صاحب گايڪواڙ ڪئي.

اخبارون بابا صاحب امبيڊڪر جي تحرڪن جو اڻٽنٽ حصو هو سماج ۾ سڄاڳي آڻڻ لاءِ ۽ تڪليفون اڳيان آڻڻ لاءِ ڊا. بابا صاحب امبيڊڪر ’موُڪ نايڪ‘ ’بهشڪرت ڀارت‘ ’جنتا‘ ’سمتا‘ اخبارون شروع ڪيون.

ڊا. بابا صاحب امبيڊڪر ’آزاد مزدوُر ڌر‘ استاپن ڪئي. ڪامگارن لاءِ نقصانڪار قاعدن جو قاعدي ساز منڊل ۾ وروڌ ڪيو. دلتن جا مسئلا اثردار نموني پيش ڪرڻ لاءِ هن ۱۹۴۲ ۾ ’شيڊيوُلڊ ڪاسٽ فيڊريشن‘ برپا ڪئي. جديد ڀارت ۾ برابريءَ تي آڌارت سماجڪ رچنا ڪرڻ ۾ ڊا. بابا صاحب امبيڊڪر ڀارتي جوڙجڪ ذريعي اهم يوگدان ڏنو. انسانيت ۽ برابريءَ کي مڃيندڙ ٻوڌي ڌرم هنن پنهنجي پوئلڳن سان گڏ ۱۹۵۶ ۾ ناگپور ۾ اختيار ڪيو.

جديد ڀارت جي بناوت ۾ برابريءَ لاءِ ڪڙي ڪيل هلچل کي اهم درجو آهي.



مهاڊ جي مني تلاوَ جو ستياگرهه

۱. ڏنل متبدل جوابن مان مناسب جواب چونڊي بيان وري لکو.

(لالا لجپتراءِ، ساني گروُجي، رکماٻائي جناردن ساوي)

(۱) راجڪوٽ ۾ ريڊ ڪراس سوسائٽيءَ جي اسٿاپنا ................ ڪئي.

(۲) املنير جي آڏاڻا ڪامگار يوُنين جو اڏيڪش .............. هو.

(۳) آئٽڪ جي پهرئين اجلاس جو اڏيڪش ..................... هو.

۲. نوٽ لکو.

(۱) مهرشي وٺل رامجي شندي جو سماجڪ ڪم.

(۲) راجرشي شاهوُ مهاراج جا ڪولهاپور رياست ۾ ڪيل سڌارا.

۳. هيٺيان بيان سبب ڏيئي سمجهايو.

(۱) سرڪار ساميوادي هلچل دٻائڻ جو فيصلو ڪيو.

(۲) ڊا. ٻابا صاحب امبيڊڪر موُڪ نايڪ، ٻهشڪرت ڀارت وغيره اخبارون شروع ڪيون.

(۳) قوُمي سطح جي ڪامگار سنگهٺن جي ضرورت محسوس ٿيڻ لڳي.

۴. هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب لکو.

(۱) جديد ڀارت جي بناوت ۾ برابريءَ جي هلچل جي اهميت چو آهي؟

(۲) اوير خانديش ۾ ساني گروُجيءَ جي ڪمن جي جاچ لکو.

(۳) ڪامگارن جي هلچل قوُمي هلچل ۾ مددگار ڪيئن هئي؟

(۴) عوُرتن لاءِ سڌارن جي هلچل جو روُپ سمجهايو.

مشغوليون

(۱) ڊا. آنندي ٻائي جوشيءَ جي جيون تي لکيل ڪتاب پڙهو.

(۲) راجرشي شاهوُ مهاراج جو جيوني ڪتاب پڙهو.

B2IG7R

ٻين مهاڀاري لڙائيءَ درميان ڀارت جي آزاديءَ جي لڙائي وڌي پئماني تي ڦهلجي ويئي. آزاديءَ جي گهر جو زور وڌي رهيو هو. برٽش حڪمران کي هاڻي چاڙ پئجي ويئي هئي ته انکي نظر انداز نه ڪري سگهبو. ان موجب ڀارت کي آزاد ڪرڻ لاءِ برٽش سرڪار الڳ الڳ يوجنائون ناهڻ لڳي.

راشٽريه سيا ڌرم نرپڪشتا جي متي تي ڪڙي هئي. راشٽريه هلچل ۾ سڀني جاتين ڌرمن جا ماڻهو شامل ٿيا هئا اها هلچل ڪمزور ڪرڻ لاءِ برٽشن ’ورهايو ۽ راڄ ڪريو‘ جي نيتي اختيار ڪئي. نتيجي طور ’مسلم ليگ‘ جي استاپنا ٿي.

١٩٣٠ ۾ مشهور شاعر ڊا. محمد اقبال الڳ مسلم ديش جو ويچار رکيو. پوءِ چوڌري رحمت عليءَ پاڪستان جي ڳالهه رکي بئرسٽر محمد علي جناح ’ٻه ديش سڌانت‘ پيش ڪري الڳ پاڪستان ديش جي گهر ڪئي. ٻئي، جناح ۽ مسلم ليگ ائين چوڻ لڳا ته راشٽريه سيا فقط هندن جو سنگهٺن آهي، ان مان مسلمانن کي ڪوبه فائدو نه ٿيندو.

**ويويل يوجنا :** جون ١٩٤٥ ۾ ڀارت جي وائيسراءِ لارڊ ويويل هڪ يوجنا ناهي. اچ يوجنا ۾ جدا جدا تجويزون هيون. ان ۾ مرڪزي ۽ پرانتڪ قاعدي ساز منڊلن ۾ مسلم، دلت ۽ ٿورائيءَ وارن کي مناسب عيوضيپڻو ڏنو ويندو، وائيسراءِ جي ڪاريه ڪاري منڊل ۾ هندو ۽ مسلم ميمبرن جو تعداد ساڳيو رهندو وغيره تجويزون هيون. ان يوجنا تي ويچار ڪرڻ لاءِ شملا ۾ ڀارت جي مکيه سياسي ڌرن جي بئٺڪ ڪوٺائي ويئي. وائيسراءِ جي ڪاريه ڪاري منڊل ۾ مسلم عيوضين جا نالا ڏيڻ جو حق فقط مسلم ليگ کي رهي اهڙو ضد جڻ جناح جو هو. راشٽريه سيا انجي مخالفت ڪئي. ان سبب ويول يوجنا ڪامياب نه ويئي.

**ترمنتري يوجنا :** ٻين مهاڀاري لڙائيءَ کانپوءِ برٽش حڪمران ڀارت کي آزادي ڏيڻ لاءِ تيار ٿيا. برٽش پرڌان منتري ائٽلي پارليامينٽ ۾ ڀارت نسبت نيتي ظاهر ڪئي. ان موجب ڀارتي جنتا جو ڀاوتي جوڙجڪ ناهڻ جو حق مڃيو ويو. ٿورائيءَ وارن جا مسئلا آزاديءَ ۾ رنڊڪ نه بڻجندا اهو صاف ڪيو ويو. مارچ ١٩٤٦ ۾ پٿڪ لارينس، سٽئفرڊ ڪريس ۽ اي. وي اليڪزينڊر جي برٽش سفارت ڀارت بابت انگلئنڊ جي يوجنا ڀارتي اڳوانن اڳيان رکي. انکي ’ترمنتري يوجنا‘ چوندا آهن. ان يوجنا جون ڪجهه تجويزون راشٽريه سيا کي قبول نه هيون. آزاد مسلم راڄ جي تجويز نه هئڻ سبب مسلم ليگ به ان کي نامنظور ڪيو ان سبب ترمنتري يوجنا ڪامياب نه ٿي.

**سڌو قدم وارو ڏينهن :** پاڪستان جي گهر قبول نه ٿيندو ڏسي مسلم ليگ سڌو قدم کڻڻ طيءِ ڪيو. ان موجب ١٤ آگسٽ ١٩٤٦ جو ڏينهن سڌو قدم جو ڏينهن طور اعلان ڪيو ويو. ان ڏينهن مسلم ليگ جي پوئلڳن هنسا شروع ڪئي. ديش ۾ جدا جدا هنڌن تي هندو مسلم دنگا پڙڪي پيا. بنگال پرانت ۾ نوکا کالي ۾ ڀيانڪ هتيائون ٿيون اها هنسا روڪڻ لاءِ گانڌيجي پنهنجي جان جي پرواه نه ڪري اتي پهتو، شانتي قائم ڪرڻ لاءِ هن بيحد ڪوشش ڪئي.

**عارضي سرڪار جي استاپنا :** ديش ۾ هنسا پڙڪيل هئي ان وقت وائيسراءِ ويويل عارضي سرڪار جئي استاپنا ڪئي. پ. جواهرلعل نهرو ان سرڪار جو اڳوان هو. شروعات ۾ مسلم ليگ عارضي سرڪار ۾ شامل نه ٿيڻ جو فيصلو ڪيو. ڪجهه وقت کانپوءِ مسلم ليگ ان ۾ شامل ٿي. پر مسلم ليگ جي رنڊڪون وجهڻ سبب عارضي سرڪار جو ڪم ڪار ڏکيو ٿي پيو.

**ماﺋونٽ بيٽن يوجنا :** انگلئنڊ جي پرڌان منتري اٽلي ظاهر ڪيو تہ برٽن جون ١٩٤٨ کان اڳ ڀارت جو راڄ ڇڏي ڏيندو ڀارت ۾ ان سٽا بدل وقت لارڊ ماﺋونٽ بيٽن جي وائسراءِ طور مقرري ڪئي ويئي لارڊ ماﺋونٽ بيٽن ڀارت جي مکيہ اڳوانن سان ڳالھہ ٻولھہ ڪئي. ان ڪانپوءِ ھن ڀارت ۽ پاڪستان انھن ٻن آزاد راشٽريہ جي ٺھڻ جي يوجنا (رٿ) ٺاھي راشٽريہ سڀا جو ورھاڱي جي مخالفت ڪئي. راشٽريہ سڀا جو مول ويچار ھو. ديش جي ايڪتا مسلم ليگہ پاڪستان ٺاھڻ لاءِ ضد ڪيو.



ورهاڱي ڪانسواءِ ٻيو چارو نہ ڏسي راشٽريہ سڀا کي مجبوريءَ ۾ ديش جي ورهاڱي قبول ڪرڻو پيو.

**ڀارت جي آزاديءَ جو قاعدو :** مائونٽ بيٽين يوجنا موجب ۱۸ جولاءِ ۱۹۴۷ تي انگلئنڊ جي پارليامينٽ ڀارت جي آزاديءَ جو قاعدو منظور ڪيو. ۱۵ آگسٽ ۱۹۴۷ تي ڀارت ۽ پاڪستان ٻہ آزاد راشٽر وجود ۾ ايندا. انهن تي برٽش پارليامينٽ جو ڪوبہ حق نہ رهندو. رياستن مان بہ برٽش راڄ ختم ٿيندو. اهي ڀارت يا پاڪستان ۾ شامل ٿي سگهنديون يا آزادي قائم رکي سگهنديون، اهڙيون تجويزون ان قاعدي ۾ هيون.

**آزادي حاصل ٿي :** ڀارتي آزاديءَ جي قاعدي موجب ۱۵ آگسٽ ۱۹۴۷ جي وچ رات دهليءَ جي سنسد جي سڀاگرهن ۾ سنوڌان سڀا جي بيٺڪ شروع ٿي. وچ رات جا ۱۲ وڳا ۽ ڀارت غلاميءَ مان آزاد ٿيو. برٽش جو يونين جئڪ هيٺ لاهي ڀارت جو ترنگو جهنڊو چاڙهيو ويو. ڏيڍ سؤ سالن جي غلامي ختم ٿي.

آزادي ملڻ جي خوشي خالص نہ هئي. ديش جي ورهاڱي ۾ ٿيل ڀياتڪ هنسا سبب جنتا دکي هئي. آزاديءَ جي جشن ۾ شامل نہ ٿي گانڌيجي بنگال ۾ پاڻ پتوڙي رهيو هو. ڀارت جي آزاديءَ ڪانپوءِ ۳۰ مهنن پوءِ ۳۰ جنوري ۱۹۴۸ تي نٿورام گوڙسي گانڌيجيءَ کي بي رحميءَ سان ماري ڇڏيو. هندو-مسلم ايڪتا قائم ڪرڻ لاءِ گانڌيجيءَ تمام گهڻيون ڪوششون ڪيون ان لاءِ هن پنهنجي جان جي قرباني ڏني.

## اڀياس

۱. ڏنل جوابن مان مناسب جواب چونڊي بيان وري لکو.

(۱) عارضي سرڪار جو اڳوان .............. هو.

(الف) ولڀ ڀائي پٽيل (ب) مهاتما گانڌي

(ٻ) پ. جواهرلعل نهروُ (پ) ب. جناح

۲. ڀارت ۽ پاڪستان انهن ٻن الڳ راشٽرن ٺاهڻ جي يوجنا ........... ٺاهي.

(الف) لارڊ ويويل (ب) سٽئفرڊڪرپس

(ٻ) لارڊ مائونٽ بئٽن (پ) پئٿڪ لارينس

۲. هيٺين سوالن جا هڪ سٽ ۾ جواب لکو.

(۱) جئہ. جناح، ڪهڙي ڳالهہ جو ضد ڪيو؟

(۲) ترمنتري يوجنا ۾ ڪهڙا منتري شامل هئا.

۳. هيٺيان بيان سبب ڏيئي سمجهايو.

(۱) راشٽريہ سڀا ورهاڱو قبول ڪيو.

(۲) عارضي سرڪار جو ڪم ڪار ڏکيو ٿي پيو.

(۳) ويويل يوجنا ڪامياب نہ ٿي.

۴. ڏنل حقيقي ليڪ تي واقعن جو سلسلو لکو.

۱۹۴۸ | ۱۹۴۷ | ۱۹۴۶ | ۱۹۴۵

۵. هيٺين سوالن جا جواب وستار سان لکو.

(۱) برٽش ڀارت کي آزادي ڏيڻ لاءِ قدم کنيا.

(۲) مائونٽ بئٽن يوجنا جي ڄاڻ لکو

(۳) ۱۶ آگسٽ جو ڏينهن مسلم ليگ سڌو قدم وارو ڏينهن طور اعلان ڇو ڪيو؟ انجو ڪهڙو نتيجو نڪتو؟

**مشغولي**

الڳ الڳ حوالن جي ڪتابن ۽ انٽرنيٽ ذريعي آزادي حاصل ڪرڻ تي ماڻهن جو ڪهڙو رد عمل هو انجي ڄاڻ حاصل ڪريو.

BAI81H

## ۱۳. آزاديءَ جي لڙائيءَ جي پورائي

ڀارت آزاد ٿي ويو پر تہ بہ اڃا اها لڙائي ختم نہ ٿي هئي. ڀارت ۾ انيڪ رياستون هيون. رياستن کي ڀارت ۾ شامل ٿيڻ يا آزاد رهڻ جو حق مليل هو انڪري اکنڊ ڀارت جو راشٽريہ سپا جو سپنو اڌورو هو. رياستن جي آزاد رهڻ سان ڀارت جا ڪيترائي حصا ٿي وڃن ها.

پورچوگيز ۽ فرينچ حڪومتن ڀارت جي ڪجهہ ڀاڱن مان حڪومت نہ ڇڏي هئي. ڀارت انهي مسئلا بہ ڳنڀيرتا سان حل ڪيا انهن جي ڄاڻ اسين هن باب ۾ وٺنداسين.

**رياستن کي ڀارت ۾ جذب ڪرڻ :** ڀارت ۾ ننڍيون وڏيون ڇهہ سؤ کان وڌيڪ رياستون هيون اسهڪار آندولن سبب رياستن ۾ سُجاڳي آئي. رياستن ۾ پرجا منڊل برپا ٿيڻ لڳا. پرجا منڊل رياستن جي جنتا جي فائدي لاءِ ڪين حق



سردار ولڀ ڀائي پٽيل

حاصل ڪرائڻ لاءِ ڪم ڪندڙ جنتا جا سنگهٽن هئا. ۱۹۲۷ ۾ انهن پرجا منڊلن گڏجي اکل ڀارتيہ پرجا پريشد استاپن ڪئي. اِن سان رياستن اندر تحرڪن ۾ تيزي آئي. ڀارت جي آزاديءَ کانپوءِ انهن رياستن کي ڀارت ۾ جذب ڪرڻ جي مسئلي جو حل ڀارت جي اُن وقت جي گره منتري سردار ولڀ ڀائي پٽيل بيحد مُدبريءَ سان ڪديو. هُن رياستن جي حڪمرانن کي وشواس ڏياري سيني کي منظور 'شامل ناموُ' تيار ڪيو.

سردار پٽيل رياستدارن کي سمجهايو تہ ڀارت ۾ جذب ٿيڻ رياستن لاءِ فائديمند آهي سندن سؤ کي رياستن طرفان سُٺو جواب مليو. جهوُناڳڙهہ، حيدرآباد ۽ ڪشمير کي ڇڏي سڀ رياستون ڀارت ۾ جذب ٿي ويون. رياستن کي جذب ڪرڻ جو مسئلو سردار پٽيل محڪم اِرادي سان حل ڪيو.

**جهوُناڳڙهہ کي جذب ڪرڻ :** جهوُناڳڙهہ سؤراشٽر جي هڪ رياست هئي. اُتان جي جنتا کي ڀارت ۾ شامل ٿيڻو هو پر جهوُناڳڙهہ جي نواب جو پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ جو ويچار هو. هن جي ان فيصلي جي اتان جي جنتا بيحد مخالفت ڪئي. نواب پاڪستان نڪري ويو. ضروري ۱۹۴۸ ۾ جهوُناڳڙهہ ڀارت ۾ جذب ٿيو.

**حيدرآباد مُڪتي سنگرام :** حيدراباد ڀارت جي وڏي ۾ وڏي رياست هئي ان پرانت ۾ تيلگو، ڪنڙ ۽ مراٺي ٻوليءَ جا ماڻهو هئا. اُتي نظام جي تاناشاهي هئي. ناگري ۽ سياسي حقن جي اُتي گ هتنائي هئي. پنهنجا حق حاصل ڪرڻ لاءِ حيدراباد رياست جي جنتا حاصل ڪرڻ لاءِ حيدراباد رياست جي جنتا تيلنگانا ڀاڱي ۾ آنڌرپريشد، مراٺواڙا



سوامي رامانند تيرٿ

ڀاڱي ۾ مهاراشٽر پريشد ۽ ڪرناٽڪ ڀاڱي ۾ ڪرناٽڪ پريشد استاپت ڪئي ويئي. ۱۹۳۸ ۾ سوامي رامانند تيرٿ حيدراباد اسٽيٽ ڪانگريس جي استاپنا ڪئي. نظام ان سنگهٽن تي بندش وڌي. حيدرآباد اسٽيٽ ڪانگريس کي مڃتا ڏيارڻ لاءِ ۽ لوڪشاهي حقن لاءِ لڙائي شروع ٿي. ان لڙائيءَ جي اڳواڻي بهادر سئنڪ سوامي رامانند تيرٿ ڪئي. هنکي نارايڻ ريڊي، سراز - اُل- حسن ترمجي ساٿ ڏنو. پي. وي. نرسنگهہ راو ۽ گووند ڀائي شراف سوامي جيءَ جا سچا پوئلڳ هئا.

جولاءِ ۱۹۴۷ ۾ حيدراباد اسٽيٽ ڪانگريس حيدراباد رياست ڀارت ۾ جذب ڪرائڻ جو نعراءُ پاس ڪيو پر نظام ڀارت وروڌي نيتي اختيار ڪئي. هوُ رياست کي پاڪستان ۾ شامل ڪرائڻ جون ڪوششون ڪرڻ لڳو. نظام جي ساٿي قاسم رضويءَ جنتا جي ڀارت ۾ شامل ٿيڻ جي گهر ۽ نامنظور ڪرڻ لاءِ ’رضاڪر‘ نالي سنسٿا اسٿاپن ڪئي. قاسم رضوي ۽ سندس ساٿين فقط هندن تي ئي نہ پر لوڪشاهيءَ جي هلچل جي پنيرائي ڪندڙ مسلمانن تي بہ ظلم ڪيا. ماڻهن جي ڀاونا ڀڙڪو کائڻ لڳي. نظام سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڀارت سرڪار ڪئي پر نظامن ڏانهن نظرانداز ڪئي. آخر ڀارت سرڪار ۱۳ سيپٽمبر ۱۹۴۸ تي نظام خلاف پوليس ڪاروائي شروع ڪئي. انکي ’آپريشن پولو‘ نالو ڏنو ويو. ۱۷ سيپٽمبر ۱۹۴۸ تي نظام پيش پيو. حيدرباد رياست ڀارت ۾ جذب ٿي. جنتا جي لڙائي ڪامياب ويئي. ان لڙائيءَ ۾ آريہ سماج جو اهم يوگدان رهيو.

**حيدراباد مڪتي سنگرام ۾ مراٺواڙا جو يوگدان :**

ان لڙائيءَ ۾ سوامي رامانند تيرٿ، بابا صاحب پرانجپي، گووندڀائي شراف، اننت ڀاليراو، آشاتائي واگهماري ماڻڪچند پهاڙي وغيره ملهائتو ڪردار ادا ڪيو.

’وندي ماترم‘ هلچل ذريعي شاگرد مڪتي سنگرام ۾ شامل ٿيا. حيدراباد مڪتي سنگرام ۾ ويدپرڪاش، شياملعل، گووند بانسري،بهرجي شندي، شريڌر ورتڪ، جناردن ماسا، شوئيب اُلاخانم ۽ ٻين شهيدي ڏني. سندن بليدان ڀارتواسين لاءِ اُتساهہ پيدا ڪندڙ آهي. ان مان ڄاڻ پوي ٿي تہ حيدراباد مُڪتي لڙائيءَ ۾ مراٺواڙا جو اهم يوگدان هو.

حيدراباد مڪتي سنگرام ۾ ۱۷ سيپٽمبر مراٺواڙا ۾ ’مراٺواڙا مڪتي ڏينهن‘ ڪري ملهايو ويندو آهي. آزاد ڀارت ۾ مراٺواڙا ۱۵ آگسٽ ۱۹۴۷ تي شامل نہ ڪيو ويو. اهو ۱۹۴۸ ۾ جنتا جي اتساهہ ڀريل سنگهرش ڪانپوءِ ڀارت ۾ جذب ڪيو ويو.

**ڪشمير جو مسئلو :** ڪشمير رياست جي راجا هريسنگهہ آزاد رهڻ جو فيصلو ڪيو هو. پاڪستان ڪشمير کي پاڻ ۾ شامل ڪرڻ چاهي پيو. ان لاءِ پاڪستان ڪشمير تي دٻاءُ وجهڻ لڳو. آڪٽوبر ۱۹۴۷ ۾ پاڪستان جي پنيرائيءَ سان هٿيار بند گُهسي آيل ماڻهن ڪشمير تي حملو ڪيو پوءِ هريسنگهہ ڀارت ۾ شامل ٿيڻ ڪانپوءِ ڀارتي فوڄ ڪشمير جي بچاوَ لاءِ موڪلي ويئي. فوڄ ڪشمير جو گهڻو حصو حملاوارن کان واپس ورتو. تہ بہ ڪجهہ حصو پاڪستان جي هٿ ۾ رهيو.

**فرينچ بئنڪن جو جذب ٿيڻ :** ڀارت جي آزاديءَ ڪانپوءِ بہ چندرنگر، پُدچيري، ڪاريڪل، ماهي ۽ ڀاڻ ۾ انهن ڀاڱن تي فرانس جو قبضو هو. اتان جا رهواسي ڀارت ۾ شامل ٿيڻ لاءِ خواهش مند هئا. اهي ڀاڱا ڀارت جا حصا هئڻ سبب ڀارت کي سؤنپيا وڃن اهڙي گهر ڀارت سرڪار ڪئي.

فرانس ۱۹۴۹ ۾ چندرنگر ۾ ماڻهن جو رايو ورتو. اُتان جي جنتا ڀارت طرف ووٽ ڏنا.چندرنگر ڀارت ۽ سؤنپيو ويو. ان ڪانپوءِ فرانس ٻيا ڀاڱا بہ ڀارت کي موٽايا.

**گوئا مڪتي آندولن :** پرتگال پنهنجي قبضي وارا ڀارتي ڀاڱا، ڀارت کي موٽائڻ کان انڪار ڪيو اُهي ڀاڱا حاصل ڪرڻ لاءِ ڀارتواسين کي ويڙهہ ڪرڻي پيئي. ان لڙائيءَ ۾ ڊا.ٽي.بي ڪُنها اڳتي هئا. هُن پورچوگيز سرڪار خلاف سُڄاڳي آندي هُن ان ڪم لاءِ گوئا ڪانگريس سمتيءَ جي اسٿاپن ڪيو. ۱۹۴۶ ۾ هن گوئا ۾ وڃي تقرير بندش جو حڪم ٽوڙيو. ان سبب ڊا. ڪُنها کي ان سال جيل جي سزا ڏني ويئي. ۱۹۴۶ ۾ ڊا. رام منوهر لوهيا گوئا جي آزاديءَ لاءِ ستياگرهہ شروع ڪيو. هن بندش جو حڪم ٽوڙي گوئا جيمڊگانوَ ۾ تقرير ڪئي. ان سبب پورچوگيز سرڪار هن کي گوئا نيڪالي ڏني.



ڊا.ٽي.بي ڪُنها

ساڳئي وقت گجرات جي دادرا ۽ نگر حويليءَ ۾ پورچوگيز بڻنک آزاد ڪرائڻ لاءِ. 'آزاد گومنتڪ دل' ڪڙو ڪيو ويو. ٢ آگسٽ ١٩٥٤ تي انهن جوانن هٿيارن سان حملو ڪري دادرا ۽ نگر حويلي پورچوگيزن کان آزاد ڪرايو.

ان حملي ۾ وشوناٿ لوندي، راجا ڀائو واڪٽڪر، سڌير ڦرڪي، نانا صاحب ڪاجريڪر وغيره شامل هئا. ١٩٥٤ گوئا مڪتي سمتي اسٿاپن ڪئي ويئي. ان سمتيءَ مهاراشٽر مان ستاگرهين جا انيڪ ٽولا گوئا موڪليا انهن ۾ نا.گ.گوري، سيناپتي باپٽ، پيٽر الوارس، مهاديو شاستري جوشي ۽ سندس زال سڌاتائي وغيره بهرو ورتو. موهن رانڌي گوئا مڪتي آندولن جو هڪ مضبوط نيتا هو ستياگرهين تي پورچوگيزن بيحد ظلم ڪيا. ان سبب ڀارتي ماڻهو وڌيڪ ڀڙڪي اٿيا.

گوئا جي هڪ مڪتي آندولن وڌيڪ تيز بڻيو ڀارت سرڪار پورچوگيز سرڪار سان ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ ڪوشش ڪرڻ پيئي پر انکي ڪوبہ رُخ نہ مليو. نا علاج ڀارت سرڪار فؤجي طاقت اِستعمال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ڊسمبر ١٩٦١ ۾ ڀارتيہ سئنڪن گوئا ۾ داخل ٿيا. ٿوري ئي عرصي ۾ پورچوگيزن فؤج پيش پيئي. ١٩ ڊسمبر ١٩٦١ تي گوئا پورچوگيزن جي دٻدٻي مان آزاد ٿيو. ڀارت جي زمين تان سامراجيرواد جي پاڙ پٽجي پيئي. ڀارتي آزاديءَ جي لڙائيءَ جو صحيح نموني پورائو ٿيو.

## اڀياس

**١. ڏنل جوابن مان مناسب جواب چونڊي بيان وري لکو.**

(١) ڀارت ۾ ننڍيون وڏيون ڇهہ سؤ کان وڌيڪ ............... هيون.

(الف) راڄيہ (ب) ڳوٺ (ڀ) رياستون (پ) شهر

(٢) ڄهوناڳڙهہ ............... ۽ ڪشمير رياستن کي ڇڏي ٻيون سڀ رياستون ڀارت ۾ شامل ٿي ويون،

(الف) اؤنڌ (ب) جهانسي (ڀ) ٻڙودا (پ) حيدرآباد.

**٢. هيٺيان بيان سبب ڏيئي سمجهايو.**

(١) ڄهوناڳڙهہ ڀارت ۾ جذب ٿيو.

(٢) ڀارت سرڪار نظام خلاف پوليس ڪاروائي شروع ڪئي.

(٣) ڀارت ۾ شامل ٿيڻ جي اقرار تي هريسنگهہ صحيح ڪئي.

**٣. ٿوري ۾ جواب لکو**

(١) رياستن جي جذب ٿيڻ ۾ سردار ولڀ ڀائي پٽيل جو يوگدان لکو.

(٢) حيدرآباد مڪتي سنگرام ۾ سوامي رامانند تيرٿ جو يوگدان سمجهايو.

**مشغولي**

'حيدرآباد مڪتي سنگرام' وشيہ تي تصويرن ۽ چاڙ ڳڏ ڪريو اتهاس ڪمري ۾ ان تي آڌارت چارٽس نماءُ پيش ڪريو.

BAS43J

ڀارت جي آزاديءَ کانپوءِ ٻولين موجب راڄين جي گهر وڌي پئماني تي ٿيڻ لڳي. مهاراشٽر ۾ به مراٺي ڀاشڪ راڄيه جي گُهر ڪندڙ 'گڏيل مهاراشٽر هلچل' سنه ۱۹۴٦ کان شروع ٿي. انيڪ ڏاڪا پار ڪري ان هلچل سان ۱ ميءِ ۱۹٦۰ تي مهاراشٽر راڄيه ٺهيو.

پس منظر : مراٺي ٻولي ڳالهائيندڙن کي گڏ ڪرڻ جو ويچار ويهين صديءَ جي شروعات کان انيڪ ماهرن ظاهر ڪيو. ۱۹۱۱ ۾ انگريز سرڪار کي بنگال جو ورهاڱو رد ڪرڻو پيو. ان نسبت ن. چ. ڪيلڪر لکيو ته مراٺي ٻولي ڳالهائيندڙن جي آدمشماري هڪ ڇت هيٺ هجي لوڪمانيه تلڪ ۱۹۱۵ ۾ ٻولين موجب پرانت بناوت جي گهر ڪئي هئي. پر ان وقت ڀارتي آزاديءَ جو مسئلو وڌيڪ اهم هئڻ سبب هي سوال پٺيان پيو.

۱۲ ميءِ ۱۹۴٦ تي بيلگام ۾ ڪوٺايل ساهت گڏجاڻيءَ ۾ گڏيل مهاراشٽر نسبت اهم ٺهراءُ پاس ڪيو ويو.

گڏيل مهاراشٽر پريشد : ۲۸ جولاءِ تي ممبئيءَ ۾ شنڪر راو ديوجي اڌيڪشتا ۾ 'مهاراشٽر ايڪتا پريشد' ڪوٺائي ويئي. ان پريشد ۾ ٺهراءُ ڪيو ويو ته مراٺي ڳالهائيندڙن جو هڪ راڄيه هجي ان ۾ ممبئي، مڌيه پرانت جي مراٺي ڳالهائيندڙن، مراٺواڙا ۽ گومنتڪ ڀاڱا شامل هجن.

دار ڪميشن : سنوڌان سڀا جي اڌيڪش ڊا. راجيندر پرساد، ۱۷ جون ۱۹۴۸ جج ايس کي دار جي صدارت ۾ موجب پرانت جو ٺهڻ بناوت لاءِ 'دار ڪميشن' 'اسٿاپت ڪئي. ۱۰ ڊسمبر ۱۹۴۸ تي دلي ڪميشن پنهنجو احوال ڏنو. پر ان ۾ مسئلو حل نه ٿيو.

جي.وي.پي سمتي (ٽي ميمبر سمتي) : ٻولين موجب پرانت بناوت جي حالتن جو اڀياس ڪرڻ لاءِ ڪانگريس ۲۹ ڊسمبر ۱۹۴۸ تي هڪ سمتي مقرر ڪئي. ان ۾ پ. جواهرلعل نهروءَ، ولڀ ڀائي پٽيل ۽ پٽاڀيستاراميا شامل هئا انهن جي پهرين اکرن سان اها جي.پي.وي سمتي سُڃاڻپ ويندي آهي. ان سمتي سفارش ڪئي ته ٻولين موجب پرانت بناوت کي ڪانگريس جي اُصولي مڃتا آهي پر هيءُ وقت ان لاءِ صحيح نه آهي. ان احوال خلاف سڄي مهاراشٽر ۾ تيز رُخ بڻيو ان وقت سيناپتي باپٽ سُڃاڻپ لاءِ پرڀات ڦيريون ڪڍيون.

آچاريه اتري ممبئي مهانگر پالڪا ۾ ممبئي سان گڏ گڏيل مهاراشٽر جو ٺهراءُ پيش ڪيو. اهو ۵۰ برخلاف ۳۵ ووٽن سان پاس ٿيو. ممبئي مهاراشٽر ۾ هُجي اها جنتا جي اڇا ثابت ٿي.

راڄيه پنر رچنا آيوگ : ڀارت سرڪار جج ايس فاضل عليءَ جي صدارت ۾ ۲۹ ڊسمبر ۱۹۵۳ تي 'راڄيه پنر رچنا آيوگ' اِسٿاپن ڪيو. ان آيوگ ۱۰ ڊسمبر ۱۹۵۵ تي احوال پيش ڪيو. ان احوال ۾ ممبئيءَ جو به ڀاشائي راڄيه ٺاهڻ اها سفارش ڪئي ويئي.

ناڳپور قرار : سڀني مراٺي ڳالهائيندڙن هڪ راڄيه جي اِسٿاپن ڪرڻ لاءِ ۱۹۵۳ ۾ ناڳپور ۾ هڪ اقرار ٿيو. ان ۾ اولهه مهاراشٽر ۽ ودرڀ-مراٺواڙا کي گڏي گڏيل مهاراشٽر راڄيه ٺهيو. جوڙجڪ ۾ ۱۹۵٦ ۾ جي درستيءَ موجب قلم ۳۷۱(۲) کي جوڙجڪ ۾ شامل ڪيو ويو.

ان موجب واڌاري لاءِ پئسو، تڪنيڪي ۽ پيشيور تعليم لاءِ مڪمل پئسو، واسطيدار ڀاڱي جي آدم

شماريءَ موجب راڄيه سرڪاري نوڪرين جا موقعا ۽ مهاراشٽر وڌان سڀا جو هڪ اجلاس ناگپور ۾ ٿيڻ وغيره ڳالهين جو پروسو ڏنو ويو. ممبئي ڪي گڏي مهاراشٽر راڄيه ناهڻ لاءِ مراٺي ماڻهن جي جدوجهد شروع ٿي چڪي هئي. ممبئيءَ ۾ ڪامگار ميدان تي وڏي سڀا ٿي. اتي سنڪرراو ديو چيو، ”مهاراشٽر کان ممبئيءَ الڳ ڪرڻ جي اسين جان ڏيئي به مخالفت ڪنداسين“ جنتا جي ڀاونا ۽ گهر ڪي تحرڪ جو روپ ملڻ لڳو. ان ۾ عورتون به اُتساهه سان شامل ٿيڻ لڳيون. سمتي بائي گوري، اسمت چُگنائي، درگا ڀاڳوت، تارا ريڏي، چارو سيلا گُپتي ، ڪملا تائي موري، سُلتانا جوهاري وغيره انيڪ عورتن انهيءَ ۾ ڀرو ورتو.

٧ نومبر ١٩٥٥ تي ڪامگار سنگهٽن، ڪميونسٽ، پرجا سماجوادي، شيتڪري ڪامگار پارٽي، جنسنگهه وغيره انيڪ سياسي پارٽيون شامل ٿيون.

انجي صدارت ڪامريڊ شريپاد امرت ڏانگي ڪئي. ان ۾ ايس. ايم. جوشي ممبئيءَ ۽ ودرڀ کي گڏي گڏيل مهاراشٽر ٺهڻ جو ٺهراءُ پيش ڪيو.

**روبرو سنگهرش شروعات :** مراٺي ڳالهائيندڙن جو اسنتوش وڌي رهيو هو. سيناپتي باپٽ جي اڳوانيءَ ۾ وڌان سڀا تي مورچو نڪتو. ان وقت مکيه منتري مورارجي ديسائي هو. سرڪار بندش حڪم لڳايو. پوليس مورچي تي لٺين ۽ ڳوڙها گئس جو استعمال ڪيو. ان ڏينهن شام جو ڪامگار ميدان تي اٽڪل ٥٠ هزار ماڻهن جي هڪ سڀا تي ڪامريڊ ڏانگي اتي رهنمائي ڪئي. گڏيل مهاراشٽر جي گهر وڌيڪ تيز ڪرڻ لاءِ ٢١ نومبر ١٩٥٥ تي هڪ ڏينهن جي هڙتال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

**گڏيل مهاراشٽر سمتي :** مراٺي ڳالهائيندڙن جنتا جي گڏيل مهاراشٽر جو سوال ڏکيو ٿيندو ويو.



پر. ڪي. اَتري

سڄي راڄيه ۾ اسنتوش ڦهلجڻ لڳو. ٦ فيبروري ١٩٥٦ تي ڪيشوراو جيڌي جي صدارت ۾ پٽي جي تلڪ سمارڪ مندر ۾ سڀا ٿي. سمتيءَ پنهنجو ڪاريه ڪرتا گروه ظاهر ڪيو. ان ۾ صدر ڪا.شريپاد امرت ڏانگي، اُپ صدر ڏا. تر. را. نَروٽيءَ سڇيو ايس. ايم. جوشيءَ کي ناهيو ويو. سمتيءَ جي اسٿاپنا ۾ ڳ.تر.ماڌوڪولڪر، آچاريه پر.ڪي. اَتري، مڌوُ دونڊتي، پريوڌنڪار ڪيشو ٺاڪري، يہ.ڪر.سووني وغيره اهم ڪردار ادا ڪيو. انهن سان گڏ سيناپتي باپٽ، ڪرانتي سنگهه نانا پاٽيل، لالجي پينڊسي، اهلياباءِ رانگڻيڪر گڏيل مهاراشٽر هلچل ۾ وڏو يوگدان ڏنو.



ايس. ايم. جوشي



پريو ڌنڪار ٺاڪري

هلچل مهاراشٽر جي ڳوٺن تائين پهچائي.

جڏهن اها ڄاڻ پيئي ته ممبئي مهاراشٽر ۾ نه شامل ٿيندي ته وڏو جن آندولن گڏ ٿيو. ان هلچل ۾ راڄيه سرڪار جي گوليبازيءَ ۾ ١٠٦ ماڻهو شهيد ٿيا. گڏيل مهاراشٽر ناهڻ لاءِ انهن ١٠٦ شهيدن جي ياد ۾ ممبئيءَ جي فلورا فائونٽن ويجهو هُتاتما (شهيد) سمارڪ ڪڙو ڪيو ويو.

## ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟


لوڪ شاهير اڻا ڀائو ساٺي


شاهير امر شيخ


شاهير د.نا. گواڻڪر

### مراٺي اخبارن ۾ شاهرن جو يوگدان :

ان آندولن ۾ اخبارن جو اهم يوگدان هو. پر ڀوڌن، ڪيسري، سڪال، نواڪال، نويگہ، پريات وغيره ڪيترن ئي اخبارن سڄاڳيءَ جو ڪم ڪيو. گڏيل مهاراشٽر آندولن ۾ آچاريہ اَتري جي 'مراٺا' اخبار خاص ڪم ڪيو. بالا صاحب ٺاڪري، 'ماولا' جي تخلص سان ٽيڪا چٽر ڪڍي جن آندولن وڌايو.

لوڪ شاهير اڻاڀائو ساٺي، شاهير امر شيخ ۽ شاهير د.نا. گواڻڪر پنهنجي قلم سان گهڻي سُڄاڳي آندي.

١ نومبر ١٩٥٦ تي ممبئيءَ جو ٻہ- ڀاشائي راڄيہ وجود ۾ آيو ان کانپوءِ ١٩٥٧ ۾ هڪ سڀا، وڌان سڀا ۽ ممبئي مهانگر پالڪا جون چونڊون ٿيون. ان ۾ گڏيل مهاراشٽر سمتيءَ کي جس مليو. انهن نتيجن مان ڄاڻ پيئي تہ ووٽر بہ ڀاشا خلاف ۽ گڏيل مهاراشٽر طرف آهن. پرتاب ڳڙهہ تي شواجي مهاراج جي گهوڙي تي سوار پتلي جي پردي کولڻ جو ڪم جواهرلعل نهروءَ طرفان ٣٠ نومبر ١٩٥٧ تي ٿيڻو هو. ان وقت گڏيل مهاراشٽر سمتيءَ ڀائي ماڌوراو باڳل جي اڳوانيءَ ۾ وڏو مورچو ڪڍيو. ان ۾ ايس. ايم. جوشي، نا.گ.گوري، جيڌنہ راو تلڪ، پر.ڪي. اَتري، اُڌوراو پاٽيل وغيره نيتا مؤجود هئا. سمتيءَ پسرڪي ڳ هاٿ ۾ پولادپور ويجهو وڏا مُظاهرا ڪيا. مراٺي ڳالهائيندڙن جي ڀاونائن ۽ حالتن جي ڄاڻ پ. نهروءَ کي ڪرائڻ ۾ سمتي ڪامياب ويئي.


اُڌوراو پاٽيل

گڏيل مهاراشٽر سمتيءَ جي اڳوانيءَ ۾ تيل آندولن سبب مرڪزي سرڪار جو مهاراشٽر جي رچنا لاءِ نهڪندڙ رخ ٻٽيو. ڪانگريس جي اڌيڪش اندرا گانڌيءَ پنهنجو رُخ گڏيل مهاراشٽر ڏانهن ڏيکاريو. مهاراشٽر ۽ گجرات ٻن ٻوليائي پرانتن جي نهڻ کي مرڪزي سرڪار منظوري ڏني. اپريل ١٩٦٠ ۾ سنسد ممبئي پنررچنا قاعدو منظور ڪيو ان موجب مهاراشٽر راڄيہ ١ مئيءَ ١٩٦٠ تي ٺهيو.

١ مئيءَ ١٩٦٠ تي اَسُر وقت راج ڀون ۾ تيل خاص ڪاريہ ڪرم ۾ پنڊت نهروءَ ڪامگار ڏينهن تي مهاراشٽر راڄيہ جي دستوري گهوشڻا ڪئي. يشونتراوَ چوهاڻ مهاراشٽر راڄيہ جي پهرئين مکيہ منتري طوَر جوابداري سنڀالي.


يشونتراءُ چوهاڻ

۱. ڏنل جوابن مان مناسب جواب چونڊي بيان وري لکو

(۱) ۱ مئي ۱۹۶۰ تي ............... راڄيه ٺهيو.

(الف) گوئا (ب) ڪرناٽڪ

(پ) آنڌرپرديش (ڀ) مهاراشٽر

(۲) ممبئي مهاپالڪا ۾ ممبئي ۾ ڪي گڏي گڏيل

مهاراشٽر جو ٺهراءُ ............ پيش ڪيو.

(الف) گ.تر. ماڊڪولڪر (ب) آچاريه اَتري

(پ) د. وا. پوترادار (ڀ) شنڪر راو ديو.

(۳) ................ مهاراشٽر جي پهرئين مکيه منتري

طور جوابداري سنڀالي.

(الف) يشونتراوَ چوهاڻ (ب) پرٿويراج چوهاڻ

(پ) شنڪرراو چوهاڻ (ڀ) ولاسراوَ ديشمکه

۲. هيٺيان بيان سبب ڏيئي سمجهايو

(۱) گڏيل مهاراشٽر سمتيءَ جي اسٿاپنا ڪئي

ويئي.

(۲) گڏيل مهاراشٽر آندولن ۾ اخبارن جو اهم يوگدان هو.

۳. نوٽ لکو.

(۱) گڏيل مهاراشٽر پريشد

(۲) گڏيل مهاراشٽر سمتيءَ جو يوگدان.

۴. هيٺيون چٽر پورو ڪريو

گڏيل مهاراشٽر سمتي

| اُپ اڌيڪش | اڌيڪش | سچيو گڏيل |
| --- | --- | --- |
| ---------------- | ---------------- | ---------------- |

**مشغولي**

مهاراشٽر جي ٺهڻ ۾ اهم يوگدان ڏيندڙ شخص جي ڄاڻ هٿ ڪريو ۽ ان تي آڌارت پروجيڪٽ - عملي ڪم ماسترن جي رهنمائيءَ ۾ ٺاهيو.

BB1Z57

# ناگرڪ شاستر

(سنڌ وارو سرڪاري سرشتو)

## فهرست


| نمبر | باب جو نالو | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| .١ | سنڌ واري سرڪاري سرشتي جي سُڃاڻپ | 68 |
| .٢ | پارٽ جي سنڌ | 71 |
| .٣ | مرڪزي ڪاروباري منڊل | 75 |
| .۴ | پارٽ جو عدالتي سرشتو | 79 |
| .۵ | راڄيه سرڪار | 83 |
| .٦ | نوڪرشاهي | 86 |

# علمي حاصليت

### سکڻ سيکارڻ جي پرکريا

سکنڌڙن کي ٻن يا گروپس - اَڪيلي ۾ وجھ ڏنا وڃن ۽ همٿايو تہ ...

- پارٽي جوڙجڪ جي اهميت، مُهاڳ، سرڪار، ستا جي ورهاست ۽ سنگھہ سرڪار طريقو وغيرهہ تي پوسٽر، چٽر ۽ بي پيش ڪش ڪري ٿو.
- آزادي، برابري ڀائيچاري جا تتو ڪيئن عمل ۾ اَچي رهيا آهن اِنتي ڪلاس ۽ ڪلاس کان ٻاهر بحث مباحثو ڪري ٿو.
- بنيادي حق ۽ بنيادي فرض تي اَڪيلي يا گروهہ ۾ پروجيڪٽ ٺاهي ٿو.
- راجيہ سڀا جي ٽي.وي. مالها، سنوڌان ۽ فلمون جھڙوڪ گانڌي، سردار ولڀ ڀائي پٽيل، ڊاڪٽر بابا صاحب اَمبيڊڪر وغيرهہ ڏسي ٿو.
- سنسد جا متدار سنگھہ نقشي ۾ ڏسي ٿو.
- ڪلاس ۾ ٻال سنسد ۾ ڀرو وٺي ٿو.
- مڪاني ووٽرن جي لسٽ ٺاهي ٿو.
- چونڊن جي اَهميت بابت جاڳرتا آڻي ٿو.
- خاصدار دواران ڪيل ڪمن جو جائجو وٺي ٿو.
- پوليس شڪايت پٽر (ايف آءِ آر) جي جاچ ڪري.
- عادلت ۾ ججن جي انصاف ڏيڻ جي ڀوميڪا جي باري ۾ جاچي پنهنجا ويچار ظاهر ڪري ٿو.
- انساني حقن جي حفاظت، خاص ڪري عورتن، انوسوچت جاتي، جماتي، ٿورائي وارن، دويانگ ماڻهن، ضرورت مند ٻارن، صفائي ڪامگار وغيره جي حقن جي ڀڃڪڙي بابت گروهہ ٺاهي چرچا ڪري ٿو.
- ٻال مزوري ٻارن جي حقن ۽ انصاف سرشتي بابت ناٽڪ ڪري پيش ڪرڻ.
- مرڪزي سرڪار جي ڪنهن بہ آفيس ۾ وڃڻ.

مثال : پوسٽ آفيس جي ڪارين ڪي جاچڻ ۽ احوال تيار ڪرڻ.

- صاف صفائي، بجلي، پاڻيءَ جي موٗجودگي ۾ ايندڙ تفاوت جي ڪارڻن ۽ ماڻهن جي سهوليتن تي دوستن سان آزمودن جي ڏي وٺ ڪري ٿو.
- سرڪار عام ماڻهن کي سهوليتون ڏيڻ لاءِ ڇو جوابدار آهي؟ ان تي چرچا ڪرائي ٿو.
- مالي ڳالهين کي باقاعدي هلائڻ تي سرڪار جي ڀوميڪا تي گروهہ ۾ چرچا ڪرڻ. مثال ڀوپال گئس جي ڪارڻن جي جاچ ڪرڻ.

### علمي حاصليت

سکنڌڙ :

پارٽيہ سنواڌن مطابق پنهنجي ايراضي جي سياسي ۽ سماجڪ مسئلن کي بيان ڪري ٿو. بنيادي حقن ۽ فرضن کي مثالن ذريعي سمجھائي ٿو.

- ٻال حقن جي حفاظت، ڀڃڪڙي تي بنيادي حقن جي ڄاڻ جو اُپيوگ ڪري ٿو.
- راجيہ سرڪار ۽ مرڪزي سرڪار ۾ فرق ڪري ٿو.
- لوڪ سڀا جي پرڪريا بيان ڪري ٿو.
- مرڪزي ايراضيون - راجيہ جي نقشي تي پنهنجو متدار سنگھہ ڏيکاري ٿو.
- قانون ٺاهڻ جي پرڪريا بيان ڪري ٿو مثال تعليم جو حق، ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو حق وغيره.
- سنگھہ سرڪار جي طريقي جي ڪمن کي مثال ڏيئي بيان ڪري ٿو.
- پوليس شڪايت (ايف آءِ آر) ڪيئن درج ڪرائجي ان کي بيان ڪري ٿو.
- پنهنجي ايراضي ۾ ڪجھہ طبقن جي پٺتي پوڻ جي ڪارڻن ۽ نتيجن کي جاچي ٿو.
- بجلي، رستا، صفائي ۽ پاڻي جھڙين عام ماڻهن جي سهولينن کي پهچائڻ ۾ سرڪار جي ڀوميڪا کي سمجھي ٿو.
- مالي ڳالهين کي باترتيب هلائڻ ۾ سرڪار جي ڀوميڪا بيان ڪري ٿو.
- مهاراشٽر جي سرڪاري سرشتي جو روُپ چٽو ڪرڻ.

## ١. سنڌ واري سرڪاري سرشتي جي سُڃاڻپ

هن باب ۾ اسين سڪنداسين ته ڀارت جي جوڙجڪ ۾ ڪهڙو سرڪاري سرشتو پڌايل آهي.

**هيٺيان سوال توهان کي به پيش ايندا آهن ڇا؟**

- سنڌ وارو سرڪاري سرشتو معنيٰ ڇا؟
- ڀارت ۾ پرڌان منتري آهي پر آمريڪا ۾ پرڌان منتري ڇو نه آهي؟
- سنڌ واري سرڪاري سرشتي ۽ اڌيڪش واري سرڪاري سرشتي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

متي ڏنل ڪجهه سوالن مان توهان سمجهندا ته هرهڪ ديش جي سرڪاري سرشتي جو سروُپ الڳ هوندو آهي. الڳ الڳ قسمن جي سرڪاري سرشتن کي سمجهڻ کان اڳ اسان سرڪاري جي مکيه شاخن جي ڄاڻ توري ۾ حاصل ڪنداسين.

سرڪار ۾ قاعدي ساز منڊل قاعدا ناهڻ جو ڪم ڪندو آهي. ڪاروباري منڊم انهن قاعدن کي عمل ۾ آڻيندو آهي. عدالتي سرشتو نياءُ ڪرڻ جو ڪم ڪندو آهي. انهن ٽنهي شاخن جا ڪمُ. انهن جا اڌڪار ڪيتر ۾ سنڌس حدُون، انهن جا آپسي ناتا جوڙجڪ طيءِ ڪندو آهي. اهي انهن ناتن جي قسم موجب سرڪاري سرشتي جو سروپ طيءِ ٿيندو آهي.

ان موجب سرڪاري سرشتي جا به قسم ٺهيل آهن (١) سنڌ واري سرڪاري سرشتو (٢) اڌيڪش (راشٽرپتي) وارو سرڪاري سرشتو.

### سنڌ وارو سرڪاري سرشتو

سنڌ وارو سرڪاري سرشتو مکيه طوُر انگلنڊ ۾ اُسريو. انگلنڊ جو جوڙجڪ اڻ لکيل هوندي به اتان جو گهڻو ڪاروبار روايتي ڳالهين موجب هلندو آهي اهڙي هڪ اُسريل سنسٿا آهي.

'پارليامينٽ' پارليامينٽ تي آڌارت پارليامينٽري سرڪاري طريقو انگلئنڊ جي ايجاد مڃي وڃي ٿي.

ڀارت ۾ اهو طريقو سنڌ واري سرشتي جي روُپ ۾ اختيار ڪِيل آهي. انگلئنڊ جي پارليامينٽري سرشتي ۾ ڀارت جي سنڌ واري سرشتي ۾ گهٽي هڪجهڙائي آهي پر سنسٿائن جي نظريي کان ڀارتي سرڪاري سرشتو الڳ آهي. اڃو ته ڀارتي سنڌ واري سرشتي جون خاصيتون سمجهوُن :

- سنڌ وارو سرشتو راڄ ڪاروبار جو هڪ طريقو آهي. مرڪزي سرڪاري سرشتي جي قاعدي ساز منڊل کي سنڌس چئجي ٿو. راشٽرپتي، لوڪ سڀا ۽ راڄيه سڀا گڏجي سنڌ ٺهندي آهي.
- سنڌ جي لوڪ سڀا جا ميمبر جنتا طرفان سڌو چونڊجي ايندا آهن. ان سڀاگره جي ميمبرن جو تعداد مقرري هوندو آهي.
- لوڪ سڀا جون چونڊون مقرر عرصي ڪانپوءِ ٿينديون آهن انهن ۾ سڀ سياسي ڌرون ڀهرو وٺنديون آهن جنهن سياسي ڌر کي اڌ کان وڌيڪ ڄڳهيون ملنديون آهن ان کي گهڻائيءَ واري ڌر چئبو آهي. گهڻائيءَ واري ڌر سرڪار ناهيندي آهي.
- ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن هڪ ڌر کي صاف گهڻائي نه ملندي آهي ان وقت ڪجهه ڌرون گڏ تي گهڻائي ثابت ڪنديون آهن ۽ سرڪار ناهينديون آهن. انکي گڏيل چئبو آهي.

• اهڙي ريت جنتا مان چونڊجي آيل عيوضي قاعدي منڊل جا ميمبر ٿيندا آهن. گهڻائي واري ڌر سرڪار ٺاهيندي آهي.

• گهڻائيءَ واري ڌر جو اڳوان پرڌان منتري ٿيندو آهي، هوُ پنهنجن ڪن ساٿين کي منتري چونڊيندو آهي.

• پرڌان منتري ۽ سندس چونڊيل منتري منڊل، سنسد واري سرڪاري سرشتي ۾ ڪاروباري منڊل آهي.ان ڪاروباري منڊل تي ٻيٽي جوابداري هوندي آهي.

(۱) ڪاروباري منڊل نسبت ڪين قاعدن کي عمل ۾ آڻڻو پوندو آهي. (۲) قاعدي ساز منڊل ۾ ميمبر روُپ ۾ نسبتي جوابداريون ناهٽيون پونديون آهن.

پرڌان منتري ۽ سندس ڪاروباري منڊل پنهنجن ڪمن ۽ نيتين لاءِ. قاعدي ساز منڊل ڏانهن جوابدار هوندا آهن. يعني منتري منڊل کي قاعدي ساز منڊل کي ڳڏ وٺي ڪم ڪار هلائڻو پوندو آهي. ان ڪري سنسد واري سرڪاري سرشتي کي ’جوابداريءَ واري سرڪاري سرشتو‘ پڻ چئجي ٿو. ’ڳڏيل جوابداري‘ سنسد واري سرڪاري سرشتي جي اها هڪ خاصيت آهي. ڪنهن ڪاتي جو فيصلو سڄي سرڪار جو فيصلو مڃيو ويندو آهي. انجي جوابداري سڄي منتري منڊل جي هوندي آهي. اها عمل ۾ ڪيئن ايندي آهي انجا ٻه مثال ڏسنداسين.

سنسد واري سرڪاري طريقي ۾ ڪاروباري منڊل قاعدي ساز منڊل جي ڀروسي تي مدار رکي ٿو. جيستائين قاعدي ساز منڊل جي پنيرائي يا منظوري هوندي آهي تيستائين ڪاروباري منڊل پرڌان منتري ۽ منتري منڊل حق ماڻي سگهن ٿا. جيڪڏهن قاعدي ساز منڊل يا سنسد کي ائين محسوس ٿيو ته ڪاروباري منڊل اُميد موجب ڪم نٿو ڪري ته سنسد اوشواس جو ٺهراءُ آڻي ڪاروباري منڊل کي ستا کان دوُر ڪندو آهي. اوشواس ٺهراءُ ظابطي جو هڪ اثردار وسيلو آهي.

سنسد واري سرشتيءِ ۾ سنسد اعليٰ آهي. ماڻهن جا چونڊيل عيوضي سنڌن اُميدون سنسد ۾ ظاهر ڪندا آهن. ماڻهن جي ڀلي جي ڳالهه سنسد طيءِ ڪندي آهي. اهو ماڻهن جي عيوضين جو سياڳهر هئڻ سبب ۽ جنتا جي اعليٰ حق جي اظهار سبب سنسد جو درجو اعليٰ آهي.

## اسان سنسد وارو سرڪاري سرشتو ڇو اختيار ڪيو؟

ڀارت جي سنسد واري سرشتي اختيار ڪرڻ جا ڪجهه سبب آهن برٽش راڄ وقت ئي ڀارت ۾ سنسد جي سنستائن جي استاپنا ٿي ويئي هئي. برٽش ان طريقي راڄ ڪاروبار هلائڻ شروع ڪيو هو. سنسد وارو سرشتو ٻه ڀارتي آزاديءَ جي لڙائيءَ جي هڪ ايجاد آهي. ان سرشتي جي ڀارتي ماڻهن کي ڄاڻ پئجي ويئي هئي. سنتوڌان سڀا ۾ ان سرشتي تي گهڻي چرچا ٿي هئي. جوڙجڪ ٺاهيندڙن ان سرشتي ۾ ڀارتي حالتن موجب تبديليون سنسد واري سرشتي ۾ ڳالهه ٻولهه ۽ چرچا لاءِ گهڻا موقعا آهن. عام جي ڀلي جي سوالن تي سنسد ۾ چرچا ٿيندي آهي. ان چرچا ۾ وروڌي ڌر جا ميمبر ٻه ڀهرو وٺندا آهن.

سرڪار کي واجب مدد ڪرڻ، نيتين -قاعدن ۾ گهٽتائي ٻڌائڻ، مسئلن کي پيش ڪرڻ وغيره ڳالهيون وروڌي ڌر ڪري سگهي ٿي ان سبب سنسد وڌيڪ بهتر قاعدا ٺاهي سگهي ٿي.

## اڌيڪش راشترپتيءَ وارو سرڪاري سرشتو

راڄ ڪاروبار جو ٻيو طريقو آهي راشترپتيءَ وارو سرڪاري طريقو اهو سرڪاري سرستو آمريڪا ۾ آهياهو طريقو سنسد واري سرستي کان الڳه آهي. قاعدي ساز منڊل کان ڪاروباري منڊل جدا هوندڙ ۽ جنهن ۾ ڪاروباري پرمکه (راشترپتي) سڌو جنتا مان چونڊيو ويندو آهي، انکي راشترپتي وارو سرڪاري سرشتو چئجي ٿو. ان ۾ سرڪاري سرشتي جون ٽيئي شاخائون هڪ ٻئي کان الڳه پر ڪم ۾ بهتري آڻڻ لاءِ انهن ۾ آپسي لاڳاپو پڻ هوندو آهي

راشٽرپتيءَ وارو سرشتو آمريڪا اختيار ڪيو آهي ان سرشتي جون ڪجهه خاصيتون هيٺ ڏنل آهن.

- ان سرشتي ۾ قاعدي ساز منڊل ۽ ڪاروباري منڊل سڌو مدار نہ رکندا آهن. قاعدي ساز منڊل جا ٻئي سياڳهر ۽ راشٽرپتي سڌو جنتا مان چونڊيا ويندا آهن. راشٽرپتي ڪاروباري اڳوان هوندو آهي ۽ هن وٽ قاعدي کي عمل ۾ آڻڻ ۽ ٻيا حق هوندا آهن.
- ان سرشتي کان پوءِ بہ قاعدي ساز منڊل ۾ ڪاروباري منڊل هڪ ٻئي تي ظابطو رکندا آهن. آپسي ظابطي سبب راڄ ڪاروبار جوابداريءَ سان هلي ٿو.

سنسد واري ۽ راشٽرپتيءَ واري سرشتي کان سواءِ ٻيا سرشتا جرمني فرانس ۽ سوزرلئنڊ ديشن ۾ آهن. ديش پنهنجي مڪاني حالتن موجب سرڪاري سرشتا اختيار ڪندا آهن.

اينڊڙ باب ۾ اسين ڀارت جي سنسد جي بناوت، ڪم جو طريقو ۽ ڀومڪا سمجهنداسين.

## ابياس

**۱. ڏنل جوابن مان مناسب جواب چونڊي بيان وري لکو.**

(۱) سنسد وارو سرڪاري سرشتو ............... ۾ اُسريو.

(الف) انگلئنڊ (ب) فرانس

(ٻ) آمريڪا (ڀ) نيپال

(۲) اڏيڪش واري سرشتي ۾ ............ ڪاروباري اڳوان هوندو آهي.

(الف) پرڌان منتري (ب) لوڪ سڀا اڏيڪش

(ٻ) راشٽرپتي (ڀ) راڄيپال

**۲. هيٺيئن خاڪي ۾ ڄاڻ لکو**

| نمبر | منڊل جو نالو | ڪم |
|---|---|---|
| ۱. | قاعدي ساز منڊل | |
| ۲. | ڪاروباري منڊل | |
| ۳. | عدالتي کاتو | |

**۳. هيٺيان بيان سبب ڏيئي سمجهايو**

(۱) ڀارت سنسد وارو سرڪاري سرشتو اختيار ڪيو.

(۲) سنسد واري ڪاروباري سرشتي ۾ ڳالهہ ٻولهہ ۽ چرچا کي اهميت آهي.

**۴. هيٺين سوالن جا جواب ۲۵ کان ۳۰ لفظن ۾ لکو**

(۱) جوابداريءَ واري سرڪاري سرشتي جو مطلب سمجهايو.

(۲) اڏيڪش (راشٽرپتي) واري سرڪاري سرشتي جون خاصيتون سمجهايو.

**۵. وروڌي ڌر جي ڀومڪا اهميت واري ڇو هوندي آهي پنهنجا ويچار لکو.**

**مشغولي**

راشٽريہ چئنل دوُردرشن تي لوڪ سڀا ۽ راڄيہ سڀا جي ڪم ڪار جو سڌو ڪاريہ ڪرم ڏسي ڄاڻ لهو.

BBAV6U

# ٢. پارت جي سنسد



سنسد ڀون، نئين دهلي

سنسد جي ٻن سڀاگهرن کي لوڪ سڀا ۽ راڄيہ سڀا چئجي ٿو.

**لوڪ سڀا :** پارتي سنسد جو هيٺيون ۽ پهريون سڀاگهر لوڪسڀا آهي. لوڪ سڀا، جنتا جو سڌو چونڊيل سڀاگهر آهي. ان ڪري لوڪ سڀا کي پهريون سڀاگهر بہ چوندا آهن.

سنسد واري سرڪاري سرشتي ۾ سنسد اهم هوندي آهي اهو اسان سمجهيوسين هن باب ۾ اسين پارت جي سنسد جوڙجڪ موجب نهي آهي. راشٽريہ سطح تي يعني مرڪزي سرڪاري سرستي جي قاعدي ساز منڊل کي 'سنسد' چئجي ٿو. ان ۾ راشٽرپتي، لوڪ سڀا ۽ راڄيہ سڀا شامل آهن. راشٽرپتي پارت جي سنسد جو اَٽُٽ جُزو آهي. پر هو سنسد جي سڀا گهر ۾ حاضر رهي ڳالهہ ٻولهہ ۾ ڀرو وٺي نہ سگهندو آهي.



گولهيو ڏسان

گهڻڪ راڄين کي آدمشماري ۽ موجب لوڪ سڀا جون جڳهيون ملنديون آهن. چونڊن ۾ هرهڪ راڄيہ کي جاگرافيڪل تڪن ۾ ورهايو ويندو آهي. تڪن ۾ آدمشماري اٽڪل ساڳي هوندي آهي. هرهڪ راڄيہ ۾ لوڪ سڀا جون ڪيتريون سيٽون آهن اهو انٽرنيٽ وسيلي ڳولهيو

مهاراشٽر : ٤٨ جڳهيون

گجرات :

مڌيہ پرديش :

اتر پرديش :

گوئا :

لوڪ سڀا جي چونڊن لاءِ جاگرافيڪل تڪوُن ٺاهيل آهن. لوڪ سڀا جو مُدو پنج سال آهي. لوڪ سڀا جون چونڊون هر پنجين سال ٿينديون آهن. انهن کي عام چونڊون چئجي ٿو. ڪي اهڙا مثال بہ آهن. جنهن لوڪ سڀا کي پنجن سالن کان اڳ ئي برخواست ڪيو ويو آهي ان وقت ورتل چونڊن کي وچ مُدي جون چونڊون چئجي ٿو.

لوڪ سڀا ديش جي ماڻهن جو عيوضيپو ڪندڙ سڀاگهر آهي. لوڪ سڀا جي ميمبرن جو جوڙجڪ موجب تعداد وڌ ۾ وڌ ٥٥٢ آهي. ديش جي سڀني سماجڪ جُزن کي عيوضيپڻو ملي ان لاءِ انوُسوچت جاتين ۽ انوُسوچت جماعتن لاءِ جڳهين محفوظ ڪيل آهن. ان کان سواءِ اينگلو انڊين سماج جو گهٽ عيوضيپڻو هئڻ تي راشٽرپتي سماج جي ٻن عيوضين کي لوڪ سڀا تي ٺاڦي سگهندو آهي.

**راڄيہ سڀا :** پارتي سنسد جو مٿيون ۽ ٻيون سڀاگهر آهي راڄيہ سڀا، پارت جي سنسد ۾ راڄيہ سڀا اڻسڌي نموني چونڊجي ايندڙ سڀاگهر آهي. راڄيہ سڀا پارتي سنگهہ راڄيہ جي ٢٨ گهٽڪ راڄين ۽ ٩ مرڪزي سرڪار هيٺ ايراضين جو عيوضپڻو ڪري ٿو.

## ڪري ڏسو !



ميري : مان ڏهون درجو پاس ڪرڻ بعد لوڪ سڀا جي چونڊن ۾ بيهي سگهان ٿي ڇا؟
راڌڪا : نه! تون ۱۸ سالن جي عمر کان پوءِ ووٽنگ ڪري سگهين ٿي پر چونڊن ۾ بيهي نٿي سگهين!
رٿوير : اري، توهان کي ڄاڻ آهي نه ته لوڪ سڀا جي چونڊڻ ۾ بيهڻ لاءِ عمر ۲۵ سال پوري هئڻ گهرجي.
شبانا : اسانجي پاڙيسري ملڪ جي ماڻهوءَ لوڪ سڀا چونڊن ۾ بيهڻ لاءِ سوچيو ته!
مُسڪان : اهو ممڪن نه آهي. اهو ڀارت جو ناگرڪ آهي ڇا؟
پرٿو : سمجهو مونکي ڪيرل مان چونڊن ۾ بيهڻو هجي ته اهو ممڪن آهي؟
راڌڪا : ها! ڇو ته اسانجي ماستر صاحب ٻڌايو هو ته لوڪ سڀا لاءِ ڪنهن به راڄيه جي تڪ مان چونڊن ۾ بيهي سگهجي ٿو.
مونا : عمر، ناگرڪپڻو بابت شرطون سمجهيون. پوءِ چونڊن ۾ بيهڻ لاءِ ڪنهن کي غير لائق چئجي؟
ميري : لياقت وانگر اڻ لائق هئڻ جون به ڪي شرطون هونديون اچو ته ماستر صاحب وٽان سمجهون.

يعني راڄيه سڀا ۾ گهٽڪ راڄين جو ڪل تعداد ۲۵۰ آهي. انهن مان ۲۳۸ ميمبر الڳ الڳ راڄين ۽ مرڪزي سرڪار هيٺ ايراضين مان چونڊجي ايندا آهن. راڄيه سڀا ۾ هرهڪ گهٽڪ راڄيه جي ميمبرن جو تعداد هڪجيترو نه آهي ڪين آدمشماريءَ نسبت عيوضيپڻو هوندو آهي. بچيل ۱۲ ميمبرن کي راشٽرپتي ٺاقيندو آهي ساهت، وگيان، ڪلا، راندين ۽ سماجڪ ڪمن جي کيترن ۾ آزمودو يا انهن جي خاص ڄاڻ هوندڙ شخصن مان ڪن کي راڄيه سڀا تي ٺاقيو ويندو آهي. راڄيه سڀا جي ميمبرن جي چونڊ 'پئمانيوار عيوضيپڻو' طريقي ٿيندي آهي.

راڄيه سڀا ڪڏهن به گڏيل نموني برخواست نه ٿيندي آهي، انڪري انکي دائمي سڀاگهر چيو ويندو آهي هر ٻن سالن کان پوءِ راڄيه سڀا ۾ ڇهه سال مُدو پورو ڪيل هڪ ڀاڱي ٽي حصو ميمبر رٽاير ڪندا آهن ۽ اُنهن عيوض نون ميمبرن جي چونڊ ڪبي آهي. وقت به وقت مقرر تعداد ۾ ميمبرن جي رٽاير ٿيڻ سبب راڄيه سڀا هميشه قائم هوندي آهي. راڄيه سڀا جي چونڊن ۾ بيهندڙ شخص ڀارتي ناگرڪ هجي ۽ سندس عمر ۳۰ سال پوري هئڻ گهرجي.

لوڪ سڀا ۽ راڄيه سڀا جي ميمبرن کي خاصدار چوندا آهن. خاصدار پنهنجي تڪ جا مسئلا لوڪ سڀا ۾ پيش ڪري ڪين حل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. تڪ جي واڌاري لاءِ سرڪار ڪين واڌاري لاءِ ناڻو ڏيندي آهي.

**سنسد جا ڪم :** ڀارتي سنسد جي ٻن سڀاگهرن لوڪ سڀا ۽ راڄيه سڀا جا اچو ته ڪم ڄاڻي وٺون.

**قاعدا ٺاهڻ :** ماڻهن جو فائدو ۽ ڪلياڻ ٿئي ۽ جوڙجڪ جي مقصدن کي عمل ۾ ۾ آڻڻ لاءِ سنسد کي ڪيترائي نوان قاعدا ٺاهڻا پوندا آهن ان سان گڏ غير واسطيدار قاعدا رد ڪرڻا پوندا آهن، ڪن قاعدن ۾ مناسب تبديليون ڪرڻيون پونديون آهن. قاعدا ٺاهڻ جي ترتيب جوڙجڪ ۾ تبديل آهي ان موجب سنسد پنهنجي مکيه جوابداري نڀائي ٿي.

**منتري منڊل تي ضابطو :** پرڌان منتري ۽ سندس منتري منڊل سنسد مان نهندو آهي ۽ ان تي سنسد جو ضابطو هوندو آهي سنسد کي ظابطي جا الڳ الڳ طريقا آهن سنسد جي اها جوابداري آهي ته ڌيان رکي ته منتري منڊل سنسد کي نناڻي ڪم نه ڪري.

### ٻڌايو ڏسان



غير واسطيدار قاعدن کي رد ڪرڻ جا ڪي مثال توهان ٻڌائي سگهندا ڇا؟ مثال رياست کي پگهارون

**جوڙجڪ ۾ درستي :** پارٽي جوڙجڪ ۾ ڪا تبديل ڪرڻ جو فيصلو سنسد ڪندي آهي. جوڙجڪ ۾ درستي ڪرڻ جو ٺهراءُ اهم هوندو آهي. انجي ضرورت تي سنسد بحث ڪري طيءِ ڪندي آهي ته اهو قبول ڪجي يا نه. پارٽي جوڙجڪ ۾ درستيءَ جا هينيان طريقا آهن. (١) پارٽي جوڙجڪ جون ڪجهه تجويزون (انتظام) سادي گهڻائيءَ سان بدلي سگهجن ٿيون. (٢) پر ڪن تجويزن لاءِ خاص گهڻائي ٻه ٽياڱي تي جي گهربل هوندي آهي. (٣) ڪي تجويزون سنسد جي خاص گهڻائيءَ سان گڏ اڌ کان وڌيڪ راڄين جي مڃتا سان بدلي سگهجن ٿيون.

**لوڪ سڀا جو اڌيڪش :** لوڪ سڀا جي چونڊن ڪانپوءِ پهرين بئٺڪ ۾ لوڪ سڀا جا ميمبر پاڻ مان هڪ کي 'اڌيڪش' طور چونڊيندا آهن ۽ هڪ کي اُپ اڌيڪش چونڊيندا آهن. لوڪ سڀا جو ڪم ڪار لوڪ سڀا اڌيڪش جي رهبريءَ ۽ ضابطي هيٺ هلندو آهي.

**هي سمجهي وٺو :**

لوڪ سڀا ۽ راڄيه سڀا کي ڪي اڌڪار ساڳيا آهن پر ڪي اڌڪار فقط لوڪ سڀا کي حاصل آهن راڄيه سڀا کي نه مثال ڍلن بابت ٺهراءُ (بل) سئن جا آهن پئسن جا ٺهراوَ 'مالي' آهن ۽ اهي فقط لوڪ سڀا ۾ رکيا ويندا آهن ۽ اُتي ئي منظور ٿيندا آهن. راڄيه سڀا کي ان نسبت محدود اڌڪار آهن.

ڪي اڌڪار راڄيه سڀا کي آهن پر لوڪ سڀا کي نه مثال راڄيه سوُچيءَ جي ڪنهن وشيه تي ديش جي فائدي جي نظريي کان سنسد ۾ قاعدو ڪرڻ جي ضرورت پوي ته اهو ٺهراءُ راڄيه سڀا ۾ منظور ڪري سگهبو آهي.

لوڪ سڀا پارٽي جنتا جو عيوضپڻو ڏيکاري ٿي ۽ اڌيڪش لوڪ سڀا جو عيوضي ٿي ڪم ڪري ٿو اڌيڪش چونڊجڻ ڪانپوءِ اڌيڪش کي سڄي سڀاگهر جو ڪم ڪار بنا طرفداريءَ جي هلائڻو پوندو آهي.

لوڪ سڀا جي ميمبرن کي ماڻهن جي عيوضين جي روُپ ۾ ڪي حقن ۽ خاص اڌڪار آهن اڌيڪش انهن حقن کي مان ڏيندو آهي اڌيڪش کي لوڪ سڀا جو ڪم ڪار صحيح نموني هلائڻ، سڀاگهر جي عزت بڻائي رکڻ، نيمن موجب ڪم ڪار هلائڻ وغيره ڪم ڪرڻ پوندا آهن.

**راڄيه سڀا جو سڀاپتي :** راڄيه سڀا جو سڄو ڪم ڪار سڀاپتيءَ جي ضابطي هيٺ هلندو آهي. ڀارت جو اُپ راشٽرپتي راڄيه سڀا جو عهدي پٽاندڙ سڀاپتي هوندو آهي.

راڄيه سڀا جي سڀاپتيءَ کي به سڀاگهر ۾ انتظام رکڻ، چرچا ڪرائڻ، ميمبرن کي ڳالهائڻ جو موقعو ڏيڻ وغيره ڪم ڪرڻا پوندا آهن.

## سنسد قاعدا ڪيئن ٺاهيندي آهي؟

اسانجي ديش ۾ قاعدا ٺاهڻ جو اڌڪار سنسد کي آهي قاعدا ٺاهڻ لاءِ خاص ترتيب آهي. ائين 'قاعدا ٺاهڻ جي ترتيب' چئجي ٿو.

پهريائين قاعدي جو ڪچو مسوُدو ٺاهيو ويندو آهي ان ڪچي مسوُدي يا خاڪي کي ٺهراءُ يا بل چئجي ٿو.

سنسد جي سڀاگهر ۾ پيش ٿيندڙ بل مکيه طور ٻن قسمن جا هوندا آهن.

(١) مالي بل (٢) عام بل

بل مان قاعدو ٺهڻ لاءِ اُنکي هينين ترتيب مان گذرڻو پوندو آهي.

**پهريون پڙهائي :** واسطيدار کاتي جو منتري يا سنسد جو ميمبر بل پيش ڪندو آهي ۽ اُنجو روُپ توري ۾ ٻڌائيندو آهي. انکي پهريون پڙهڻ چئبو آهي.

**ٻين پڙهائي :** ٻين پڙهائيءَ ۾ به ڏاڪا هوندا آهن. پهرئين ڏاڪي ۾ بل جي پنيرائي ڪندڙ انجي حامي پريندا آهن ۽ خلافت ڪندڙ انجي گهٽايون ٻڌائيندا آهن. سياڳرهه ۾ چرچا ٿيڻ ڪانپوءِ ضرورت پوڻ تي بل هڪ سمتيءَ کي موڪليو ويندو آهي. بل ٻي نقص ٿئي ان لاءِ سمتي سياڳرهه کي هدايتون ۽ درستيون ٻڌائيندڙ احوال ڏيندي آهي.

ان ڪان پوءِ ٻيون دفعو پڙهڻ شروع ٿيندو آهي. ان ۾ بل تي قلم وار بحث ٿيندو آهي. ميمبر درستيون لاءِ راءِ ڏيئي سگهن ٿا. ان ڪانپوءِ بل تي سياڳهر ۾ ووٽنگ ٿيندي آهي.

**ٽين پڙهائي :** ٽين پڙهائيءَ ۾ بل تي وري ٿوري ۾ ڳالهه ٻولهه ٿيندي آهي بل منظور ڪرڻ لاءِ ووٽنگ ٿيندي آهي. گهربل گهٽائي ملڻ تي سياڳهر بل منظور ڪيو ائين چئبو آهي.

- سنڌ جي ٻئي سياڳهر ۾ بل مٿين ترتيب مان گذرندو آهي. ٻنهي سياڳهرن ۾ منظوري ملڻ ڪانپوءِ اهو راشٽرپتيءَ جي منظوريءَ لاءِ ويندو آهي.
- بل تي لوڪ سيا ۽ راجيه سيا ۾ متڀيد ٿيڻ تي ٻنهي سياڳهرن جي گڏيل اجلاس ۾ بل تي فيصلو ٿيندو آهي.
- راشٽرپتيءَ جي منظوريءَ ڪانپوءِ بل کي قاعدي جو روُپ ملندو آهي.

**هي به ڄاڻي وٺو**

- هر سام ضروري مهني ۾ مالي منتري ديش جو بجيٽ لوڪ سيا ۾ پيش ڪندو آهي.
- راجيه جي وڏي منڊم ۾ به قاعدو ناهڻ وقت سنڌ واري ترتيب اختيار ڪئي ويندي آهي راجيه وڏي منڊل ۾ پاس ٿيڻ ڪانپوءِ راجيه پال جي منظوري ملڻ ڪانپوءِ بل قاعدي ۾ بدلجندو آهي.

## اڀياس

**١. ڏنل جوابن مان مناسب جواب چونڊي بيان پورا ڪريو**

(١) لوڪ سيا تي ............ طريقي عيوضي چونڊيا ويندا آهن.

(الف) ڄاگرافيڪل تڪ (ب) ڌرمي تڪ

(ٻ) مڪاني حڪومت تڪ

(پ) پئمانيوار عيوضيپڻو

(٢) ڀارت جو ............ عهدي پٽاندڙ راجيه سيا جو سياپتي هوندو آهي.

(الف) راشٽرپتي (ب) اپ راشٽرپتي

(ٻ) پرڌان منتري (پ) مکيه جج

**٢. ڳولهيو ۽ لکو**

(١) لوڪ سيا ۽ راجيه سيا جي ميمبرن کي چوندا آهن ............

(٢) قاعدا ناهڻ جي جوابداري هنجي آهي ............ .

**٣. هيٺيان بيان سبب ڏيئي سمجهايو**

(١) راجيه سيا دائمي سياڳهر آهي

(٢) لوڪ سيا کي پهريون سياڳهر چوندا آهن.

**٤. هيٺين سوالن جا جواب ٢٥ کان ٣٠ لفظن ۾ لکو.**

(١) لوڪ سيا جا ميمبر ڪيئن چونڊيا ويندا آهن؟

(٢) لوڪ سيا جي اڏيڪش جا ڪم ٻڌايو.

**٥. قاعدا نهڻ جي ترتيب جا ڏاڪا سمجهايو.**

**مشغولي :**

راجيه سيا ۾ راشٽرپتي ١٢ ميمبر ٺاڦيندو آهي. اهي ميمبر چونڊڻ لاءِ ڪهڙيون ڪسوٽيون - لياقتون هونديون آهن انجي ڄاڻ حاصل ڪريو.

BBJR8H

# ٣. مرڪزي ڪاروباري منڊل

اڳئين باب ۾ اسين مرڪزي قاعدي ساز منڊل يعني سنسد جي بناوت ۽ ڪم ڪار جو طريقو سمجهوسين. هن باب ۾ اسين مرڪزي ڪاروباري منڊل جو اڀياس ڪنداسين.

**سنگهہ سرڪار جي بناوت:** سنگهہ سرڪار يعني مرڪزي سرڪار سنگهہ سرڪار جا ٽي ڀاڱا آهن.




قاعدي ساز منڊل، ڪاروباري منڊل ۽ عدالتي منڊل اهي سرڪار جون ٽي شاخائون يا ڀاڱا آهن جنتا جي ڀلائي ۽ ڪلياڻ لاءِ اهي ڪم ڪندا آهن.

سنسد سرڪاري سرشتي ۾ ڪاروباري منڊل قاعدي ساز منڊل جو حصو هوندو آهي ۽ اهو قاعدي ساز منڊل ڏانهن جوابدار هوندو آهي. ان

**رما:** راشٽرپتي ناليرو اڳوان ۽ پرڌان منتري ڪاروباري اڳوان آهي. انهن پدن جي شخص ۾ ڪهڙو لاڳاپو آهي؟

**وديا:** مونکي لڳندو آهي تہ پرڌان منتري راشٽرپتيءَ کي سانده گڏجندو آهي ۽ راڄ ڪاروبار جي ڄاڻ راشٽرپتيءَ کي ڏيندو آهي.

ها برابر آهي! پرڌان منتري راشٽرپتيءَ کي ديش جي ڪاروبار نون قاعدن، نيتين جي ڄاڻ ڏيندو آهي. اها ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو راشٽرپتيءَ کي اڌڪار آهي.

ڪاروباري منڊل ۾ ڪير شامل آهي، سنوڌان ۾ ان بابت ڪهڙا انتظام آهن، ڪاروباري منڊل ماڻهن جي فائدي لاءِ نيتيون ڪيئن ٺاهيندو آهي وغيره ڳالهيون وسيلي اسانڪاروباري منڊل بابت سمجهنداسين.

ڀارت جي ڪاروباري منڊل ۾ راشٽرپتي پرڌان منتري ۽ منتري منڊم شامل آهي.

**راشٽرپتي:** جوڙجڪ ۾ انتظامن موجب راشٽرپتي اعلي راشٽر اڳوان آهي. راشٽرپتيءَ جو پد بيحد عزت ۽ مان وارو آهي. اهو ڀارتي پرجاوار جا عيوضي آهن. جوڙجڪ ديش جي سڄي ڪاروباري ستا راشٽرپتيءَ کي ڏني آهي. ديش جو ڪاروبار راشٽرپتيءَ جي نالي سان هلندو آهي. اهو هوندي بہ روبرو وهنوار پرڌان منتري ۽ منتري منڊل راڄ ڪاروبار هلائيندو آهي انڪري راشٽرپتي ناليوارو جوڙجڪي اڳوان آهي ۽ پرڌان منتري ڪاروباري اڳوان آهي.

**راشٽرپتيءَ جي چونڊ:** راشٽرپتيءَ کي ڀارتي جنتا اڻسڌي نموني چونڊيندي آهي ڀارتي عام ووٽر راشٽ:پتيءَ کي سڌي نموني نہ چونڊيندو آهي، سنڌن چونڊيل سنسد جي ميمبرن ۽ وڌان سڀا ميمبرن ذريعي راشٽرپتي چونڊيو ويندو آهي. سنسد جي ميمبرن ۽ وڌان سڀا ميمبرن جي ان گروه کي چونڊيندڙ منڊل چئبو آهي.

راشٽرپتيءَ جو مُدو پنجن سالن جو هوندو آهي. راشٽرپتي پد جي چونڊن ۾ بيهندڙ شخص ڀارتي ناگرڪ هُجي سندس عمر ٣٥ سال پوري هئڻ گهرجي راشٽرپتيءَ پد تي چونڊيل شخص کي عمدو سنڀالڻ وقت قسم کڻڻو پوندو اهي. ان موجب جوڙجڪ جي

حفاظت ۾ جوڙجڪ مطابق ڪاروبار ٿئي ٿو يا نه اهو ڏسڻ جي جوابداري راشٽرپتيءَ جي آهي. پرڌان منتري ۽ منتري منڊل جي صلاح سان راشٽرپتي راڄ ڪاروبار هلائيندو آهي.

جوڙجڪ جي حفاظت جي جوابداري راشٽرپتيءَ کي سنڌس پد تان دُور ڪري سگهندي آهي. ان ڪريا کي 'مهاآپيوگ' چئجي ٿو. جيڪڏهن راشٽرپتيءَ کان جوڙجڪ جي ڀڃڪڙي ٿئي ته اهڙو ڏوهه هڪ سياڳهر هٽندو آهي ۽ انجي چنڊڇاڻ ٻيو سياڳهر ڪندو آهي. نهراءُ ٻنهي سياڳهرن جي ٻه ڀاڱي ٽي گهٽائيءَ سان پاس ٿيڻ تي راشٽرپتي پد تان هٽي ٿو.

**راشٽرپتيءَ جا اڌڪار ۽ ڪم :** جوڙجڪ راشٽرپتيءَ کي ڪيترائي اڌڪار (حق) ڏنا آهن. انهن مان ڪي هيٺ ڏنل آهن.

(۱) سمسد جو اجلاس ڪوٺائڻ، مڪمل ڪرڻ، سنسد کي نياپو ڏيڻ، لوڪ سڀا مُدي کان اڳ يا مُدي کانپوءِ برخواست ڪرڻ ۾ جهڙا اڌڪار راشٽرپتيءَ کي هوندا آهن.

(۲) لوڪ سڀا ۽ راڄيه سڀا جي پاس ڪيل بل تي راشٽرپتيءَ جي صحي ضروري آهي، ان کان سواءِ بل کي قاعدي جو روپ نه ملندو آهي.

(۳) راشٽرپتي پرڌان منتريءَ کي مقرر ڪندو آهي ۽ هنجي ٻڌايل شخصن کي منتري پد تي مقرر ڪندا آهن.

(۴) سپريم ۽ هاءِ ڪورٽ جي ججن کي راشٽرپتي مقرر ڪندو آهي. ان کان سواءِ راڄين جي راڄيپالن، مکيه چونڊ ڪمشنر ۽ ٻين اهم عهديدارن کي پڻ راشٽرپتي مقرر ڪندو آهي.

(۵) راشٽرپتي ٻچاءَ جتن جو مکيه ڪمانڊر هوندو آهي. لڙائيءَ ۽ شانتيءَ جا فيصلا راشٽرپتي ڪندو آهي.

(٦) راشٽرپتيءَ کي ڪي عدالتي حق به آهن مثال، ڪنهن شخص جي سزا گهٽ ڪرڻ ۽ ڪن خاص حالتن ۾ انسانيت جي نظريي کان سزا گهٽ ڪرڻ يا رد ڪرڻ جو حق راشٽرپتيءَ کي آهي.

(۷) ديش ۾ ڏکين حالتن وقت راشٽرپتيءَ کي نازڪ حالتون ظاهر ڪرڻ جو اڌڪار آهي. جوڙجڪ ۾ ٽن قسمن جي نازڪ حالتن جو ذڪر آهي. (۱) قومي نازڪ حالتون (۲) گهٽڪ راڄيه ۾ نازڪ حالتون يا راشٽرپتي سرڪار (۳) مالي نازڪ حالتون

راشٽرپتيءَ جي غير حاضريءَ ۾ سنڌس ڪمراُپ راشٽرپتي هلائي ٿو. اُپ راشٽرپتيءَ جي چونڊ



**ڪري ڏسو.**

راشٽرپتي جيڪو قسم کڻندو آهي. اُنجو بيان حاصل ڪيو. ماستر جي مدد سان اُن جو مطلب سمجهي وٺو.

سنسد جي ٻنهي سياڳهرن جي ميمبرن وسيلي ٿيندي آهي.

**پرڌان منتري ۽ منتري منڊل :** راشٽرپتي جوڙجڪي اڳوان هوندو آهي. هن وٽ ستا نالي لاءِ هوندي آهي. حقيقت ۾ ڪاروبار پرڌان منتري ۽ سنڌس منتري منڊل هلائي ٿو. اها توهانکي ڄاڻ آهي. پرڌان منتري ڪهڙا ڪم ۽ جوابداريون سنڀالي ٿو اچو ته ڏسون چونڊن ۾ گهٽائي حاصل ڪيل ڌر پنهنجي اڳوان کي پرڌان منتري پد لاءِ چونڊيندو آهي ان ڌر جي وشواسو ساٿين کي پرڌان منتري منڊل ۾ شامل ڪندو آهي. پرڌان منتري ۾ ٻيا منتري سنسد جا ميمبر هئڻ ضروري آهن. ائين نه هجي ته ڪين ڇهن مهنن جي اندر ميمبر بڻجڻو پوندو آهي.

سچ پچ پرڌان منتري ۽ سندس منتري منڊل راڄ ڪاروبار هلائيندو آهي. اصلي طاقت سندن هٿ ۾ هوندي آهي.

### پرڌان منتريءَ جا ڪم :

(۱) پرڌان منتريءَ پهريائين پنهنجو منتري منڊل ٺاهيندو آهي. پرڌان منتري پنهنجي ڌُر جي وشواسو ساٿين کي اڳرائي ڏيندو آهي. ان سان گڏ انتظامي آزمودو راڄ ڪاروبار جو هنر، لياقت، ماهرن جو به منتري پد لاءِ ويچار ڪندو آهي.

(۲) منتري پد لاءِ چونڊ ڪرڻ ڪانپوءِ پرڌان منتري منترين کي کاتا ورهائيندو آهي.

(۳) پرڌان منتري منتري منڊل جي اڳواڻي ڪندو آهي منتري منڊل جون سڀ بيٺڪون سندس صدارت هيٺ ٿينديون آهن.

(۴) کاتا ورهائڻ ڪانپوءِ انهن ۾ ميلاپ رکڻ، سهڪار وڌائڻ، سندن ڪم ڪار صحيح نموني هلي ٿو يا نه اهو ڏسڻ وغيره ڪم پرڌان منتريءَ کي ڏسڻا پوندا آهن.

(۵) انترراشٽريه سطح تي ديش جو نالو ڪرڻ لاءِ دنيا جي ديشن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندڙ بڻائڻ، ديشن جي جنتا کي وشواس ۾ رکڻ، ڏکين حالتن ۾ ماڻهن جي مدد ڪرڻ وغيره ڪم پرڌان منتريءَ کي ڪرڻا پوندا آهن.

### منتري منڊل جا ڪم :

(۱) سنسد واري سرڪاري سرشتي ۾ منتري منڊل قاعدا ٺاهڻ لاءِ اڳرائي ڪندو آهي. سنسد جي سياڳهر ۾ رکندو آهي. منتري منڊل سڀني اهم سولائيءَ تي چرچا ڪري فيصلو وٺندو آهي.

(۲) تعليم کيتي، اديوگ، صحت، پرڏيهي وهنوار وغيره شين بابت منتري منڊل کي هڪ مقرر نيتي ٺاهڻي پوندي آهي. ان نيتيءَ تي سنسد کي وشواس ڏيارڻو پوندو آهي. منتري منڊل جا منتري پنهنجي کاتي جي نيتي سنسد ۾ پيش ڪري ۽ چرچا ڪانپوءِ منظور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

(۳) منتري منڊل جي مکيه جوابداري آهي نيتين کي عمل ۾ آڻڻ سنسد جي نيتين ۽ قاعدن کي منظوري ڏيڻ ڪانپوءِ منتري منڊل اُنکي عمل ۾ آڻيندو آهي.

### سنسد منتري منڊل تي ضابطو ڪيئن رکندو آهي؟

سنسد واري سرشتي ۾ سنسد منتري منڊل تي ضابطو رِکندو آهي. قاعدا يا نيتيون ٺاهڻ، عمل ۾ آڻڻ ۽ ان ڪانپوءِ به سنسد منتري منڊل تي ضابطو رکندي آهي. ان جا هيٺيان طريقا آهن

(۱) چرچا ۽ ڳالهه ٻولهه : قاعدو ٺهڻ وقت سنسد جا ميمبر چرچا ۽ ڳالهه ٻولهه ڪري منتري منڊل اڳيان قاعدي جون اوڻايون رکندا آهن. قاعدو بي نقصن ٺيڻ لاءِ اها چرچا ضروري آهي.

(۲) سوال جواب : سنسد جو اجلاس هلڻ وقت ڪم ڪار جي شروعات سنسد جي ميمبرن جي پڇيل سوالن سان ٿيندي آهي انهن سوالن جا مناسب جواب منترين کي ڏيڻا پوندا آهن. سوال جواب منتري منڊل ظابطو رکڻ جو هڪ اثردار طريقو آهي. ان ۾ سرڪار تي ٽيڪاٽپڻي ڪرڻ، الڳ الڳ مسئلن تي سوال پڇڻ وغيره ٿيندو آهي.



**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

توهان 'جمبو منتري منڊل' لفظ ٻڌو آهي؟

انجو مطلب آهي ڏاڍو وڏو منتري منڊل اسانجي ديش ۾ منتري منڊل وڏا هوندا هئا. منتري منڊل محدود هجن ان لاءِ جوڙجڪي درستي ڪئي ويئي ان موجب مقرر ڪيو ويو ته منترين جو تعداد لوڪ سڀا جي ڪل ميمبرن جي ۱۵ سيڪڙو کان وڌيڪ نه هجي.

منترين کان مناسب جواب نہ ملڻ تي پڇڻ ٿيندي اهي. پنهنجي خلافت ڏيکارڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ميمبر سڀاگهر کان ٻاهر هلي ويندا آهن يا وچ تي اچي جمع ٿيندا آهن.

(۳) ٻڙي ڪلاڪ : اجلاس درميان منجهند ان وقت عام جي ڪنهن بہ اهم مسئلي تي چرچا ڪرائي سگهبي آهي.

(۴) غير وشواس جو ٺهراءُ : منتري منڊل تي ضابطو رکڻ جو هيءُ هڪ بيحد اثردار طريقو آهي. لوڪ سڀا ۾ جيستائين گهٽائي هوندي آهي تيستائين سرڪار ڪم ڪري سگهي ٿي. ميمبرن پاران گهٽائي کيڻ ڪانپوءِ سرڪار يا منتري منڊل ستا ۾ رهي نٿو سگهي. 'اسانجو منتري منڊل ۾ وشواس نہ آهي' اهو چئي سنسد ميمبر غير وشواس جو ٺهراءُ پيش ڪري سگهن ٿا. اهو گهٽائيءَ سان پاس ٿيڻ تي منتري منڊل کي استيعفا ڏيڻي پوندي آهي.

**ٻڌايو ڏسان**

سنسد جا ميمبر چرچا ۾ سُٺي نموني ڀهرو وٺي سگهن اِن لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

ڪاروباري منڊل هٺ هيٺ وڏي نوڪر شاهي هوندي آهي. نوڪرشاهيءَ جي بناوت جو اڀياس اسين ڇهين باب ۾ ڪنداسين.

## اڀياس

۱. مُناسب جواب چونڊي بيان پورا ڪري لکو.

(۱) ڀارت ۾ ڪاروباري ستا ............ وٽ هوندي آهي.

(راشٽرپتي، پرڌان منتري، سڀاپتي)

(۲) راشٽرپتيءَ جو مُدو ............. سال هوندو آهي.

(ٽي، چار، پنج)

(۳) منتري منڊل جو اڳوان .......... هوندو آهي.

(ڌر جو اڌيڪش، پرڌان منتري، راشٽرپتي

۲. سُڃاڻو ۽ لکو

(۱) راشٽرپتي پرڌان منتري، منتري منڊل ڀارت جي هن منڊل ۾ شامل آهن.

(۲) اجلاس درميان منجهند جو ۱۲ ٻجي جو وقت هن نالي سان سُڃاڻو وڃندو آهي.

۳. هيٺيان مُدا پنهنجن لفظن ۾ سمجهايو.

(۱) مها اُپيوگہ ترتيب (۲) غير وشواس ٺهراءُ

(۳) جمبو منتري منڊل

۴. ٿوري ۾ جواب ڏيو.

(۱) منتري منڊل جا ڪم ٻڌايو.

(۲) سنسد منتري منڊل تي ضابطو ڪيئن رکندي آهي؟

۵. هيٺيون چٽر پورو ڪريو




**مشغولي :**

(۱) جيڪڏهن توهان پرڌان منتري ٿيا تہ ڪهڙي ڪمن کي 'اڳواڻي' ڏيندا انجي يادداشت ٺاهي ڪلاس جي پيش ڪريو.

(۲) ڀارت جي راشٽرپتين جا فوٽو ۽ ڄاڻ گڏ ڪريو.

BBTHA5

# ۴. ڀارت جو عدالتي سرشتو

قاعدي ساز منڊل ۾ ڪاروباري منڊل سان گڏوگڏ عدالتي منڊل به سرڪاري سنسٿا جو اهم جزو آهي. قلعي ساز منڊل قاعدا ٺاهيندو آهي. ڪاروباري منڊل اُچ ڪي عمل ۾ آڻيندو آهي ۽ عدالتي منڊل نياءُ ڪندو آهي. هن باب ۾ اسان سمجهنداسين ته عدالتي منڊل نياءُ ڪيئن ڪندو آهي، ان سان سماج مان انياءُ دوُر ٿي سماجڪ صحت ڪيئن ٺهندي آهي. ان ڪان اڳ اسان ڏسندي ته نياءُ ڪرڻ جي ضرورت ڇو آهي.

- شخص ۾ ويچار، راين، نظرين، سمجهه، شرڌا، سيئتائن نسبت ڪلجڳي هوندي آهي. سهڪار سان انهن ڳالهين تي سنگهرش پيدا نه ٿيندو آهي پر راين ۾ فرق گهٽو ٿي ويو ته سنگهرش پئدا ٿئي ٿو ۽ ان جو نپٽارو بنا پيدياوِ جي ڪرڻ لاءِ قاعدي جي ضرورت هوندي آهي. ان لاءِ عدالتي منڊل جهڙي سچي سرشتي جي گهر ۾ هوندي آهي.

- شخص ۽ سرڪار ۾ به پنهنجي فاعدي جي بچاءُ طور سنگهرش پئدا ٿي سگهندو آهي. سرڪار جو ڪو فيصلو يا قاعدي ماڻهن کي انياءُ ڪندڙ محسوس ٿي سگهي ٿو ۽ ان خلاف عدالت ۾ نياءُ گهري سگهجي ٿو.

- جوڙجڪ ۾ ٻڌايل سماجڪ نياءُ ۽ برابريءَ جي مقصدن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ سرڪار ته ڪوشش ڪندي ٿي آهي پر عدالتي مليل به مُقدمن جي فيصلن ذريعي يا پاڻ فيصلو وٺي سرڪار جي پنيرائي ڪري سگهجي ٿي. سماج جي ڪمزور طبقن، عورتن، ٻارن، خاص لياقت هوندڙ ۽ ٽين جنس واري وغيرهه سماج جي جزن کي مکيه ڌارا ۾ آڻڻ ۾ مدد ڪري سگهجي ٿي.

- آزادي، برابري، نياءُ ۽ لوڪشاهيءَ جا فائدا جڏهن عام ماڻهن کي ملندا آهن ته لوڪشاهيءَ جي ويڪر وڌي ٿي لوڪشاهي مضبوط ٿيڻ لاءِ اهو ضروري آهي.

- ان سبب قاعدي جو راڄ قائم رهي ٿو. غريب، شاهوڪار ترقي ڪيل ۽ نه ڪيل، عورتون مرد سڀني کي قاعدو هڪجهڙو لاڳو ٿئي ٿو اهو فيصلن مان ظاهر ٿئي ٿو.

- عدالتي فيصلن ذريعي ناگرڪن جي حقن جو بچاءُ ٿئي ٿو. قاعدن موجب جهيڙن جو نپٽارو ٿئي ٿو ۽ ڪنهن هڪ گروهه کي شخص جي ڏاڍائي يا حڪم شاهي پئدا ٿيڻ تي روڪ اچي ٿي.

**عدالتي منڊل جي بناوت :** ڀارت هڪ سنگهه راجيه آهي. مرڪزي سرڪار ۽ گهٽڪ راجين کي الڳ قاعدي ساز منڊل ۽ ڪاروباري منڊل آهن. پر عدالتي منڊل سڄي ديش لاءِ هڪ آهي. انهِ ۾ مرڪزي سرڪار ۽ گهٽڪ راجيه اهڙي ورهاست نه آهي. يعني ڀارت جو عدالتي سرشتو گڏيل روُپ جو آهي، ان سرشتي ۾ ڀارت جي سُپريم ڪورٽ سڀ کان مٿين سطح تي آهي ۽ ان هيٺيان هاءِ ڪورٽون آهن هاءِ ڪورٽن هيٺيان ضلع عدالتون ۽ پوءِ هيٺيون عدالتون اهڙي بناوت آهي.

**سُپريم ڪورٽ :** ڀارت جو مکيه جج سپريم ڪورٽ جو اڳوان هوندو آهي. ڀارت جي مکيه جج ۽ ٻين ججن جي مقرري راشٽرپتي ڪندو آهي.



ڀارت جي سپريم ڪورٽ، نئي دهلي

سپريم ڪورٽ جي اعليٰ جج کي چيف جسٽس جي عهدي تي مقرر ڪيو آهي اهڙي ريت آهي نياءُ ڏيڻ جو ڪم ڪنهن به دٻاءَ هيٺ نه ٿيڻ گهرجي. جج بي خوف ٿي نياءُ ڪري سگهي ان لاءِ عدالتي منڊل الڳ رکڻ جي ڪوشش هوندو آهي. ان لاءِ اسانکي جوڙجڪ هيٺين تجويزون ڪيون آهن.

- جوڙجڪ ججن جي لياقتون مقرر ڪيون آهن. قاعدي جو بيحد ماهر، هاءِ ڪورٽ جي جج يا وڪيل ان لاءِ لائق مڃيو ويندو آهي.

- ججن جي مقرري راشٽرپتي ڪندو آهي ان لاءِ سياسي دٻاءُ نٿو رهي.

- ججن کي نؤڪريءَ جي خاطري هوندي آهي معمولي سبب ڪري يا سياسي سبب سان ڪين عهدي تان هٽائي نٿو سگهجي. سپريم ڪورٽ جو جج ٦٥ سالن جي عمر ۾ هاءِ ڪورٽ جو جج ٦٢ سالن جي عمر ۾ رٽايو ٿيندو آهي.

- ججن جي پگهار ڀارت جي گڏ ٿيل پنڊار مان ٿيندي آهي، ان تي سنسد ۾ چرچا نه ٿيندي آهي.

- ججن جي ڪمن يا فيصلن تي شخصي ٽيڪاٽپڻي ڪري نٿي سگهجي. عدالت جو فيصلو نه مڃڻ به گناهه آهي. انهن انتظامن سبب غير واجبي ٽيڪا کان ججن جو بچاءُ ٿيندو آهي ۽ عدالتي سرشتي جي آزادي به قائم رهي ٿي.

- سنسد ۾ ججن جي وهنوار بابت چرچا نٿي ڪري سگهجي پر جج کي ان عهدي تان هٽائڻ لاءِ سنسد کي مها اپيوگ ڪريا هلائڻ جو حق آهي.

عدالت جي چستي : عدالت ۾ معاملو وڃڻ تي عدالت فيصلو ڏيندو آهي اهو عدالت بابت روايتي خيال آهي گذريل ڪن ڏهاڪن کان عدالت بابت ان سوچ ۾ بدلاءَ ٿيو آهي ۽ عدالت وڌيڪ چست ٿي آهي يعني عدالت هاڻي جوڙجڪ جي نياءُ، برابريءَ جي مقصدن کي پورو ڪرڻ لاءِ اڳيان اچي رهي آهي. سماج جي ڪمزور طبقن، عورتون، آديواسي، ڪامگار، ڪسانن، ٻارن کي قاعدي جو بچاءُ ڏيڻ جي ڪوشش عدالت ڪري رهي آهي اِن ڏس ۾ عام جي ڀلي وارا مقدما اهم بڻيا آهن.

## سپريم ڪورٽ جا ڪم

* سنگهه راڄيه جي عدالت طور مرڪزي سرڪار گهٽڪ راڄيه سرڪارن، خلاف ٻين گهٽڪ راڄين وچ ۾ معاملا سپرڻ.

* قاعدن جي بنياد حقن جو بچاءُ ڪرڻ ان لاءِ فيصلا ڏيڻ.

* هيٺين عدالتن جي فيصلن تي وري سوچڻ، پنهنجن فيصلن تي به وري ويچار ڪرڻ.

* عام لاءِ اهم سوالن بابت قاعدي جو پاسو سمجهڻ لاءِ راشٽرپتيءَ جي صلاح گهرڻ تي اها ڏيڻ.



پڙايو ڏسان؟

راشٽرپتي ڪنهن اهم عام جي مسئلي تي سپريم ڪورٽ کان صلاح ڇو وٺندو آهي؟

## ٽڪر پڙهو ۽ لکو

**عدالتي جائزو :** سپريم ڪورٽ جي اڃا هڪ اهم جوابداري آهي جوڙجڪ جي حفاظت ڪرڻ، جوڙجڪ ديش جي بنيادي قائدو اهي. اها توهانکي ڄاڻ آهي. ان قاعدي جي ڀڃڪڙي ٿئي يا ان خلاف ڪو قاعدو سنسد پاس نٿي ڪري سگهي. ڪاروباري منڊل ۾ بہ هرهڪ ڪم ۽ نيتي جوڙجڪ سان ٺهڪندڙ هئڻ گهرجي سنسد جو ڪو قائدو يا ڪاروباري منڊل جي ڪا نيتي جوڙجڪ جي تجويزن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ هوندي تہ عدالت انکي بي قاعدي مقرر ڪري رد ڪندي آهي. عدالت جي ان حق کي عدالتي جائزي جو حق چئبو آهي.

عدالت کي اهڙو اڌڪار هئڻ گهرجي ڇا؟ پنهنجا ويچار ٻڌايو.

## هيٺيون مثال پڙهو

چونڊن ۾ بيهندڙ اُميدوارن کي عدالت سنڌس جائداد، ڪمائي ۽ تعليمي لياقت جي ڄاڻ قسمنامي ۾ ڏيڻ لاءِ چيو هو. اُميدوارن جي ڄاڻ موجب ووٽر ووٽ ڪري سگهن اهو مقصد ان پٺيان هو. اسانجي چونڊن جي ترتيب وڌيڪ شفاف بڻائڻ جي اها ڪوشش آهي نہ؟

ان بابت عدالت جا پيا بہ فيصلا آهن ڇا؟ ان بابت ڄاڻ حاصل ڪريو.

عام جي ڀلي لاءِ عرضيءِ جو يعني عام سوال حل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندڙ ناگرڪن، سماجڪ سنستائن يا غير سرڪاري سنستائن وسيلي سڄي جنتا طرفان عدالت ۾ داخل ڪيل عرضي عدالت ان تي ويچار ڪري فيصلو ڏيندي آهي.

**هاءِ ڪورٽ :** ڀارت جي سنگهه راجيهءِ هرهڪ گهٽڪ راجيہ لاءِ هڪ هاءِ ڪورٽ اسٿاپت ڪرڻ جو حق سنسد کي ڏنو آهي هاڻي اسانجي ديش ۾ ٢٤ هاءِ ڪورٽون آهن.

هاءِ ڪورٽ ۾ هڪ مکيہ جج ۽ ٻيا کي جج هوندا آهن. هاڻي ڪورٽ جي سيني ججن جي مقرري راشٽرپتي ڪندو آهي.



## ڪري ڏسو

ممبئي هاءِ ڪورٽ - مهاراشٽر، گوئا راجين ۽ دادرا نگر حويلي ۽ ديو دمن انهن مرڪزي ايراضين لاءِ آهي. هڪ کان وڌيڪ راجين لاءِ هوندڙ هاءِ عورٽن جا اڃا بہ مثال لکو.

## هاءِ ڪورٽ جا ڪم

* پنهنجي ڪيتر جي هيٺين عدالتن تي ضابطو رکڻ ۽ نظرداري ڪرڻ جو حق.
* بنيادي حقن جي بچاءَ لاءِ فيصلا ڏيڻ جو اڌڪار
* ضلع عدالتن جي ججن جي مقرريءَ وقت راجيپال هاءِ ڪورٽ جي صلاح وٺندا آهن.

**ضلع ۽ هيٺيون عدالتون :** جن عدالتن سان ماڻهن جو عام طوَر لاڳاپو ايندو آهي اهي آهن ضلع ۽ تعلقا سطح جون عدالتون هرهڪ ضلع عدالت ۾ هڪ ضلع جج هوندو آهي.

ڀارت ۾ قاعدي سرشتي جون بہ شاخائون آهن :

(١) ديواني قاعدا (٢) فؤجداري قاعدا

**ديواني قاعدا :** شخص جي حقن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ معاملا ان قاعدي ۾ ايندا آهن.

مثال، زمين نسبت تڪرار، ڀاڙي نسبت معاملا، طلاق، وغيره واسطيدار عدالت اڳيان عرضي داخل

ڪرڻ تي عدالت ان تي فيصلو ڏيندو آهي.

**فوجداري قاعدا :** سنجيده قسمن جا گناهه فوجداري قاعدي وسيلي حل ڪيا ويندا آهن. مثال چوري، ڌاڪو، ڏيتي ليتي لاءِ پيڙڻ، هتيا وغيره انهن گناهن ۾ پهريائين پوليس ۾ پهرين چاڻ احوال (ايف آءِ آر) داخل ڪبي آهي. پوليس ان جي چنڊڇاڻ ڪندي آهي ۽ پوءِ ڪورٽ ۾ مقدمو داخل ٿيندو آهي.

گناهه ثابت ٿيڻ تي وڌيڪ سزا ملندي آهي.

ڀارت جي عدالتي سرشتي جو ديش جي ترقيءَ ۾ گهڻو يوگدان آهي. عام ماڻهوءَ جي من ۾ به عدالتي سرشتي بابت عزت ۽ وشواس آهي. شخصي آزادي، سنگهه، راڄيه، جوڙجڪ جي حفاظت ڀارت جي عدالتي سرشتي ڪيو آهي. ڀارت جي لوڪ شاهي مضبوط ڪرڻ ۾ عدالتن جو وڏو هٿ آهي.

## اڀياس

١. ڏنل جوابن مان مناسب جواب چونڊي بيان وري لکو.

(١) قاعدا ............. ٺاهيندي ٺاهيندو آهي.

(الف) قاعدي ساز منڊل (ب) منتري منڊل

(ب) عدالتي منڊل (پ) ڪاروباري منڊل

(٢) سپريم ڪورٽ جي ججن جي مقرري ............. ڪندو آهي.

(الف) پرڌان منتري (ب) راشٽرپتي

(ب) گرهه منتري (پ) چيف جسٽس

٢. هيٺيان مُدا سمجهايو

(١) عدالتي جائزو

(٢) عام جي ڀلي لاءِ عرضي

٣. نوٽ لکو

(١) ديواني ۽ فوجداري قاعدا

(٢) عدالتي چستي

۴. هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب لکو

(١) سماج ۾ قاعدي جي ضرورت ڇو آهي؟

(٢) سپريم ڪورٽ جا ڪم سمجهايو.

(٣) ڀارت ۾ عدالت منڊل آزاد رکڻ لاءِ ڪهڙيون تجويزون ڪيل آهن؟

٥. خاڪو پورو ڪريو




### مشغولي

(١) توهانجي اسڪول ۾ عڪسي عدالت ٺاهي عام جي ڀلي جا سوال تيار ڪريو ۽ عڪسي عدالت ۾ پيش ڪريو.

(٢) ماستر جي مدد سان پهرين چاڻ احوال (FIR) ڪيئن داخل ڪيو آهي. انجي ترتيب ويچهي پوليس چونڪيءَ جو دؤرو ڪري سمجهو.

## ٥. راڄيہ سرڪار

اڳيئين باب تائين اسان سنگھ سرڪار جي سنسد ۽ ڪاروباري منڊل جو روُپ سمجھوسين. ڀارت جي گڏيل عدالتي سرشتي بابت بہ ڄاتوسين. ان باب ۾ اسان گھٽڪ راڄين يعني راڄيہ سرڪار جي ڄاڻ حاصل ڪنداسين.

سنگھ راڄيہ سرشتي ۾ سرڪارون ٻن سطحن تي ڪم ڪندڙن آهن. ديش جي سطح تي مرڪزي سرڪار (سنگھ سرڪار) ۽ پاڱائي سطح تي راڄيہ سرڪار ڪم ڪري ٿي. ڀارت ۾ ٢٩ گھٽڪ راڄيہ آهن انهن جو ڪاروبار اُتان جون راڄيہ سرڪارون هلائن ٿيون.

**پس منظر :** ڀارت جي جاگرافيڪل پکيڙ تمام گھڻي آهي ۽ آدمشماريءَ جي بناوت بہ گھڻي قسمي آهي. ٻولين، ڌرم، ريتي رواج ۽ پاڱائي روُپن ۾ علحدگي آهي. اهڙي حالت ۾ هڪ مرڪزي هنڌ تان سرڪار هلائڻ سهوليت ڀريو نہ آهي اهو ڏسي ڀارتي جوڙجڪ سنگھ سرڪار سرشتو اختيار ڪيو. گھٽڪ راڄين ٻولين موجب ٺاهيا وڃن اهو طيءِ ٿيو ان موجب ٻولين وارا راڄيہ ٺهيا.

ڀارت جي سيني گھٽڪ راڄين جي سرڪارن جو سياسي روُپ ساڳيو آهي. فقط جمون ڪشمير ان ۾ الڳ آهي. فقط جمون ۽ ڪشمير ان ۾ الڳ آهي. اسان مهاراشٽر نسبت گھٽڪ راڄين جي سرڪاري سرشتي جو روُپ سمجھنداسين.

> **ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟**
>
> ڀارت ۾ ٢٨ گھٽڪ راڄيہ آهن تہ بہ وڌان سڀائون ٣١ آهن جو تہ دهلي، پُڊُچيريءَ ۽ جمو ۽ ڪشمير مرڪزي ايراضين ۾ وڌان سڀا آهي.

**راڄيہ سرڪار جو وڌي منڊل :** مرڪزي سطح تي سنسد وانگر راڄيہ سرڪار سطح تي هرهڪ راڄيہ ۾ وڌي منڊل آهي فقط سٽن راڄين جو وڌي منڊل ٻن سڀا گھرن وارو آهي. انهن مهاراشٽر پڻ شامل آهي وڌي منڊل جي ميمبرن کي عامدار چئبو آهي.

**مهاراشٽر جو وڌي منڊل :** مهاراشٽر ۾ وڌان سڀا ۽ وڌان پريشد اهي بہ سڀاگھر آهن.



وڌان ڀون، ممبئي

**وڌان سڀا :** مهاراشٽر وڌي منڊل جو اهو پهريون سڀاگھر آهي. انجي ميمبرن جو تعداد ٢٨٨ آهي. اينگلوانڊين سماج کي گھربل عيوضيپڻو نہ ملڻ جي حالت ۾ راڄيہ پال ان سماج جو هڪ عيوضي وڌان سڀا تي ٺاڦيندو آهي. انوسُوچت ڄاتين ۽ انوسُوچت جماعتن لاءِ ڪُجھ جڳهيون محفوظ ڪيل هونديون آهن. چونڊن لاءِ مهاراشٽر کي ٽڪن ۾ ورهائي ويندو آهي. هرهڪ ٽڪ مان هڪ عيوضي چونڊيو ويندو آهي.

وڌان سڀا جو مدو پنج سال هوندو آهي غير معمولي حالتن ۾ وڌان سڀا جون چونڊون مُدي کان اڳ سگھن ٿيون ٢٥ سال عمر وارو ڪوبہ ڀارتي ناگرڪ جيڪو مهاراشٽر ۾ رهي ٿو اهو وڌان سڀا جي چونڊون لڙي سگھي ٿو.

**وڌان سڀا اڌيڪش :** وڌان سڀا جو ڪم ڪار اڌيڪش جي ضابطي ۽ رهبريءَ هيٺ ملي ٿو. چونڊجي آيل ميمبر پاڻ مان اڌيڪش ۽ اپ اڌيڪش جي چونڊيندا آهن. سڀاگھر جو ڪم ڪار انتظام موجب هلي ان لاءِ ڪاروائي نامو ٺاهڻ کان

غير سنسديه وهنوار ڪندڙ ميمبر کي مهمل ڪرڻ تائين ڪيترائي ڪم اڏيڪش کي ڪرڻا پوندا آهن اڏيڪش جي غير حاضريءَ ۾ اها جوابداري اُپ اڏيڪش نباهيندو آهي.

مهاراشٽر جي وڌان منڊل جا سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي اجلاس ٿيندا آهن. بجيٽ ۽ چؤماسي وارو اجلاس ممبئيءَ ۾ ٿيندو آهي ۽ سياري وارو اجلاس ناگپور ۾ ٿيندو آهي.

**وڌان پريشد :** اهو مهاراشٽر جي وڏي منڊل جو ٻيون سڀاگهر آهي اهو اڻ سڌي نموني سماج جي الڳ الڳ طبقن طرفان چونڊيو ويندو آهي. مهاراشٽر جي وڌان پريشد جي ميمبرن جو ڪل تعداد ٧٨ آهي. ان ۾ مان ڪلا، ساهت، وگيان، سماج سيوا ان ڪيترن جي ماهرن کي راجيه پال ٿاڦيندو آهي ۽ بچيل عيوضي وڌان سڀا، مڪاني سرڪاري سنسٿائون، ماستر تڪ گريجوئيٽ تڪ مان چونڊيا ويندا آهن.

وڌان پريشد مڪمل طؤر برخواست نه ٿيندي آهي. ان مان مقرر ميمبر هر ٻئين سال رٽاير ٿيندا آهن ۽ اوترا ميمبرن جي وري چونڊ ٿيندي آهي. وڌان پريشد جو ڪم ڪار وڌان پريشد سڀاپتيءَ جي ضابطي ۽ رهبريءَ هيٺ هلندو آهي سڀاپتيءَ جي غير حاضريءَ ۾ اپ سڀاپتي ڪم ڪار هلائيندو آهي.

**مهاراشٽر جو ڪاروباري منڊل :** مهاراشٽر جي ڪاروباري منڊل ۾ راجيه پال، مکيه منتري ۽ منتري منڊل شامل آهن.

**راجيه پال :** مرڪزي سطح تي راشٽرپتيءَ وانگر راجيه سرڪار سطح تي راجيپال نالي لاءِ اڳوان هوندا آهن.

راجيه پال کي راشٽرپتي مقرر ڪندو آهي ۽ راشٽرپتيءَ جي مرضيءَ تائين راجيه پال کي ٻه قاعدن نسبت ڪي اهم حق آهن. مثال، وڌان سڀا ۽ وڌان پريشد جا پاس ڪيل نهراءَ راجيه پال جي صحيءَ کانپوءِ ئي قاعدي جو روپ اختيار ڪري ٿو. وڏي منڊل جو اجلاس ڪوٺائڻ جو حق راجيه پال کي هوندو آهي. وڏي منڊل جو اجلاس نه هئڻ وقت ڪو قاعدو ڪرڻ جي ضرورت پوڻ تي راجيه پال خاص حڪم ڪڍي سگهندو آهي.

**مکيه منتري ۽ منتري منڊل :** وڌان سڀا ۾ جنهن ڌر کي گهڻائي ملي تي انجو اڳوان مکيه منتري چونڊيو وڃي ٿو. مکيه منتري پنهنجي ڀروسي مند ساٿين کي منتري منڊل ۾ شامل ڪندو آهي. مکيه منتري پرڌان منتريءَ وانگر ڪاروباري اڳوان هوندو آهي. راجيه جو سچو ڪاروبار راجيه پال جي نالي سان هلندو آهي پر رُوبرو سچو ڪاروبار مکيه منتري هلائيندو آهي.

### مکيه منتريءَ جا ڪم :

**منتري منڊل ٺاهڻ :** گهڻائي ثابت ٿيڻ تي مکيه منتري سڀ کان پهريائين پنهنجو منتري منڊل ٺاهيندو آهي. اهو ڪم ڏکيو آهي ڇو ته منتري منڊل وڌ ۾ وڌ سمائيندڙ ٿيڻ لاءِ سڀني ايراضين، جدا جدا سماجڪ جڙُن (انوسوُچت جاتين، جماعتن، ٻين پٺتي پيلن، عورتن، تورائيءَ وارن) کي شامل ڪرڻو پوندو آهي. صاف گهڻائي نه هئڻ وقت ڪي ڌُريون گڏ اچي سرڪار ٺاهينديون آهن. ان وقت سڀني ڌرن کي شامل ڪرڻ جو ڏکيو ڪم مکيه منتري ڪندو آهي.

**کاتن جي ورهاست :** منتري منڊل ٺاهڻ کانپوءِ مکيه منترين ۾ کاتن جي ورهاست ڪندو آهي. ورهاست ڪرڻ وقت منترين جو آزمودو، ڪاروباري هنر، ماڻهن جي چاهه، اڳواڻي وغيره ڳالهيون ڏسڻيون پونديون آهن.

**کاتن ۾ ميلاپ :** مکيه منتري ۽ سندس منتري منڊل گڏيل وڌان سڀا جي ڪم جي جوابداري مکيه منتريءَ جي آهي. کاتي - کاتي جي وچ ۾ گڏيل ڪم ۽ اُن جو نتيجو شاسن جي ڪاروبار تي ٿيندو. مطلب ته مکيه منتريءَ جي کاتي کان پوءِ پري ڪرڻ سڀني کاتن کي گڏيل ڪم ڪندا آهن يا نه تو لڳي.

**راڄيہ جي ايامڪاري :** پرڌان منتري جي ايامڪاريءَ ۾ آديش انوسار مکيہ منتري راڄيہ جي ديکہ ريکہ ڪندو. اسان جو راڄيہ لوڪتنتر جي هِت، اُنهن جي سمسيا ۽ لڪشيہ جي آڌار تي نئين طريقي جي آڌار تي مکيہ منتري ڪاروبار ڏنل آهي.راڄيہ جي جنتا مکيہ منتريءَ کي اسانجا مسئلا حل ڪندڙ شخص طؤر ڏسندي آهي. راڄيہ جي مسئلن کي جلد سمجهي ان تي سرڪار طرفان ڪاروائيءَ جو پروسو مکيہ منتريءَ ڏئي تہ ماڻهن کي آٿت تيندو آهي.

مهاراشٽر راڄيہ ڀارت جو هڪ ترقي ڪيل راڄيہ آهي. تعليمي، اديوگہ، سيوائون، صحت ۽ سماجڪ حفاظت وغيرهہ بابت اهو اڳتي آهي. دهشتوادي ڪاروايون ۽ ڪن ڀاڱن ۾ نڪسلواد اسانجي راڄيہ اڳيان بہ وڏيون للڪارون آهن.

## اڀياس

**١. ڏنل جوابن مان مناسب جواب چونڊي بيان پورا ڪريو.**

(١) مهاراشٽر وڌي منڊل جو سياري وارو اجلاس ............ ۾ ٿيندو آهي.
(الف) ممبئي (ب) ناڳپور
(ب) پڻي (پ) اؤرنگاباد

(٢) راڄيپال جي مقرري ............... ڪندو آهي.
(الف) مکيہ منتري (ب) پرڌان منتري
(ب) راشٽرپتي (پ) چيف جسٽس

(٣) راڄيہ وڌي منڊل جو اجلاس ڪوٺائڻ جو ۽ حق ......... کي هوندو آهي.
(الف) مکيہ منتري (ب) راڄيہ پال
(ب) راشٽرپتي (پ) سڀاپتي

**٢. خاڪو پورو ڪريو**

| نمبر | سڀاگهر | مُدو | ميمبر تعداد | مقرريءَ جو روپ | پرمُکہ |
|---|---|---|---|---|---|
| | وڌان سڀا | | | | |
| | وڌان پريشد | | | | |

**٣. نوٽ لکو**

(١) راڄيپال (٢) مکيہ منتريءَ جا ڪم

**۴. هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب لکو.**

(١) وڌان سڀا جي اڌيکش جا ڪم سمجهايو.
(٢) ڀارتي جوڙجڪ سنگهہ سرڪار سرشتو ڇو اختيار ڪيو؟
(٣) ڪاتن جي ورهاست وقت مکيہ منتري کهڙيون ڳالهيون ڏسندو آهي؟

**مشغولي**

مهاراشٽر سرڪار جي سرڪاري ويب سائيٽ تي وڃو، الڳہ الڳہ منترين ۽ سندن ۾ ڪاتن جي ڄاڻ گڏ ڪريو.

BCCEDF

# ٦. نؤڪر شاهي

ڪليڪٽر ميربنديءَ جو حڪم ڪڍيو.

مهاپالڪا ڪمشنر بجيٽ پيش ڪيو

مالي سيڪريٽريءَ جي اِستعفا

وياپَرُ ڪمشنر محصول جو جائزو ورتو

مٿين چؤڪنڊي ۾ ڪليڪٽر، مهانگر پالڪا ڪمشنر، مالي سيڪريٽري، وياپَرُ ڪمشنر انهن عهدن جو ذڪر آهي. سرڪار جي ڪاروباري سرشتي ۾ اهي سنڌي عملدار آهن سندن ڪم ڇا آهن ان بابت توهان سوچيندا هوندا؟

ڪاروباري منڊل واري باب ۾ اسين ڏٺو ته پرڌان منتري ۽ سنڌس منتري منڊل قاعدن جون رٿائون ٺاهي ٿو، نيتيون طيءِ ڪري ٿو. سرڪار جون نيتيون روبرو عمل ۾ آڻيندڙ ۽ ڪاروباري منڊل جي ضابطي هيٺ وڏي انتظام واري سرشتي کي نؤڪر شاهي چئجي ٿو. هن باب ۾ اسين نؤڪر شاهيءَ جي اهميت ڏسنداسين.

ڪنهن به ديش جي سرڪار کي ٻن قسمن جا ڪم ڪرڻا پوندا آهن.

(١) پرڏيهي حملن ۽ اندرين حفاظتي خطرن کان ديش کي محفوظ رکڻ ۽ ناگرڪن جو بچاءُ ڪرڻ.

(٢) ناگرڪن کي الڳ الڳ شيوائون ڏيئي سندن زندگي سؤلي ڪرڻ جيئن سماج جو واڌارو ٿي سگهي.

انهن مان پهرئين ڪم لاءِ ديش جو بچاءُ سرشتو تيار رهي ٿو. انهن ۾ حفاظت لاءِ ملڪي شيوائن ۾ مدد ڪندا آهن.

انهن شيوائن کي اسان 'لشڪري شيوائون' چوندا آهيون. ٻئي ڪم لاءِ اِنتظار جي سرشتو چئجي ٿو. انهن کي سنڌي شيوائون چئجي ٿو. سنڌي شيوڪن جي وڏي سرشتي کي نؤڪرشاهي به چئجي ٿو.

سنسد واري لوڪشاهيءَ ۾ ماڻهن جا چونڊيل عيوضي ۽ منترين تي ڪاروباري جوابداري هوندي آهي. سرڪار جا ڪم ڪاتن معرفت ٿيندا آهن. هرهڪ ڪاتي جو هڪ منتري هوندو آهي جيڪو ان ڪاتي جو سياسي اڳوان هوندو آهي. عام جي عيوضي روُپ ۾ منتريءَ کي ڪاتي جو ڪاروبار ماڻهن جي ڀلائيءَ کي خيال ۾ رکي هلائڻو پوندو آهي. منتري ان ڪاتي جو پل ماهر نه پنهنجي پر ڪيس ماڻهن جي فائدي جي سمجھ هوندي آهي. منترين جي ڪاتي جا سيڪريٽري اها ماهر صلاح ڏيندا آهن. اهي سيڪريٽري سنڌي شيوا مان مقرر ڪيا آهن. ماڻهن جي اڇا ۽ انتظامي ماهريت جو ميلاپ سنسد واري سرشتي ۾ ٿيندو آهي.

**نؤڪرشاهيءَ جو روُپ :**

- **دائما عملو :** ڀل ڳڏ ڪندڙ، پسگردائيءَ جو بچاءُ ڪندڙ، قاعدو ۽ بندوبست ٻڌائيندڙ سماجڪ حفاظت ڏيندڙ اها نؤڪرشاهي پنهنجو ڪم سانده ڪندي رهندي آهي ڇو ته اها دائما آهي هر چونڊ ڪانپوءِ نئون پرڌان منتري ۽ منتري منڊل ستا ۾ ايندو آهي پر نؤڪر شاهي ساڳي هوندي آهي. انجو وجود قائم دائم هوندو آهي.
- **سياسي بي طرفدار :** نؤڪرشاهي سياسي طؑور بي طرفدار هوندي آهي. يعني سرڪار ڪنهن به ڌر جي ڇو نه هجي نؤڪر شاهيءَ کي سرڪار جي نيتين تي عمل ساڳي ايمانداري ۽ قابليت سان ڪرڻ گهرجي.

ان نسبت سنڌي عملدارن کي سياسي سوچ نه رکڻ گهرجي ۽ ان موجب ڪم ڪرڻ نه گهرجي. چونڊن ۾ هارڻ ڪانپوءِ ڪا ڊر سنا ڪان پري ٿيندي آهي ۽ بي ڊر جي سرڪار ٺهندي آهي. پهرين سرڪار جون ڪجهه نئيون بي سرڪار بدلي سگهي ٿي ان حالت ۾ نؤڪرشاهيءَ کي بي طرفداريءَ سان پنهنجي جوابداري نباهڻ گهرجي.

• **بي نام رهڻ :** ان جو مطلب آهي ڪنهن نيتيءَ جي ڪاميابيءَ يا ناڪاميابيءَ لاءِ نوڪرشاهيءَ کي سڌو جوابدار نه سمجهي ان کي بي ناد رکڻ پنهنجي کاتي جو ڪاروبار سُني نموني هلائڻ اها منتريءَ جي جوابداري آهي. ڪنهن کاتي جي ڊلي ڪاروبار لاءِ به ان منتريءَ کي ئي جوابدار مڃيو آهي. سنڌي عملدار تي ظاهري نيڪا نه ٿيندي آهي. سنسد به کاتي جي غير وهنوار لاءِ منتريءَ کي ئي جوابدار مڃيندي آهي ان نسبت منتري پاڻ جوابداري کڻي نؤڪرشاهيءَ کي بچائيندو آهي.

### ڀارت ۾ نؤڪرشاهيءَ جي اهميت :

ڀارت ۾ نؤڪرشاهيءَ جي بناوت بيحد ڪشادي پيچيدي آهي. آزاديءَ جي وقت کان جيڪي اهم بدلاوَ ڪيا ويا آهن انهن کي هن عملي اثردار نموني عمل ۾ آندو آهي. اڄ اسانکي جيڪي ڪيترائي سُنا بدلاوَ نظر اچن ٿا اهي ڀارتي نؤوڪرشاهيءَ جي اثردار نموني ماڻهن تائين پهچائڻ سبب آهن. نؤڪرشاهيءَ سبب راڄ ڪاروبار کي استرتا ملي ٿي.

پاڻي پهچائڻ، عام صفائي، آمدرفت، صحت، ڪيتي سڌارڻ، غلات روڪڻ وغيره شيوائون اسانکي سانده ملن ٿيون ان سان سماج کي ٿانئيجي زندگي ملي ٿي.

پيو ته نؤڪرشاهي پڻ سماجڪ بدلاوَ جو هڪ وسيلو آهي. عورتن جو مضبوط ڪرڻ، ٻارن جو بچاءُ، ڪمزور عبقن لاءِ يوجنائون وغيره بابت سرڪار جيڪي قاعدا ناهيندي آهي اهي عمل ۾ آڻڻ جو ڪم نؤڪرشاهي ڪري ٿي نيتين جي عمل سان سماجڪ تبديليون اچن ٿيون.

نوڪرشاهيءَ جو سماج ۾ لوڪشاهي آڻڻ ۾ به اهم رول آهي. محفوظ جڳهين جي نيتي عمل ۾ آڻڻ سبب ڪيترائي وانجهيل جُزا هاڻي مکيه ڌارا ۾ آيا آهن فيصلا ونڻ ۾ سندن وياڳ وڌيو آهي اهڙي نموني سماج ۾ لوڪشاهيءَ پختي ڪرڻ لاءِ جيئن ترقي ڪندڙ قاعدن جي ضرورت آهي تيئن نؤڪرشاهيءَ جو چست ٻهرو به ضروري آهي.

### ڀارت ۾ سنڌي شيوائون :

ڀارت ۾ سنڌي شيوائن جا مکيه ٽي قسم آهن.

**(۱) اکل ڀارتيه شيوائون :** ڀارتي انتظامي شيوائون (IAS) ڀارتي پوليس شيوا (IPS) ڀارتي جن شيوا (IRS) اهي ان ۾ شامل آهن.

**(۲) مرڪزي شيوائون :** اهي مرڪزي سرڪار جي اختياريءَ هيٺ هونديون آهن. ڀارتي وديش شيوا (آءِ پي ايس) ڀارتي محصول شيوا (IRS) وغيره

**(۳) راجيه شيوائون :** اهي راجيه سرڪار جي اختياريءَ هيٺ هونديون آهن.

ڊيپوٽي ڪليڪٽر، گڏ وڪاس اڌڪاري، تحصيلدار وغيره اهي چاپيتي امتحان مان چونڊيا ويندا آهن.

لياقت ۽ قابليت جي ڪسوٽيءَ تي سنڌي شيوڪن جي چونڊ ٿئي ان لاءِ ڀارتي جوڙجڪ لوڪ سيوا آيوگ جهڙي الڳ عملو ناهيو آهي. مرڪزي لوڪ شيوا آيوگ (UPSC) اکل ڀارتي شيوا ۽ مرڪزي شيوائن لاءِ چاپيتي امتحان وٺي اميدوار چونڊيندي آهي ۽ سرڪار سندن مقرري ڪندي آهي. مهاراشٽر لوڪ شيوا آيوگ (MPSC) مهاراشٽر جي سنڌي شيوائن لاءِ امتحان ذريعي اُميدوار چونڊيندي آهي ۽ سندن مقرريءَ لاءِ سرڪار کي سفارش ڪندي آهي.

نوڪر شاهيءَ سنڌي شيوائن ۾ بہ سماج جي سيني جزن کي عيوضيپٽو ملي ان لاءِ انوُسوُچت جاتين ۽ جماعتن، عورتن، بين پنتي پيلن ۽ خاص لياقت وارن لاءِ جڳهيون محفوظ ڪري ڪين موقعا ڏنا ويا آهن. سماجڪ ويچ سبب ڪمزور طبقا ان ڪان وانجهيل نہ رهن ان لاءِ اها تجويز ڪيل آهي.

**منتريءَ سنڌي شيوڪ :** منتريءَ ان ڪاتي جي سنڌي شيوڪن يا سيڪريٽري، اپ سيڪريٽري عهدي جي ماڻهن ۾ ناتن تي ان ڪاتي جي ڪم ڪار مدار رکي ٿو. ڪاتي نسبت فيصلا منتري وٺندو آهي پر اهو فيصلو وٺڻ لاءِ ضروري ڄاڻ سنڌي شيوڪ ڏيندا آهن. سنڌي شيوڪن يعني نؤڪرشاهيءَ جو ڄاڻ تي پورو ضابطو هوندو آهي ڪنهن يوجنا لاءِ ڪيترو ناڻو مؤجود آهي اهو فقط سنڌي نؤڪر تي ٻڌائي سگهندا. ڪين نسبتين جي ڪاميابي - ناڪاميابيءَ اتهاس جي ڄاڻ هوندي آهي. ان ڪري منترين ڪي سني سيوڪن تي مدار رکڻو پوندو آهي. منترين جي سنڌي شيوڪن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ تي سنڌن ناتن ۾ آپسي وشواس شفافو هئڻ سان ڪاتي جو ڪاروبار سُٺي نموني ٿي سگهندو.

## ابياس

**١. هيٺيان بيان صحيح آهن يا غلط اهو سُڃاڻي غلط بيان درست ڪريو.**

(١) سنسد واري لوڪشاهيءَ ۾ ماڻهن جي چونڊيل عيوضين ۽ منترين تي انتظام جي جوابداري هوندي آهي.

(٢) مرڪزي لوڪ سيواآيوڳ (يو پي ايس سي) مهاراشٽر جي سنڌي شيوائن لاءِ چٽاپيٽي امتحانن ذريعي اُميدوار چونڊيندو آهي.

**٢. هيٺيان بيان سبب ڏيئي سمجهايو.**

(١) سنڌي شيوائن مه جڳهيون محفوظ ڪرڻ جي نيتي آهي.

(٢) سنڌي شيوائن ڪي سياسي طوُر جي طرفدار رهڻ گهرجي.

**٣. هيٺين سوالن جا جواب ٢٥ کان ٣٠ لفظن ۾ لکو.**

(١) ڪاتي جو ڪاروبار سٺي نموني هلائڻ لاءِ منتري ۾ سنڌي شيوڪن ۾ ناتا - وهنوار ڪيئن هئڻ گهرجي؟

(٢) نؤڪرشاهيءَ اسان راڄ ڪاروبار ۾ اسٽرنا ڪيئن اچي ٿي سمجهايو.

**٤. هيٺيون چٽر پورو ڪريو.**

| سنڌي شيوائن جا قسم : | | |
|---|---|---|
| ................ مثال ................ | مرڪزي شيوا ................ مثال ................ | مثال گٽ وڪاس اڌڪاري تحصيلدار |

**٥. نؤڪرشاهيءَ جو روُپ سمجهايو**

## مشغولي

توهانجي آس پاس سنڌي شيوائن ۾ ڪم ڪندڙ ڪنهن عملدار جي ملاقات وٺڻ لاءِ سوال نامو ناهيو ۽ ملاقات وٺو.

BCLAF3

# छत्रपती शिवाजी महाराज स्मृतिग्रंथ

- सामान्य रयतेच्या कल्याणासाठी स्थापन केलेल्या स्वराज्य स्थापनेची कथा उलगडणारे पुस्तक.
- छत्रपती शिवाजी महाराजांच्या उत्तुंग कार्य व त्यामागची तेवढीच उत्तुंग व उदात्त भूमिका वाचकांसमोर आणणारे प्रेरणादायी वाचन साहित्य.
- इतिहास वाचनासाठी पूरक असे संदर्भ पुस्तक.













- इतिहास वाचनासाठी पूरक अशी संदर्भ पुस्तके.
- निवडक लेखक, इतिहासकारांचे प्रेरणादायी लेख.

पुस्तक मागणीसाठी www.ebalbharati.in, www.balbharati.in संकेतस्थळावर भेट द्या.

**साहित्य पाठ्यपुस्तक मंडळाच्या विभागीय भांडारांमध्ये विक्रीसाठी उपलब्ध आहे.**

ebalbharati

विभागीय भांडारे संपर्क क्रमांक : पुणे - ☎ २५६५९४६५, कोल्हापूर- ☎ २४६८५७६, मुंबई (गोरेगाव) - ☎ २८७७१८४२, पनवेल - ☎ २७४६२६४६५, नाशिक - ☎ २३९१५११, औरंगाबाद - ☎ २३३२१७१, नागपूर - ☎ २५४७७१६/२५२३०७८, लातूर - ☎ २२०९३०, अमरावती - ☎ २५३०९६५









مهاراشٽر راجيه پاٺيه پُستڪ نرمتي واڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي

इतिहास व नागरिकशास्त्र इ.८वी (सिंधी माध्यम)

₹ 42.00